هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجھر

**ڇھ ماهي**

**[تحقيقي جرنل]**

ISSN# 2222-2375

جلد– 19، شمارو 32، ڊسمبر 2025ع

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر سيما ابڙو**

سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،

عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

## سرپرست اعليٰ

**پروفيسر ڊاڪٽر ضابطہ خان شنواري**

(وائيس چانسلر، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي)

## سرپرست

**پروفيسر ڊاڪٽر شاهد اقبال**

(ڊين، آرٽس فيڪلٽي، وفاقي اردو يونيورسٽي، عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي)

- **ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي

- **ڊاڪٽر نواز علي شوق**

اڳوڻو چيئرمين سنڌي شعبو

ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي

- **ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل،

ڪاليجز سنڌ، ڪراچي

- **ڊاڪٽر نور افروز خواجہ**

اڳوڻي ڊين،

آرٽس فيڪلٽي،

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي**

اڳوڻو چيئرمين،

سنڌي شعبو بمبئي يونيورسٽي، انڊيا

- **ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي**

اڳوڻو پرنسپل، ايس ڊي ٽي ڪالاڻي ڪاليج آف

آرٽس، سائنس اينڊ ڪامرس، انڊيا

- **ڊاڪٽر منوهر لال مٽلاڻي**

هيڊ، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي،

يونيورسٽي آف ممبئي،

ويدانگري ڪيمپس، ممبئي، انڊيا

- **ڊاڪٽر وندنا اشوڪ**

راموالي جونيئر ڪاليج سنڌي،

جي.ايم.ساڌ ٻيلا گرلز جونيئر ڪاليج، انڊيا

<u>**ماهرن جي ڪاميٽي**</u>

- **پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم(ادل سومرو)**

اڳوڻو چيئرمين،
سنڌي شعبو
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

- **پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

اڳوڻو ڊين،
آرٽس فيڪلٽي،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **ڊاڪٽر محمد عابد شاهہ (عابد مظهر)**

اڳوڻو چيئرمين،
سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

- **ڊاڪٽر رشد الله شاهہ (مخمور بخاري)**

اسسٽنٽ پروفيسر،
سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**

ايسوسيئيٽ پروفيسر،
نيشنل انسٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز،
قائد عوام يونيورسٽي، اسلام آباد

- **ڊاڪٽر شير محمد (شير مهراڻي)**

اسسٽنٽ پروفيسر،
سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

- **ڊاڪٽر رحيم بخش مهر(مهر خادم)**

اڳوڻو چيئرمين،
سنڌي شعبو
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

- **ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو**

اسسٽنٽ پروفيسر،
پاڪستاني ٻولين وارو شعبو
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

# Editorial Board's Policies

**Review Process:**

All manuscripts are reviewed by an editor and members of the editorial board or qualified outside reviewers. Decision will be made as rapidly as possible and the journal strives to return reviewer's comments to authors within twoweeks.

**Articles:**

The paper must be typed for Sindhi (in MB Lateefi Font size 13), Urdu (in Noori Nastaleeq fontsize 14) and English (in Times New Roman fontsize 12) with double spaced on A-4 size paper.

The title should be brief phrasedescribing the contents of the paper. The title pages should include the author'sfull names and affiliations. All manuscripts to be send in hard copy along withthe text in CD to mailing address of Department of Sindhi, FUUAST, and also through email to: karoonjhar.rj@gmail.com, ihussain.laghari@fuuast. edu.pk

**Abstract:**

The abstract should be informative and completely self-explanatory, brieflypresent the topic and state the scope of work. The abstract should be 100 to 200words in length.

**Tables and Figures:**

Tables should be kept to a minimum and be designed to be as simple aspossible. Figure legends should be typed in numerical order on a separate sheet .Graphics should be prepared using applications capable of generating highresolution GIF, TIFF, JPEG or Power Point before pasting in Microsoft Wordmanuscript file. Tables should be prepared in Microsoft Word or Microsoft Publisher.

**Acknowledgement:**

The acknowledgement of people,grants, funds etc should be brief.

**References:**

In the text, a reference identified by means of an author's name should befollowed by the year of the reference in parentheses. Patterns are as following:

**سنڌي:**

خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر، "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر"، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز ڪراچي، 2010ع، ص: 404

**اردو:**

سید، مظہر جمیل، "جدید سندھی ادب،(میلانات.رجحانات.امکانات)"، اکادمی بازیافت، (دوسری اشاعت)،2007ع،ص:

English:

Deuze, M., "Professional identity and ideology ofjournalistsReconsidered", Journalism, Vol. 6, No. 4, 2005, Page No. 422-464

You can follow the given other patterns in this journal also.

Copyright:

All the statements of fact and opinion expressed in this journal are thesole responsibility of the authors, and do not imply and endorsement on part orwhole in any form/shape whatsoever by the editors or publishers.

# فهرست


ايڊيٽوريل ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري 07


## مقالا


1. سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت سنسڪرتي نظريي جو تنقيدي اڀياس
ڊاڪٽر غفور ميمڻ 09
2. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ حرف ندا جو استعمال:
تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو ڊاڪٽر شير مهراڻي 19
3. سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسندي فِڪر جو جائزو
ڊاڪٽر ربڏنو (راز شاهاڻي) 32
4. مخدوم محمد امين فهيم جي غزل گوئي جون خوبيون
ڊاڪٽر اختر حسين گهنيو/ڊاڪٽر انورالدين ڪاڪا 43
5. شاھ لطيف جي سر سامونڊي ۾ آس ۽ اميد جو فڪر: هڪ تحقيقي
جائزو ڊاڪٽر قدير احمد ڪانڌڙو/ ڊاڪٽر احمد حسين ڪولاچي 54
6. سيد غلام رسول شاھ غمناڪ حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ انسان
دوستيءَ جو تصور پروفيسر ساجده پروين (ساپيان سانگي) 60
7. ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ جا موضوع انجنيئر زبير احمد ڪلوڙ 67
8. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور نديم بلوچ 88
9. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورتازاد جو تصور: هڪ تحقيقي
۽ تنقيدي جائزو منزه نظير 100
10. سائنس فڪشن تي سنڌيءَ ۾ لکيل پهريون ناول ”ٻاويھ سئو ٻاويھ“
جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو بيبي فاطمه ابڙو 110
11. ڳڀن لفظن جو جڙڻ: انهن جو لساني جائزو ۽ تاريخي پسمنظر
سردار علي چنڙ 119

# ايڊيٽوريل

پي ايڇ ڊي جي ريسرچ دوران جڏهن ڪارونجهر جي ٽڪري، جيڪا "ڪارونجهر جبل" جي نالي سان مشهور آهي، جو مشاهدو ڪيم ۽ تاريخي حوالي سان جڏهن مطالعو ڪيم ته پارڪر جي هن ماڳ مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. جيئن ته ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر مان، "ڪلاچي" ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڌي شعبي پاران "ڪينجهر" ريسرچ جرنل اڳ ۾ ئي شايع ٿي رهيا هئا. اسان سوچيو ته وفاقي اردو يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران به هڪ تحقيقي جرنل شايع ڪجي. خواهش سان گڏ اهو هڪ خواب پڻ هو.

نيٺ پنهنجي ان خواب ۽ خواهش کي مد نظر رکندي اڄ کان 15 سال اڳ وفاقي اردو يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران، "ڪارونجهر" ريسرچ جرنل شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو اڃان تائين جاري آهي. مون کي هن ريسرچ جرنل جو پهريون ايڊيٽر هجڻ جو شرف حاصل آهي. اڳتي هلي ڪجهه عرصو مرحوم ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو پڻ هن جرنل جو ايڊيٽر رهيو.

هن ريسرچ جرنل ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد H.E.C جي پاليسين ۽ هدايتن کي سامهون رکندي تحقيقي مقالا شايع ڪيا ويندا آهن. مقالي نگارن جي رهنمائي لاءِ رسالي جي ابتدائي صفحي تي هدايتون پڻ درج ٿيل آهن. جن کي سامهون رکندي محققن کي مقالا لکڻ جي دعوت ڏيندا رهيا آهيون، جيڪو سلسلو پڻ هلندڙ آهي. ڊسمبر 2025ع جو شمارو اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. ڪارونجهر تحقيقي جرنل وفاقي اردو يونيورسٽي جي هيٺين ويب پورٽل تي پڻ موجود آهي.

Karonjhar Research Journal

https://fuuast.edu.pk

اوهان جي تعاون ۽ تجويزن سان جرنل جو معيار اڃان وڌيڪ بهتر ڪري سگهجي ٿو.

**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

چيف ايڊيٽر ڪارونجهر ريسرچ جرنل

# سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت سنسڪرتي نظريي جو تنقيدي اڀياس

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

**Abstract:**

The first theory about the origin of the Sindhi language was presented by Ernest Trumpp. He claimed that Sindhi is a language derived from Sanskrit, a view initially accepted by many scholars in Sindh. Later, Dr Baloch outlined six principles of Dr G.A. Grierson (referred to as "Dr Shirt"), through which he demonstrated that Sindhi is not derived from Sanskrit, but rather belongs to the Dravidian language family. However, Dr Baloch put forward the theory that Sindhi is a language of the Semitic family. Following him, Siraj Sahib and Dr Ghulam Ali Alana also presented their own theories, rejecting the Sanskrit-origin theory. In this research, after examining the arguments of various scholars, we have concluded that Sindhi does not belong to the Sanskrit language family. The question of Sindhi's true origin still requires further investigation. However, examples from grammar, phonetics, and morphology show that the paths of Sanskrit and Sindhi are separate. Nonetheless, both languages have influenced each other. Sindhi is a dynamic language, possessing a vast stock of sounds, which should not be confused with vowel combinations. It features a distinct system of pronominal suffixes, and its method of verb conjugation is unique. Sindhi also contains many original letters that are not found in other languages, and these characters indicate the antiquity of the Sindhi language.

This paper examines various syntax principles, which shed new light on the origins of the Sindhi language and open up new avenues for further research.

سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت پهريون نظريو ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ ڏنو هو ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل آڏواڻي، وغيره سڀئي ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي.

پيرومل جو چوڻ هو تہ. ”سنڌ سمنڊ مان هٽي جڏهن پري ٿيو تہ سڀ کان پهرين هتي ڪول ۽ سنٿال آيا. جن جي ٻولي کي منڊا يا ڪولرين ٻولي سڏجي ٿو. انهيءَ نسل جا ماڻهو اڄ بہ سنڌ ۾ ڀيل، شڪاري، ڏڦير آهن. هنن جي ٻولي جا ڪيترائي لفظ سنڌي ۾ اڄ بہ رائج اهن. مثال انگن ۾ ڪوڙي ڪري ليکيندا هئا جنهن مطلب آهي ويهہ هن کي vigesimal system چئبو آهي.“[1] ان کان علاوه نقل ڪيل آوازن جي لفظن جو طريقو بہ ڪولن جو آهي. مثال ڪانءَ ڪانءَ، ميائون ميائون، ان کان علاوه ڪجهہ ٻٽن لفظن جو طريقو پڻ ڪولن جي دور جو آهي، جيئن گهٽگهرن، جٽجهڻ، ٽڪا ، لڪ لڪوٽي وغيره ڪولن ۽ سنٿالن بابت چوڻ آهي تہ اهي آسٽريليا کان چين واري واٽ وٺي سنڌ ۾ داخل ٿيا. اڄ بہ هندستان ۾ گهٽا شودر ڪول آهن. ان کان پوءِ آريا آيا جيڪي يورپ کان ايران واري واٽ وٺي آيا ڪي وري سمنڊ رستي آيا.

ڪنهن بہ ٻولي جي هڪجهڙائي معلوم ڪرڻ لاءِ لسانيات جي شاخ comparative Study ۾ ويٺو پوندو آهي. ڏسڻو پوندو آهي تہ منجهن ڪهڙا اصول مشترڪ آهن مثال:

صوتياتي سرشتي جو هڪجهڙائي.
لفظن جي ڏاتن جون هڪجهڙايون
اسمن ۽ فعلن جي گردانن جي هڪجهڙايون
صرفياتي هڪجهڙايون
صفت جي درجن جو هڪجهڙايون
ٻوليءَ جي عالمي قسمن جي انداز جون هڪجهڙايون
ڳالهائڻ وقت حرڪتي اصول جون هڪجهڙايون

اهي ڪجهہ اصول آهن ان کان علاوه ٻولي جون خصوصيتون بہ ڏنيون وينديون آهن.

هاڻي ڪجهہ ماڻهن بضد آهن تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي. يعني سنسڪرت پراڻ ٻولي آهي. جيئن پيرو مل جو چوڻ هو تہ سنسڪرت مان ڪجهہ پراڪرتون نهيون جن مان اپرنش نهي ان کان پوءِ وقت گذرڻ سان وري اپڀرنش بگڙي وراچڊ اپڀرنش نهي ان مان سنڌي ٻولي نهي.

اهڙي طرح ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڊاڪٽر شرٽ جي اصول کي ورجائيندي

اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي گهٽ ۾ گهٽ سنسڪرت مان ناهي نڪتي. جنهن جا ڇهه اصول ڏنا اٿس پر ڊاڪٽر شرٽ جو خيال هو ته سنڌي دراوڙي ٻولي آهي. پر بلوچ صاحب انهيءَ نڪتي تي پهتو ته سنڌي سامي صفت جي ٻولي آهي. (2)

سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت جيڪو نظريو ڏنو اهو سڀني کان مختلف هو هن نظريي مطابق سنڌي هن ڌرتي مان ڦٽي نڪتل آهي. جيڪا قديم ٻولي آهي خود سنسڪرت به سنڌي ٻولي مان نڪتل آهي. پر اڄ به وڪي پيڊيا ۾ سنڌي جا لفظ سنسڪرت مان ئي نڪتل ٻڌايل آهن.

"The base of its vocabulary is derived from Sanskrit the form of Prakrit and Apabhraṃśa" (3)

سنڌي سنسڪرت مان ڇو نڪتل ناهي؟

پهريون دليل ته سنڌي ٻولي حرڪت واري ٻولي آهي هن جي اکر تي حرڪت ايندي آهي، ڳالهائڻ وقت به اها حرڪت استعمال ٿيندي آهي. خاص طور سان آخري حرف تي وڌيڪ حرڪت ايندي آهي. مثال پرک + پَرکَ پ تي زبر آخر ۾ ک تي زبر. ڇت حرڪتي اصول موجب ح تي زبر ت تي زير ايندي. اسان جيڪڏهن ڪنهن کي سڏ ڪنداسين ته ان جي نالي پٺيان ڊگهو سر ملائينداسين مثال رفيق کي چونداسين رفيقَ +اَ هتي آخر ۾ اَ جو اچار ڊگهو ٿي ويندو. سنڌي ماڻهو ڪو به اردو يا انگريزي ۾ جملو ڳالهائيندو ته پڌرو ٿي پوندو. ڇو ته هو سندس مخصوص حرڪت واري اصول تي ڳالهائيندو. سنسڪرت ۾ حرڪت وارو اصول ناهي.

دليل :2 سنڌي ٻولي ۾ ڪڏهن به حرف صحيح به گڏجي نٿا اچن. هر حرف صحيح کان پوءِ حرف علت ايندو.

مثال: ڪڙڪ، ڪڪڙ وغيره ۾ ک +اُ ، ڙ ،ڪ اَ ، ٿيندو، ڪ+اُ ، ڪ + اُ ، ڪ +اُ ٿيندو.

مثال 2. ته ، هن لفظ ۾ ت + اَ ايندو. اهڙي طرح هر لفظ جي ڪنهن به

هڪ يا ٻن تي زور به اچي ٿو. مثال ڪاتو هن اکر ۾ "ت" تي زور موجود آهي. پر سنسڪرت ۾ به حرف صحيح گڏ ايندا آهن مثال پريم، جل ،شپت، وسپت. انگريزي ۾ تي حرف صحيح به گڏ اچن ٿا. مثال strength ۾ ايس ، ٽي

۾ آر ڳڌ اچار ۾ ايندا ،پر سنڌيءَ ۾ بہ حرف صحيح ڳڌ نٿا اچن. هڪ حرف ڪان پوءِ سر اچي ٿو.

مثال: سنڌي ۾ حرف صحيح ڳڌ نہ اچڻ ڪري ئي سنڌي ٻولي حرڪت واري يا متحرڪ لهجي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

دليل .3 سنسڪرت جو اشتقاق ڪنداسين تہ اهو هن ريت ٿيندو.

سم + ڪرت . جنهن جي معنيٰ آهي سم معني سنواريل سڌاريل

ڪرت معني ڪم.

معنيٰ سڌاريل ڪم . اها ٻولي جيڪا سڌاريل هجي.

پراڪرت جو اشتقاق ڪنداسين تہ هن ريت ٿيندو

پراچين + ڪرت معنيٰ قديم ڪم ، پراڻو ڪم [(4)].

هاڻي ٿورو غورو ڪريو پيرومل چوي ٿو سنسڪرت مان پراڪرت نهي ان مان اپڀرنش پوءِ ان مان سنڌي تہ جيڪا خود سڌاريل آهي ان مان قديم ٻولي ڪيئن نڪرندي؟ تنهن ڪري سنڌي سنسڪرت مان ڪيئن نڪتي. واحد بخش شيخ صاحب پنهنجي ڪتاب صرف و نحو ۾ لکي ٿو تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي سندس حرف عربي فارسي ڪي نج سنڌي باقي سنسڪرت جا آهن. نج سنڌي حرف ، ٻ، ڄ، ڳ ، ڏ آهن. [(5)]

حقيقت ۾ نج سنڌي لفظ ان ڪان علاوه ڃ، ڻ، بہ آهن. اهو سوال سيني عالمن اٿاريو آهي تہ سنڌيءَ سنسڪرت يا سامي سٽ يا عربيءَ مان نڪتل آهي تہ پوءِ سنڌيءَ ۾ نج سنڌي اکر ڪٿان آيا. جنهن جو جواب الانا صاحب بہ ڏنو هو تہ ”موهن جي دڙي واري تهذيب، آرين جي اچڻ ڪان اڳ جي تهذيب آهي، اها مڃيل ڳالهہ آهي تہ آريا سنڌو ماٿر ۾ ايران ڪان آيا. اهي بہ ڌار ڌار الڳ الڳ قبيلن جي صورت ۾ آيا“. [(6)]

دليل 4. سنڌي ٻولي سراج صاحب جي چوڻ مطابق ڦيرو ڪائيندڙ ٻولي آهي ڪجهہ جوڙ ڪائيندڙ بہ لفظ موجود آهن . چڙن پدن واريون ٻوليون الڳ ٿينديون آهن مثال جاپاني ٻولي . ٻيو جوڙ واريون ٻوليون مثال ترڪي. جنهن ۾ لفظ ڦيرو نٿا ڪائن. بلڪ جڙن ٿا. سنڌي ۾ ان جا مثال موجود آهن. مثال گهرائون، يا گهران. معنيٰ گهر ڪان ٽيون قسم ڦيري وارو ٿيندو آهي. سنڌي اصل ۾ ڦيرو ڪائيندڙ ٻولي آهي. [(7)]

مثال: ڏسو. ڏسان ، ڏسون ، ڏسن ، ڏسنداسين وغيره هاڻي اهو ڦيرو عربي ۾ انگريزي ۾ بہ موجود آهي پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ سنڌي ٻولي انگريزي مان نڪتي آهي.

دليل 5. سنڌيءَ ٻولي جا ڌاتو هوا، پاڻي مٽِي مان نڪتا آهن.

مثال "سو" ڌاتو آهي، چيو وڃي ٿو سنسڪرت جو آهي جنهن ۾ ارُ ڌاتو ملائڻ سان لفظ سور ٺهي ٿو. ٻئي طرف سو يا سئہ سراج صاحب جو چوڻ آهي تہ "سئہ ڌاتو جو سنڌيءَ ۾ فعلي صورتون موجود آهن، سئڻ، سڄڻ، سڄاڻ، سڻڻ، اهو اصل ڌاتو سنڌي جو آهي. سنڌي جي ڌاتن تي ڪم گهٽ ٿيو آهي پر سنڌي ٻولي جا ڌاتو 22 سئو کان مٿي آهن."[8] سڻڻ (فعل مصدر) ٻئي طرف سڻڻ، سڻ، سار، سئا، جنهن مان سڌ، هن ڌاتو مطلب آواز آهي. جنهن مان سئڻ، مفعولي صورت سڄڻ، سُ اڳتي هلي هڪ اڳيان جوڙ جي شڪل اختيار ڪري ويو جنهن جي معنيٰ اهي سٺو مثال: سڄاڻ، سپرين، سوير، سڳند، جنهن جو ضد ڪُ آهي معنيٰ خراب مثال : ڪوڙيون، ڪپرين ، ڪوير، ڪوبج وغيره.

دليل 6. سنسڪرت ۾ صفت جا درجا ٻئي طرح سان ٿيندا آهن. مثال پاپ مان پاپي ، پاييس، پاپيشٺ وغيره.

سنسڪرت ۾ صفت تفصيل ناهڻ لاءِ اسم پويان " تر" ملائبو آهي.

مثال دڪشڻ صفت ٿيندي دڪشٽتيہ معنيٰ ٿيندي ڏاڪڻو پريہ پريتر، پريتم وغيره.

آپ + تيہ آپتيہ معنيٰ پاڻيانو[9]

سنڌي ۾ اهي اصول ناهن، مثال خشڪ تر ۾ تر فارسي جي تر جو نعم البدل آهي. مثال چڱو جو صفت تفصيل چڱو تر ڪونہ ٿيندو، سٺو تر ڪونہ ٿيندو. باقي درجا تہ پيٽ سان ٿيندا آهن. جيڪي پڻ اختلافي آهن يا هٽ ٺڪيا آهن.

دليل 7. سنڌي ۾ ضمير متصل ٿيندا آهن. معنيٰ اسم يا ضمير جي پٺيان حرف "م" يا "ئہ" يا "س" ملائڻ سان معنيٰ نڪرندي منهنجو تنهنجو يا هن جو. مثال پيٽس، چاچس، وٽئہ ، پاڻم، ماڻس، ڪٽس، سندم وغيره

ضمير متصل يعني ضميريون پڇاڙيون سنسڪرت ۾ ناهن انهي ڪري سنڌي جو رستو الڳ آهي.

دليل 8: سنڌي ٻوليءَ جيڪڏهن سنسڪرت مان نڪتل آهي ته پوءِ سنڌي اکرن جو نج ذخيرو ڪٿان آيو. مثال ڳ ، ڱ، ٻ، ڏ ، ڃ، ڄ ،ڻ ڳ، اهڙا اکر آهن جيڪي سنسڪرت ۾ ناهن. ڀيرو مل جو خيال هو ته اهي اکر سرائيڪي مان آيا آهن.[10]

جڏهن ته سرائيڪي خود پنجابي ۽ سنڌي ٻولي مان نڪتل ٻولي آهي، سرائيڪي پلي پندرنهن صدي ۾ موجود هئي. پر سنڌي موهن جي دڙي کان اڳ موجود هئي.

دليل9: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خيال هو ته سنڌي ۾ حرف علت نه هئا. مثال گدڙ، ڪڪڙ وغيره پر پوءِ حرف علت عربي جي مهرباني سان سنڌيءَ ۾ آيا. جنهن تي تنقيد ڪندي سراج صاحب چيو ته سنڌي جا يارنهن حرف علت آهي.

اَ،اِ، اُ، آ، اي،اِي، اَيَ، او، اوُ، اَو، آئُو [11]

مثال گدڙ گ اِ + د اَ + ڙاُ .

پر حقيقت ۾ اهي حرف سر آهن، هتي حرف علت ۽ سرن ۾ مونجهارو آهي، انهن سرن کي ارنسٽ ٽرمپ به حرف علت لکيو آهي. سنڌي ۾ عام طور سان ا، و، ن ، ي حرف علت طور استعمال ٿيندا آهن. پر مثال نالو مون، منهنجو مان، هي، آهي، وغيره هنن ۾ ا، و، ن، ي سرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيل آهن، پر اهي حرف صحيح به آهن، جڏهن اسان نالو لفظ لکيو ته هتي "ن" حرف صحيح آهي، ياقوت ۾ "ي" حرف صحيح آهي، انسان ۾ "ا" الف حرف صحيح آهي، ان کان پوءِ سرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابن جو نظام موجود آهي جيڪو عربي کان ورتو ويو آهي. پر بحث وري به اهو آهي ته ڪا به ٻولي سرن کان بغير ڪانه ٿيندي آهي، سنڌي ۾ سر يارنهن ناهن وڌيڪ آهن.

ڊاڪٽر الانا جو چوڻ آهي ته اهي به سر ناهن پر سر آوازن جون لکيل صورتون آهن سرن جا به علامتي اکر لکيل آهن.[12] انهيءَ جو مطلب ته سر هجن يا حرف صحيح پر سڄي الفا بيٽ علامتي شڪليون آهن.

اصل ۾ سر هجن يا حرف صحيح پر لکيل علامتن ۾ ئي آهن. ڪو به حرف صحيح پنهنجي ليکي سر کان بغير اچاري به نٿو سگهجي. مثال "ٻ" هاٿي هن کي اسان ٻي چونداسين. اچار جو ڇيد ڪنداسين ته اهو ٻ + اي

ٿيندو. جنهن جو مطلب تہ سر حرف علت ناهن پر سر حرف حرڪت آهن، باقي حرف صحيح مئل آهن. يا حرف ساڪن آهن، جن کي سرن جي ذريعي اچاري سگهجي ٿو. تنهن ڪري دنيا ۾ ڪا بہ ٻولي سرن کان بغير ناهي ٿيندي.

مثال:

دليل 10. سنڌي ۾ ٻٽپ لاءِ واحد ۽ جمع هوندا آهن. جڏهن تہ سنسڪرت ۾ ٻٽپ لاءِ عدد جا ٽي قسم آهن واحد عدد، تثنيہ عدد جمع عدد. جيئن انگريزي ۾ pair لفظ ٻن شين جي نمائيدگي ڪندو آهي. جڏهن تہ عربي ۽ فارسي ۾ فلسفي ۾ ثنويت جو لفظ ۽ انگريزي ۾ Dual /Dualism موجود آهن. پر سنڌيءَ ۾ عدد تثنيہ ڪونهي ڊاڪٽر الانا صاحب جو چوڻ آهي تہ ڪجھ اسم ندائي حالت ۾ تثنيہ جو روپ وٺن ٿا. مثال ماڻهو او، ڪيچيو!، سينيا! ۽ جمع ۾ ماڻهوئا، ڪيچيا! وغيره.[13]

منهنجو خيال آهي تہ اهو بہ عدد تثنيہ ناهي بلڪ اسان احترامن تون کي توهان چوندا آهيون، يا جن لڳائيندا آهيون مثال. ميڊم جن، سائين جن، وغيره بلڪل اهڙي طرح بزرگو ماڻهو او ڪيچي او بہ احترامن آهي اهي عدد ناهن.

ڀٽائي جو بيت آهي تہ:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن، ماڙهنئا ميٹ گهٹو[14]
(ڏهر 4/7)

هتي لفظ ماڙهنئا استعمال ٿيل آهي. لاڙ ۾ ماڻهو کي ماڙهو چوندا آهن. تنهن ڪري شاهہ صاحب ماڙهنئا استعمال ڪيو آهي. جنهن جو مطلب عام طور تي ماڻهو جو جمع ورتو ويندو آهي، پر هتي ماڻهو ئا جو مطلب ماڻهو کان بہ آهي، مطلب سنڌي ۾ گهڻن لفظن ۾ حرف جر عام طور اسمن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال گهران معنيٰ گهر کان، اندران معنيٰ اندر کان، ٻاهران معنيٰ ٻاهر کان، هن بيت جي سٽ ۾ ماڻهوئا جمع جي بجاءِ سندس جري حالت آهي. عام طور ماڻهو جو جمع ماڻهوئا نہ ڪيو ويندو آهي. عام طور تي جري حالت ۾ ماڻهو مان ماڻهن ٿيندو پر هتي شاهہ ماڻهوئا مان مراد ماڻهن کان ورتي آهي. پر حرف ندا ۾ ماڻهو جو جمع ماڻهئا بہ ورتو وڃي ٿو جيئن ڪيچيو! اونيا ! وغيره

ڊاڪٽر الانا صاحب انهيءَ نتيجي تي پهتو هو تہ " آرين جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ سنڌوني ۽ ان جون شاخون چالو هيون جيڪا غير آريائي ٻولي هئي. انهيءَ جون پاڙون سندو ماٿري جي تهذيب ۾ کتل هيون"(15) سنڌ ان وقت ڪشمير کان وٺي ڪراچي تائين هئي سندس حدون راجستان جي پيچ، ٻاڙوا، بيڪانير، جيسلمير تائين هيون هوڏانهن پاڳناڙي، خضدار، لسٻيلو تائين سنڌ جو حدون هيون، ٻولي جي حوالي کان وادي هر علائقي ۾ نوان لهجا پيدا ٿي ٻولين جي شڪل اختيار ڪندي ويا. جيئن هن وقت سنڌ جا پنج لهجا آهن. اتر، لاڙ، ڪوهستان، ٿر ۽ وچولو. سنڌي صرفياتي ۽ صوتياتي لحاظ کان ٻين ٻولين کان الڳ حيثيت رکي ٿي. جيڪي آرين جي اچڻ کان اڳ هتي موجود هئي. ڏٺو وڃي تہ موهن جو دڙو 5 هزار سال پراڻو آهي تہ پوءِ ان ۾ ڪا ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. جيڪا سنڌي هئي البتہ سنڌي هر دور ۾ ٻين ٻولين کان لفظ ورتا بہ آهن تہ ڏنا بہ آهن. جنهن تي الڳ بحث ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي ۽ سنسڪرت جو پاڻ ۾ لاڳاپو ضرور آهي پر سنڌي سنسڪرت مان نڪتل ناهي تنهن ڪري اهو چوڻ تہ گهڻا لفظ سنسڪرت مان نڪتا آهن اهو غلط آهي، ٻوليون هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿينديون آهن. جيئن عربي ، فارسي، انگريزي سنڌيءَ تي اثر انداز آهن.

**نتيجو**

هن بحث جو مطلب ڪنهن تي پنهنجو خيال مڙهڻ ناهي ڪو بہ ماڻهو پنهنجو خيال هن خلاف رکي سگهي ٿو سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت اسان جا اسڪالر سنڌي ٻولي کي هروبرو عربي يا سنسڪرت مان نڪتل سمجهن ٿا. پر ٿورو غور ڪريون تہ سنڌي بابت گهڻا مفروضا آهن. جيڪي ٻين ٻولين جي لفظن سان هڪجهڙائي جي ڪري اخذ ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻولي جون ڪجهہ خصوصيتون اهڙيون آهن جيڪي جيڪي هن دنيا ۾ منفرد ناهين ٿيون. ٻيو تہ سراج صاحب جي نظريي مطابق سنڌي ٻولي هن ڌرتي جو فطرتي عنصرن مان نهيل ذاتن مان پيدا ٿي آهي. جنهن کي حرف آخر نٿو سمجهي سگهجي. چو تہ اجا تائين موهن جي دڙي جي لکت کي پڙهيو ڪونہ ويو آهي. انومان آهي تہ اها ٻولي دراوڙي، سنسڪرت کان اڳ جي ٻولي آهي.

پيو تہ سنڌي کي عربي ۾ لکڻ ڪري اسان گرامر بہ عربي واري يا انگريزي واري جو نقل ڪري سنڌيءَ کي ڏنو آهي. جڏهن تہ سنڌيءَ جي گرامر الڳ آهي. ارنسٽ ٽرمپ، پيرومل ۽ سراج جا سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت نظريا چٽا ۽ واضح آهن پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو نظريو واضح ناهي، هن جا گهڻا خيال سنڌي ٻولي متعلق قياس آرائي تي مبني آهن. باقي هڪ ڳالهہ اهم اها ثابت ٿئي تہ سنڌي گهڻ ۾ گهڻ سنسڪرت مان نڪتل ناهي.

## حوالا


1. آڏواڻي، پيرو مل، مهر چند، سنڌي ٻولي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1972ع (ص، 10)
2. غلام علي الانا، ڊاڪٽر، واحد بخش شيخ، سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريو 2006ع (ص، 2)

3 . https://en.wikipedia.org/wiki/Sindhi_language Date 29_07_2025 time 10 pam

4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌيڪا اڪيڊمي،2004ع. (ص، 80)
5. واحد بخش شيخ ، سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع (ص، 07)
6. حوالو در حوالو ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1974ع . (ص، 5 )

(Grierson , G , Linguistic Survey of india, vol ,1, part 1, 1927 , (p 99)

7. سراج، سنڌي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 2017ع (ص 44)
8. ساڳيو (ص، 55)
9. الانا، غلام علي ، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2024. (ص، 70)
10. آڏواڻي، پيرو مل، مهر چند، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ 2018ع ڇاپو ستون (ص، 80)
11. سراج، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ ڇاپو پهريون، 1964ع (ص، 48)

12. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي لسانيات، تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو2020ع (ص، 01)
13. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1974ع (ص.14)
14. قاضي، علامہ آءِ آءِ، شاھ جو رسالو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1993ع (ص،658)
15. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، سنڌيڪا اڪيڊمي 2024ع (ص،299)

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حرف ندا جو استعمال: تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

# Use of an interjection in the poetry of Shah Latif: A research and Critical Analysis

ڊاڪٽر شير مهراڻي

**Abstract:**

Shah Abdul Latif Bhittai's poetry is rich and multidimensional in every respect. On the one hand, it presents a profound philosophy of life, nature, and the universal human experiences; on the other, it preserves an exceptional degree of linguistic beauty. In his *Risalo*, one encounters the elegance of similes, the grandeur of metaphors, and a wide range of poetic devices that enhance both meaning and aesthetic appeal. From a grammatical perspective, his poetry appears almost flawless. While errors may occur in conventional Sindhi grammar texts, Shah Latif's verses demonstrate remarkable precision and consistency. This linguistic perfection is one of the reasons his poetry continues to be appreciated beyond regional and national boundaries.

In this study paper, an endeavor has been made to explore and analyze the use of interjections—words that express sudden emotions or feelings of the human mind—in Shah Latif's poetry. The study demonstrates that Shah not only employs interjections effectively but also presents them with diverse characteristics, enriching both the emotional depth and expressive power of his poetic discourse.

شاهه لطيف هر حوالي سان زندگيءَ جو مڪمل شاعر آهي؛ سندس شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا سمورا مامرا، مسئلا، حسناڪيون، نفسيات، جماليات ۽ ثقافتي خوبيون ته موجود آهن ئي پر سندس شاعريءَ جون لساني حسناڪيون پڻ لاجواب آهن. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڏهن پنهنجن ڪردارن سان مخاطب ٿئي ٿو ته ڪڏهن پنهنجي شاعريءَ جي پڙهندڙن سان ڳالهائي ٿو. ڪڏهن خدا سان گفتگو ڪري ٿو ته ڪڏهن وري پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي

ٿو. اهڙي گفتگو ڪندي هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏک، سک، افسوس، ڪاوڙ، سڌ، خوشي، تحسين ۽ حيرت جو خوبصورت اظهار ڪري ٿو. ڪنهن به جملي ۾ خوشي، ڏک، افسوس، سڌ ۽ حيرت جو اظهار ”حرف ندا“ جي زمري ۾ اچي ٿو. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جتي لفظن جون اڪيچار خوبيون، لساني حسناڪيون ۽ لفظن توڙي حرفن جون وياڪرڻي صورتون ڪتب آنديون آهن؛ اتي سندس شاعريءَ ۾ ”حرف ندا“ جو پڻ انتهائي خوبصورت استعمال ملي ٿو. حرف ندا جي هنن ڪجهه سٽن کي غور سان پڙهون:

” وَنِي سَرَّڪَ، سَسُئِي! ويهُه وِهاڻِيءَ سِيئَن؛ “
”هئي! تنهين جي حال، ٿيا جماتي جزيد جا“
” ”هَيءِ! هَيءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، ٿِي پاڻ هٿي سِرِ پاهِڻين؛ “
”اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا! ليڙا نِيو مَ لُرَ؛ “

۽ اهڙا ڪيترائي مثال اسان کي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. هتي اسان حرف ندا جي تشريح سان گڏ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ مان ان جا مثال پيش ڪنداسين.

**حرف ندا:**

اسان ڳالهائڻ وقت جيڪو به لفظ زبان مان ڪڍون ٿا، اهو لفظ ڳالهائڻ جي اٺن لفظن مان ڪنهن نه ڪنهن ۾ ضرور شامل هوندو آهي. اسان مختلف ڪيفيتن ۾ مختلف لب ۽ لهجي ۾ گفتگو ڪريون ٿا. هڪ ئي لفظ هڪ جملي ۾ ڳالهائڻ جي ڪنهن هڪ لفظ جي زمري ۾ ايندو ته ساڳيو لفظ ٻي جملي ۾ وري ڪنهن ٻي لفظ جي ڪاتي ۾ ايندو.

ڳالهائڻ وقت اسان جيڪي به لفظ سڏ، تخاطب، اندر جي ڪنهن به ڪيفيت جهڙوڪ؛ خوشي، خواهش، ڏک، افسوس وغيره لاءِ استعمال ڪريون ٿا ته اهي حرف ندا چيا وڃن ٿا. لفظ ’ندا‘ معنيٰ سڏ! عام طور تي ’او‘، ’ اڙي‘، ’اي‘، ’هو‘وغيره ندائي جا لفظ آهن. پر ڪيئي اسم يا ضمير پڻ اعرابن جي لڳڻ سان حرف ندا ٿي پون ٿا.

ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي مشهور ڪتاب، ”گرامر آف سنڌي لئنگئيج“ ۾ حرف ندا بابت لکيو آهي ته.

“In treating of the Interjections we abstract form such nouns or phrases, as are or may be used in the sense of Interjection, e.g ماٺ

Silence, چڱو Good, سچ True, الله عليم God Knows. . .and only adduce such particles, as have now become strictly interjectional."(1)

يعني احساساتي جذبن کي سمجهڻ لاءِ اسان نالن يا جملن توڙي فقرن ۾ جيڪي جزا ڪتب آڻيون ٿا، اهي حرف ندائي ٿيندا آهن. جهڙوڪ، ماٺ، چڱو سچ، الله عليم وغيره. جلمن ۾ ڪتب ايندڙ اهڙا جزا حرف ندا جي زمري ۾ اچن ٿا.

مسڪين راشديءَ ڪتاب، "سوجهرو" ۾ حرف ندا کي اندر جو آواز سڏيندي لکي ٿو، "اهڙو لفظ جيڪو سڏ ڪرڻ جي ڪم اچي يا منجهائنس سڏ، خوشيءَ، افسوس، نفرت ۽ ڌڪار جي معنيٰ ظاهر ٿئي، ان کي حرف ندا سڏبو آهي." (2)

ڪتاب، "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" ۾ ڊاڪٽر الانا مختلف ڪتابن مان حرف ندا جون تشريحون بيان ڪندي لکي ٿو:

"هر زبان ۾ اهڙا بيشمار ندائي 'آواز' ۽ 'لفظ' ڪم آندا ويندا آهن؛ جن مان خوشيءَ، رنجَ، الَمَ، غمَ، تعجبَ، تمنا، خواهشِ، نفرتَ، حيرت، اقرارَ انڪار ۽ شاباس جو اظهار ڪيو ويجي."(3)

حرف ندا جي سادي تشريح هن طرح ملي ٿي:

"An interjection_is a word used merely to express some sudden feeling of the mind –Or 'An interjection is a word which expresses some sudden feeling or emotion"(4)

يعني ڪنهن بہ احساس جي اوچتي اظهار جي لاءِ جيڪي بہ لفظ ڪتب اچن، اهي حرف ندا هوندا.

ڪاڪي پيرو مل لکيو آهي تہ:

"جيڪي لفظ سڏ ڪرڻ يا دل جي حالت، جهڙوڪ، خوشي، ڏک، عجب خواهش يا سڏ، ڪاوڙ يا ڌڪار وغيره ظاهر ڪرڻ ۾ ڪم ايندا آهن تن کي چئبو آهي، "حرف ندا" ندا معنيٰ سڏ يا دانهن" (5)

ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي گرامر جي ان ڪتاب ۾ حرف ندا کي بيان ڪندڙ اهڙن اٺن احساسن جو ذڪر ڪيو آهي.

1. هائوڪار جي ڪار يا راضپو (Assent)
2. شاباس (Commendation)

3. حيرت، تعجب (Astonishment)
4. تمنا، خواهش (Desire)
5. شڪ، گمان يا ڪچ پڪ (Uncertainty)
6. ناڪار، انڪار يا اختلاف (Dissent)
7. افسوس يا ڦِٽڪي (Disapprobation and reproach)
8. ڏک يا شڪايت (Grief or complaint) [6]

شاهه سائينءَ جي سموري شاعري فطري لقائن ۽ روحاني ڪائنات سان گڏ انساني احساسن، جذبن، امنگن ۽ اميدن جو سهڻو اظهار آهي. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو جتي فڪري اڀياس ضروري آهي؛ اتي اهو پڻ ضروري آهي ته سندس شاعريءَ ۾ موجود لسانياتي خوبين، وياڪرڻي صورتن ۽ ٻولياتي ڪاريگريءَ جي اکيل ڪجي.

هتي مختصر طور تي شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ موجود حرف ندا جي مختلف صورتن جو اڀياس ڏجي ٿو.

عاشِقَ! معشوقن جو، وِٽِي ويهجُ رَندُ،
پيارِيندَءِ پاڻهين، مَيخاني جو مَنڌُ،
ڪِيمَ ڪَڍج ڪَنڌُ، اوڏو ٿِي اُن ڪي!
(سُر جمن/يمن ڪلياڻ،داستان، 8 بيت، 22) (7)

يا، "عاشِقَ! معشوقن جو وِٽِي ويهجِ دَرُ"، "عاشِقَ! معشوقن جو وِٽِي ويهُ ڏُڪاڻُ"، "عاشِقَ! معشوقن جو وِٽِي ويهج گَهٽ" انهن سڀني سٽن ۾ نالو يا اسم "عاشق" حرف ندا تي ڪم آيو آهي. هنن سٽن ۾ "عاشق" سان مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڪجهه وڌيڪ مثال:

ڏُوڏا! تون نه ڏَئين، آڳِ اوڏو نه وَڃين!
اُلا جي عشقَ جا، سي تان تون نه سَهين،
اُيُو ايئن چُئين! "ته آئون آڳُرِيو آهِيان!"
(سُر جمن/يمن ڪلياڻ،داستان، 3، بيت، 14)

يا

انڌا اونڌا ويجَ! ڪل ڪجاڙتا ڪائين." [8]

(سر ڪلياڻ، داستان، پهريون بيت، 2)

هن سٽ ۾ ٻن طرحن سان حرف ندا ڪتب آيا آهي. هڪ تہ ويج سان تخاطب جي صيغي ۾ ٻيو ويج يعني طبيب کي ”انڌو ۽ اونڌو“ سڏڻ يعني ساڻس نفرت يا مٿس چڙ جي اظهار جي صورت ۾.

”ٻيڙياتا! ٻيئي ڳالهيون تو نہ ڀڃنديون.“

(سر راڳ، داستان 6، بيت 14) (9)

لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جو وڏو حصو مخاطب/تخاطب، سڏ، گفتگو يا ڳالهائڻ واري انداز ۾ آهي؛ ڪڏهن سندس لهجو ائين لڳي ٿو جڻ تہ جن ڪرداران سان هو ڳالهائي ٿو، اهي سندس روبرو ويٺا آهن. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آندل سيني ڪردارن سان سڏ ڪري/مخاطب ٿي ڳالهائي ٿو. ڪڏهن وري اهي ڪردار يا تہ ساڻس ڳالهائين ٿا يا وري هو پنهنجن ويجهن ڪردارن سان ڳالهائين ٿا. سسئي ڪڏهن پنهونءَ سان ڳالهائي ٿي؛ ” پَلڪ نَہ رَهي دِلِ تو ري، وَرُ مِيَان صَاحِبَ! خَانَ بلوچَا!“، ڪڏهن ساهيڙين سان ڳالهائي ٿي، ”مُون کي جَهلَ مَ پايو جيڏيُون آئون هَلَندِي هوتَ ڏي“، ڪڏهن انهن ئي ساهيڙين کي پيرون ڪري ٿي ڳالهائي، ”اَڊيُون ڪا اِيندي، ڇَپَرُ مُون سَڱُ ٿِئو“ڪڏهن ماءُ سان ڳالهائي ٿي، ”مَاءُ! وِهَاڻُو وَارِ، ڪَڻُ پَٽَرَاڻِي پَانهِنجِي“، ڪڏهن جتن سان ٿي ڳالهائي، ”جَتَا شَالَ جِيو! جِيو ٿَا جَاڙُون ڪَرِيو!“ ڪڏهن پهاڙ سان ڳالهائي ٿي، ”آڏو ٿَڪَرَ ٿَرُ، مَٿَان روهَہ رَتِيُون ٿِيِين.“، ڪڏهن خود/پاڻ سان ٿي ڳالهائي، ”چَڙِهي ڏُونگَرَ چوٽِيين، پُرزا ڪِندِيَسِ پَاڻُ،“ ڪڏهن خدا سان ڳالهائي ٿي، ڪڏهن عزرائيل تہ ڪڏهن منڪر ۽ نڪير سان ڳالهائي ٿي. هڪ ڪردار جي ايترن ڪردارن سان گفتگو/ڳالهہ ٻولهہ لساني اعتبار کان ڏاڍو وٽندڙ ۽ گهرو تجربو آهي. ساڳيءَ ريت سهڻي بہ ڪڏهن ميهار سان ڳالهائي ٿي، ڪڏهن درياهہ سان ڳالهائي ٿي، ڪڏهن ميهارن جي مينهن ۽ وڇيرين سان ڳالهائي ٿي، ڪڏهن ماءُ تہ ڪڏهن پاڙيوارين سان ڳالهائي ٿي. مارئي بہ ساڳي ريت ڳالهائي ٿي، مومل، سورٺ، ليلا، ڪنورو ۽ ٻيا ڪردار بہ ڳالهائين ٿا. لطيف سائينءَ جا سورما بہ ساڳي طرح ڳالهائين ٿا. هڪڙن ڪردارن جو سڏ ڪري ٻين ڪردارن سان ڳالهائڻ حرف جر جي زمري ۾ اچي ٿو. ڳالهائڻ حرف ندا جو هڪ پاسو آهي، جڏهن تہ ”الو ميان،“، ”ٻر ٻر“يا ان طرح جهڙا ٻيا لفظ بہ حرف ندا آهن. جيئن ڪاڪي پيرو مل لکيو آهي،

” راڳ ڳائڻ مهل الو الو پلو پلو ميان، ني، وي ۽ ٻيا اهڙا لفظ ڪم آڻيندا آهن سي بہ حرف ندا آهن.“[10]

دَرد فِرَاق مِيَان پنهون سَائِين، عَشقَ فِراق،
پُنهُون سائين ، جيڏِيُون اَلو اَلو مارِي آهِيَان!

(ٻانهون خان شيخ، شارح، سر ديسي، داستان، پنجون، وائي، 1)[11]

ٻَاروچَا پِر پِر، رَاتِ نَہ رَهِنَا هَيڪَڙِي.

(ٻانهون خان شيخ، شارح، سر ديسي، داستان، چوٿون، بيت، 5) [12]

جيئَن تُون مَچَ نَہ موٽِئو! پَلو پَلو مَچ،
جَا تو ڏني اَچَ، تِنهِن پَاڻِيءَ پُنَا ڏِينهَڙا.

(ٻانهون خان شيخ، شارح، سر گهاتو داستان، پهريون، بيت، 24)[13]

”پَلو مَيَان مَحبَتِي مِنڙَا مَارُوَ“ (سر جمن/يمن ڪلياڻ، داستان، پنجون، وائي، 1)[14]

يا سر سهڻيءَ جي ٽئين داستان جي بيت 31هين جي هن سٽ ۾ بہ پلو پلو لفظ ڪتب آندل آهي، ”پَلو پَلو ٻَانڌَ، لُڙهين لَهِرِن وِچَ ۾،“ توڙي جو هنن ٻني بيتن ۾ لفظ ”پلو پلو“ راڳ جي آلاپ ۾ استعمال ٿيل ناهي“ پر پوءِ بہ اهڙي صيغي ۾ مخاطب آهي، جو حرف ندا ٿي ڪتب اچي ٿو.

”ڪَڙ ڪَڙِ ڪن م وچ، ٻَانڌِي ٻوڙِ م ٻَار جا!،“ سر سهڻيءَ جي ٽئين داستان جي بيت 33هين جي هن سٽ ۾ ڪتب آيل لفظ ”ڪڙ ڪڙ“ پاڻيءَ جي آواز کي ظاهر ڪري ٿو. هيءُ لفظ پڻ چاڪاڻ تہ آواز کي ظاهر ڪري ٿو، ان ڪري ان کي بہ اسان حرف ندا چئي سگهون ٿا. ساڳي معنيٰ ۾ لطيف سائين لفظ ”ڪڙڪا“ ڇهن بيتن ۾ استعمال ڪيو آهي، ”ڪَارَا ڪُنَ ڪَاري ٽُڳي، ڪَارِيهَرَ ڪَڙَڪَا،“ هن سٽ ۾ پاڻيءَ جي آواز کي ڪاريهر نانگ جي آواز جي استعاري ۾ ڪتب آندو ويو آهي يا ”دَهشَتَ دَامَ دَرِيَاهَہ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جَا ڪَڙَڪَا، “ سيني بيتن ۾ لفظ ”ڪڙڪا“ پاڻيءَ جي آواز جي معنيٰ ۾ ڪتب آيل آهي. انهن ئي بيتن ۾ لفظ ”دڙڪا“ پڻ موجود آهي، جيڪو پڻ حرف ندا آهي. چاڪاڻ تہ ان ۾ ڪاوڙ جي معنيٰ نڪري ٿي. ” مَئي مَتي مَهَرَاڻَ جَا، ڏُپَارَا دَڙَڪَا،“ يعني اوچ ۽ موج ۾ وهندڙ درياھ ٻيٽا دڙڪا ڏئي رهيو آهي، ٻي بيت جي ٻي سٽ آهي، ”سَهي ڪِينَ سَمندَ جَا، مَاندِي دِلِ دَڙَڪَا،“ يعني منهنجي دل سمنڊ

(لطيف سائين سنڌو درياهہ کي سمنڊ بہ سڏيو آهي) جا دڙڪا نٽي سهي سگهي.

مِرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب، ”سنڌي وياڪرڻ“ جي ٽئين ڀاڱي اندر لکيو آهي تہ ”...جيڪي سنڌي لفظ (ڪنهن بہ عبارت ۾) حرف ندا ٿي ڪم اچن ٿا تن لاءِ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ جدا نالا آهن: ’هاءِ‘، ’هئي‘، ’شال‘ يا ’شل‘، ’مارِ‘، ’واهہ‘، ’ٻيلي‘، ’گهوڙا‘، ’هائو‘، ’ها‘، جيءُ، مر، ورُ، ٻوڙ، ڦوٽ، چيٽ، شابس يا شاباس، الوالو، مانَ يا منَ، الهہ توهار، ڦٽ. . .ٻر ٻر، ووءِ، هوءِ، نڃاٽا... هيهات، والله اعلم، بسم الله، الحمد الله، واويلا“ [15]

ان کان علاوه شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ضميري صورتون پڻ آهن؛ جيڪي حرف ندا ٿي ڪتب آيون آهن.

جهوڙا جَنِ جُهلُنِ ۾، هِيرا لَکَ، هَزارَ
لَڳا واتَ وَڻَن جا، پُنهُونءَ کي پالارَ
آن کي وِيندا گَڏِيا، اِهَڙِي سِٽَ سُوارَ
”لَنگهي ڪالهَہ قَطارَ!“، ”تُون، آئِي! اَڄُ نِهارِيين“.

(سر ديسي، داستان، 1، بيت، 22)

ضروري ناهي تہ ندائي ڪيفيت رڳو لفظن آڏار چٽي ٿئي؛ ندائي لفظن کانسواءِ بہ حرف ندا جو مفهوم ادا ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سڏ يا منادي لفظن ۾ سمايل هوندي آهي.

”واهڙا! پريون نہ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيڻو.“

(سرسهڻي، داستان، 3، بيت، 27)

”ڏونگرَا! مون مَ ڏکوءِ، آءُ اڳ ڏکوئي آهيان.“

(سر ڪوهياري، داستان، ٻيو بيت، 9)

”غافِلِ! غفلت ڇوڙ تون ڪين اٽاسي اوجهرين.“

(سر ڪوهياري، داستان، 1، بيت، 7)

حرف ندا ۾ حرف تمنا يا حرف دعا، حرف تعجب يا حيرت وارا لفظ، حرف تاسف يعني افسوس وارا لفظ، حرف تحسين يعني شاباس وارا لفظ ۽ حرف نفرين يعني انڪار وارا لفظ پڻ اچن ٿا. هتي شاهہ جي رسالي حرف ندا جي انهن صورتن جا ڪجهہ وڌيڪ مثال ڏجن ٿا.

**دعا يا حرف تمنا:**

اهو ندائي لفظ, جنهن مان ڪا خواهش, ڪا تمنا يا ڪائي آرزو ڇٽي ٿئي, تنهن کي گرامر ۾ حرف تمنا چئبو آهي.

هي لفظ دعا يا تمنا کي ظاهر ڪن ٿا:

آس, آلا!, جيڪر!, شال, ڪاش, ڪر يا جيڪر, مَنَ يا شل وغيره. نامڪمل حسرتون. سڪ جي ڪيفيت, اها سڪ جيڪا ختم نہ ٿئي.

"ڏوريان ڏوريان م لهان! شال م ملان هوت"

(سر حسيني, داستان, 6, بيت, 1)

آئون هن کي پلي پيو هوليان پر هو شال مون کي نہ ملي ڇاڪاڻ تہ ملڻ سان سڪ پوري ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن سڪ پوري ٿئي ٿي تہ محبت ختم ٿي وڃي ٿي!

شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ مان ڪجهہ مثال:

"ويڄ! مَ ٻُڪي ڏي, آلا! ڇڳي مَ ٿيان,
سڄڻ مانَ اچي, ڪرلاهو ٿي ڪڏهين."

(سر, جمن/يمن, داستان, 2, بيت, 13)

يعني اي طبيب تون مون کي دوا نہ ڏي, منهنجو اعلاج نہ ڪر تہ جيئن جيڪر آئون ڇڱي پلي نہ ٿيان, ڇاڪاڻ تہ آئون ڇڱي پلي ٿي ويس تہ منهنجو محبوب مون کي پڇڻ نہ ايندو, آئون بيمار هونديس تہ محبوب پڇڻ ايندو.

"جيڪر اچي هاڻ, تہ ڪريان روح رچنديون."

(سر سامونڊي,داستان, 3, بيت, 14)

يعني اي ڪاش جيڪر! منهنجو محبوب مون وٽ اچي پئي تہ آئون دل ۾ روح جون ڳالهيون ساڻس ڪريان.

" مَارِيا مَرين شَالَ, ڏَبَ پَجَنئِي ڏِيِئُون!"

(سرڏهر, داستان, 5, بيت, 22)

يعني اي شڪاري شل تون مري پوين ۾ تنهنجا ڪوڙڪا پڄي پري پون جو تون ويچارن پکين کي ڦاسائي انهن کي وڳر کان پري ڪري ڇڏيو آهي.

"اڻ وَٽَتِ جو آچَارُ شَلَ ڳَانڌُ ڪَنهِن سين نہ ڪَري."

(سر ليلا, داستان 1, بيت, 12)

شال ڪنهن بہ عورت سان سندس مڙس اٽوٽڊڙ ڳالهہ نہ ڪري! جي هو اهڙي ڳالهہ ڪندو تہ ان عورت جو روح رنجائجي پوندو.

”سُورِهُہ پِرِين سَندومِ، مَنَ ہَاجَهائي ہِئو هَٽي.“

(سر يمن ڪلياڻ، داستان 9، بيت 12)

اچرج وارا لفظ يعني حرف تعجب:

اهو ندائي لفظ جنهن مان اچرج يا حيرت جو اظهار ٿئي، تنهن کي حرفِ تعجب چئبو آهي. هي گهڻو ڪري ظرف هوندا آهن!

عام طرح هي لفظ حرف تعجب ٿي ڪم اچن ٿا:

مارءِ، مارپيٽي، وَّجُ، هلُ وغيره.

شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ مان ڪجهہ مثال:

”پينر پيٽِي حُجَ جِي، ڪوهِيَاري سين ڳا نَہ“

يعني اي اديون آئون پنهنجي ڪوهيارل سان ڪابہ حجت نہ ٿي ڪري سگهان.

يا

”جي تو رُسَڻَ سَندِي رُوحَ ۾، تِيئَن مُون پيٽِي نَاهِ پتارَ.“

(سر ليلا، داستان 1، بيت 12)

يعني: ”جيڪڏهن تون من يا دل ۾ ئي رسڻ جي ڳالهہ سوچيون ويٺو آهين تہ پوئي آئون توسان نٿي پهچي سگهان.“

سر سارنگ جي داستان چوٿين جي بيت 13هين جي هڪ سٽ آهي ”هندوا حَيرَتَ ۾ پِئَا، لاَلِي ڪِي لَبَنِ“ محبوب جي چپن جي ڳاڙهاڻ ڏسي ”هندوا“ (هو جيت جيڪو گهري ڳاڙهي رنگ جو ٿئي ٿو.) بہ حيران ٿيا تہ انهن چپن جي ڳاڙهاڻ تہ اسان کان وڌيڪ گهري ڳاڙهي آهي.

يا سر مومل راڻي جي داستان ٻئين جو پهريون بيت آهي،

جِهَرَّا گُلَ گُلاَبَ جَا، تِهَرَّا مَٿِنِ ويسَ،
چوتَا تيلَ چَنبيلِئَا، هَا هُوءَ جي هُمَيشَ،
پَسِئو سُونهَن سَيَدُ چَئي، نينهَن اَچِنِ نيشَ،
لاَلَڻَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اَڪَرُ نَہ اُجَهي.

(سر مومل راڻو داستان، 2، بيت، 1)

هن بيت ۾ توڙي جو "حرف تعجب" ڪو بہ لفظ ناهي پر بيت جي آخري سٽ جو مجموعي تاثر تمام گھڻو حيران ڪندڙ آهيءَ جو محبوب جي سونهن ڏسي ايتري تہ حيرانگي ٿي آهي، جو زبان مان هڪ لفظ بہ نٿو اُڪلي. اندر جو تعجب وارو اڏمو ڏسندڙ کي جڻ تہ موهي منڊي وجهي ٿو.

افسوس وارا لفظ يا حرف تاسف:

اهي ندائي لفظ جيڪي ارمان، افسوس يا هٿ ملڻ واري ڪيفيت کي ظاهر ڪن تن کي حرف تاسف چئبو آهي.

حرف تاسف ۾ اڪثر حرف ندا "ظرف" ٿي ڪتب اچن ٿا. يعني ڪهڙيءَ ريت ڏک ڪجي ٿو.

گھڻو ڪري هي لفظ "حرف تاسف" ٿي ڪم ايندا آهن:

اُف، افسوس، اوهو، آهہ، گھوڙا گھوڙا، ايلي گھوڙاڙي، هئي، هئي، هيهات وغيره.

شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ مان ڪجهہ مثال:

آسَڻَ وَٽ آهُون ڪَرِيَان، وَسِ نَہ مُنهِنجي واٽُ،
لَڳُمِ لاهوتِيَنِ جو، ڪِينَرَ مَنجَهان ڪَاٽُ،
هَلَڻَ کي هَيهَاتُ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ ري.
(سر رامڪلي، داستان 1، بيت 24)

منهنجي وس ۾ دانهن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، منهنجي دل ۾ محبوبن جي محبت جو ڪو اهڙو ڪات لڳو آهي، جو آئون هلڻ کان آجرت آهيان، اهڙن محبوبن کان پري آئون جي ڪانہ سگھنديس.

هَئي هَئي ڪِيو 'هاءِ'، ٿِي پاڻُ هَٽي سِرِ پاهَٽين،
(سر ديسي، داستان 9، بيت 10)

هوءَ(سسئي) رڙيون ڪري پٿرن سان سان پنهنجو مٿو ٿي ٽڪرائي تہ ڪهڙي سانگ پهاڙ پهاڙ جو پنڌ ڪرڻو پيو. يا هڪ ٻي سٽ آهي، "ٻانهن وجهي وات، هوند رڙيون ڪريو رجن ۾" دانهون ڪري پنهنجي ٻانهن ۾ چڪ هڻو.

گھوڙا! گھِڻِيءَ پُون، ووءِ ووءِ وَڃَنِ نِڳَيا،
(سر ديسي، داستان 8، بيت 05)

سسئي دانهون ڪري چوي ٿي تہ منهنجا پرين مونکان پري هليا پيا وڃن.

حرف تحسين:

حرف ندا جو اهو لفظ جنهن مان خوشي ظاهر ٿئي يا ڪنهن جي واکاڻ نظر اچي، تنهن کي "حرف تحسين" چئبو. هيءُ حرف ندا اصل ۾ ظرف ٿي هوندا آهن.

اڪثر ڪري هي لفظ تحسين لاءِ ڪم اچن ٿا:

آفرين، شڪر، شاباش ۽ واهه، واهه ، بلي بلي، پلو پلو جَس، خوب، سبحان الله، وغيره.

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ مان ڪجهه مثال:

"ڪوڙيين پَالَ ڪَرِيمَ جَا، ڪَرِ سَهسين شُڪرانَا،
چَڱِي چَئِجِ چَاهَهَ سين، مَدَحَ اَيءَ مَنَا."
(سر راڳ، داستان 1، وائي، 1)

ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، ڪٿيرو ئي خوب،
(سرمارئي، داستان اٺون، بيت، 8)

هڪ ٻي سٽ آهي، "شُڪرُ گَڏِيَاسُون سُپِرين، جَانِي جِيئَرِي يَارَ" يعني الله سائينءَ جا لک شڪر جو جيئري ئي مليا آهيون.

نفرت وارا لفظ يا حرف نفرين:

اهي حرف ندا جيڪي ڪراهت،ڪاوڙ يا نفرت ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجن! انهن کي حرف نفرين چئبو آهي.

گهڻو ڪري هيٺيان لفظ "حرف نفرين" طور ڪم آڻبا آهن:

ٻَنِ، ڪوءِ، ٻوڏُ، ڦوٽ، توبهہ، تُو پناهہ، الامان، الامان و الحفيظ، استغفرالله، ۽ گهوريو وغيره.

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ مان ڪجهه مثال:

"امڙ ڪوءِ گهروءِ، مونهان، ساٿڙو وڃي نڱيو" امان! مون پنهنجو گهر گهوريو" جو منهنجو ساٿڙو نڪتو ٿو وڃي; مون کي گهر ڇڏي ان ساٿ سان وڃڻو آهي. يا هيءَ سٽ "ڪوءِ ٻولي، ڪوءِ ٻروچ، گهوري ذاتِ جتن جي!" يعني اسان بس ڪئي، هن ۾ بظاهر تہ ٻولي ۽ ٻروچ ٻنهيءَ سان چڙ ۽ نفرت ظاهر ڪيل آهي; پر لفظن جي پويان پيار لڪل آهي. هيءَ سٽ بہ ساڳيو تاثر ڏئي ٿي، "ڪُهہِ پنهون، ڪُهہِ پريتڻو ڪُهہِ، هاڙهو ٻَنِ هوت." يعني سٽ جو مجموعي تاثر

نفرت بدران پيار وارو آهي، جيئين مٿي ڪجهه سٽون ڏنيون آهن، جن ۾ حيرت جو ڪو لفظ تہ ڪتب آندل ناهي، پر مجموعي تاثر حيرت وارو آهي، هتي نفرت جو لفظ ڪتب آندل آهي پر مجموعي طور تي ان جو تاثر محبت وارو آهي.

تارا، تِرَ، تِروڪَڙيون، مَٿِن قُلَڙيُون،
کوءِ! سي راتَڙيُون! جي مون پرينءَ پُڄاڻان پيئِيُون.
(سر ڪنيات، داستان 1، بيت، 3)

يعني اهي راتيون ئي زندگيءَ مان ڪٽجي ويون، ڪوهہ ۾ پيون اهي راتيون، جيڪي پرين ڪانسواءِ گذري ويون آهن.

"کُهہ سا ڪاٽي راتڙي، جا پرينءَ ريءَ پيئي."
(سر راڻو داستان، 1، بيت، 7)

"مر اباڻن سين اُڄ، کُهہ شربت تنهنجو سومرا."
(مارئي، داستان، 4، بيت، 15)

"کوءِ سميون، ٻَن سومريون، جي چامن جون چايون!"
(سر ڪاموڏ، داستان، 3، بيت، 15)

جَنِي سَنديءَ ٻوڏ ۾، ٻَٽوُن ٻَتين جِيءُ،
ٿُون تَنِي سَان ٿيءُ، اوڏا آڏي پڪَڙَا.
(سر جمن/يمن ڪلياڻ، داستان، 10، بيت، 30)

يعني جن جي نفرت جي آواز يا سڏ ۾ بہ پيار لڪل هجي، تون انهن جي ويجهو وڃي پنهنجا پڪڙا اڏي زندگي گذار، ڇاڪاڻ تہ اهي ئي تنهنجي ڏک سور ۽ تڪليف کي سمجهندا.

**نتيجو:**

هن تحقيقي مقالي ۾ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ هونئن تہ ڪيترين ئي ٻولياتي حُسناڪيون ملن ٿيون ڪ پر شاعريءَ ۾ لفظن جون بيپناهہ اهڙيون ويا ڪرڙيون صورتون ملن ٿيون، جيڪي سنڌي گرامر جي مروج اصولن کان گهٽيون مختلف آهن. اهڙي ڪوجنا کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهچون ٿا تہ شاهہ سائينءَ جي شاعري جتي فڪري طور تي تمام گهٽي اهم آهي اتي اها شاعري ٻوليءَ جو پڻ ڪرشمو آهي. سنڌي گرامر جا مروج اصول لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ڪتب آيل لفظن ۽ بنان لفظن

جي ٻڌايل ڪيفيتن کي مڪمل بيان نٿا ڪن. اسان جي ٻولي ماهرن کي لطيف سائينءَ جي شاعريءَ کي سامهون رکي ٻيهر سنڌي گرامر ترتيب ڏيڻ گهرجي.

## حوالا:


1. Ernest Trumpp, Grammar of the Sindhi language, London, 1872, (Page, 418)
2. راشدي، مسڪين، سوجهرو، سنڌي گرامر جي قائدن جو مجموعو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2007ع، (ص، 143)
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2010ع، (ص، 233)
4. سنائي حبيب، اچو ته انگريزي گرامر سکون، آنلائين ايڊيشن، وائيس آف سنڌ، مئي، 2006ع، (ص، 34)
5. مهر چند، ڀيرو مل آڏواڻي، وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، ڇاپو ٻيو 1985ع، (ص، 162)
6. Ernest Trumpp, Grammar of the Sindhi language, London, 1872, (Page, 418)
7. شيخ، ٻانهون خان، مرتب، شاهه جو رسالو جلد پهريون، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، مئي، 2000ع، (ص، 73)
8. حوالو ساڳيو، (ص، 10)
9. حوالو ساڳيو، (ص، 172)
10. مهر چند، ڀيرو مل آڏواڻي، وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، ڇاپو ٻيو 1985ع، (ص، 162)
11. شيخ، ٻانهون خان، مرتب، شاهه جو رسالو جلدٻيو شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، اپريل، 2001ع، (ص، 157)
12. ساڳيو حوالو (ص،145)
13. شيخ، ٻانهون خان، مرتب، شاهه جو رسالو جلدٽيو شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، اپريل، 2002ع، (ص، 370)
14. شيخ، ٻانهون خان، مرتب، شاهه جو رسالو جلد پهريون، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، مئي، 2000ع، (ص، 63)
15. بيگ، مرزا قليچ، سنڌي ويا ڪرڻ، ڀاڱو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1960ع، (ص، 286)


نوٽ: مقالي ۾ ڪتب آيل بيت شاهه لطيف چيئر پاران شايع ڪرايل ٻانهي خان شيخ جي ترتيب ڏنل ٽن جلدن تي ٻڌل شاهه جي رسالي تان ورتل آهن.

# سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسندي فِڪرجو جائزو

# A review of progressive thought in Sindhi poetry

ڊاڪٽر ربڏنو (راز شاهاڻي)

**Abstract:**

Sindhi poetry has historically served not only as a medium of aesthetic expression but also as a powerful instrument for social awareness, resistance, and reform. Rooted in a rich cultural, mystical, and folk tradition.

Sindhi poetry within the broader framework of progressive literary movements particularly the influence of anti-colonial struggles, class consciousness, and post-partition socio-economic challenges in Sindhi. By employing qualitative textual analysis, the study critically examines selected works of prominent classical, modern, and contemporary Sindhi poets to identity recurring progressive motifs such as resistance against feudalism, critique of exploitation, advocacy of women's' rights, communal harmony, and the assertion of cultural and linguistic identity. Special attention is given to the transformation of poetic expression from symbolic and mystical resistance in classical poetry to more direct and explicit socio-political commentary in modern and post-modern Sindhi verse.

The paper further analyzes how progressive elements in Sindhi poetry are not confined to overt political slogans but are often embedded in metaphors, folklore, and indigenous symbols, allowing poets to challenge dominant power structures while maintaining cultural continuity.

سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فِڪرجي حوالي سان، عام طور سمجهيو وڃي ٿو اهو 1917 جي روسي انقلاب بعد، گڏيل هندستان ۾ 1936 ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي قيام سان، اردو شاعريءَ جي اثر هيٺ آيو. اِن حد تائين ٺيڪ آهي ته ترقي پسند تحريڪ جو اثر اِنهيءَ رستي (root) سان آيو ۽ تنهن دور ۾ ترقي پسند خيالن کي تنظيمي شِڪل ملي ۽ زورائتو اُڀار (Boost up) ضرور مليو. پر ترقي پسند فِڪرجا پيرا اوائلي دور کان ملندا.

لوڪ شاعريءَ ۾ طاقتور طبقي جي پيٽ ۾ هارين، پورهيتن، سخي مردن، سگهڙن، بهادر عورتن ۽ مظلوم طبقي جي حمايت ملي ٿي. جيڪو روشن خياليءَ جو

اعليٰ نمونو آهي. ساڳي ريت ڪلاسيڪي دور ۾ شاهه لطيف وٽ سماجي جبر، جاگيرداراڻي سوچ خلاف ۽ سچل سرمست يا سامي، روحل وغيره وٽ مذهبي انتهاپسندي، ذات پات جي فرق خلاف موثر آواز ملي ٿو جيڪو سختگير روايتن جي رد ۾ ترقي پسند فڪر جو مثال ئي آهي.

”ترقي پسنديءَ مان مراد سماج جي تخليقي صلاحيتن ڪي اڀارڻ، زندگي بخش عنصرن جو ساٿ ڏيڻ ۽ موتمار قوتن سان مهاڏو اٽڪائڻ آهي. ان ڪري اهي وحشي قبيلا به ترقي پسند هئا، جن سڀ کان اڳ ۾ انسان جي سگهه ۾ واڌاري لاءِ تير ڪمان، نيزا ۽ ڀالا ٺاهيا. باهه ٻارڻ سِکي، مال متاع ڍارڻ ٻني ٻارو ڪيو ۽ چڪ تي مٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهيا.“[1]

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ترقي پسندي (Progressivism) جي توسيع ۾ لکيل آهي ته ”ترقي پسندي بنيادي طور تي هڪ سماجي ۽ فڪري اصلاحي فلسفو آهي، جيڪو معاشري ۾ سماجي انصاف، هڪجهڙائي، انساني ڀلائي، ۽ لاڳو نظام جي اصلاح جي حمايت ڪري ٿو. هن فڪر مطابق معاشري ۾ متڀيد، اقتصاتي اڻ برابري ۽ سياسي فرق کي ختم ڪري، انساني حقن ۽ ترقيءَ جي موقعن ۾ برابري قائم ڪري سگهجي ٿي.“[2]

هن جو مطلب سماجي انصاف ۽ هڪجهڙائي، انساني ڀلائيءَ جا سمورا موضوع، اقتصادي وسيلن تي هر هڪ جو هڪجهڙو حق ميڄڻ يعني سماجي برابري، انساني حقن ۽ جذبي جو احترام ۽ ترقي يعني خوشحاليءَ تي هر انسان جو سماجي فرق کانسواءِ هڪجهڙو حق ميڄڻ جا سمورا موضوع ترقي پسند فِڪر جي دائري ۾ اچن ٿا. ائين ته معنيٰ سنڌي ٻوليءَ جي سموري شاعري يعني لوڪ ادب جي دور کان وٺي ڪلاسيڪي شاعريءَ تائين سنڌي شاعري پنهنجي اندر ۾ انساني اخلاق ۽ فلاح جا ۽ سماجي ترقي کان شخصي آزادي تائين جا وڏا وسيع موضوع رکي ٿي. هن ڪسوٽيءَ تي سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فِڪر جا توسيعي خيال جانچڻ لاءِ اوائلي دور جي شاعريءَ مان چند مثال ڏيندي جديد شاعريءَ ۾ ترقي پسند فِڪر جي اثرن جو جائزو وٺنداسين ڇاڪاڻ ته بلاشبہ اها جديد سنڌي شاعري ئي آهي، جنهن پنهنجي فِڪر ۾ ترقي پسند خيالن جو تمام اثرائتو اظهار جديد انداز ۾ ڪيو آهي.

اوائلي شاعريءَ ۾ روشن خيال فِڪر:

جَر نہ ڪٽن ڪنگرئين، راو نہ ڳنڍين ويڻ
گولي ويندي گجرين تہ بہ چُوندا دودي پيڻ.[3]

لفظ لهجو اظهار جو انداز بِلڪل روايتي آهي پر فِڪر ۽ خيال مان نواڻ ۽ اعليٰ سماجي اخلاقيات ۽ قدرن جي نمائندگي ٿئي ٿي. ”گولي“ يعني ٻانهيءَ يا نوڪرياڻي ڪي ”پيڻ“ جو رُتبو ڏيڻ سماجي غيرت ۽ روشن خيال فِڪر جو نمائنده خيال آهي. ٻانهي جي ٻانهن ٻي جي حوالي ڪرڻ کي مهٽي هاب ۽ نا قابل قبول تصور ڪرڻ جو شعور خود تنهن دور جي روايتي شاعريءَ جي پيٽ ۾ نئين تصور جي نمائندگي آهي.

”ڇَليون ڇَلي آئيون، جيئن رائي ۾ رئو
اسان عالادي پاڻ ۾، ٽيندو تارين تئو
هاڻي ڪر تون ڪو نہ پئو سورهيہ ڏي سٽ سر جي.“[4]

لوڪ شاعريءَ جو هيءُ بيت بظاهر روايتي انداز ۽ اسلوب ۾ آهي پر اُن ۾ گهَرو علامتي خيال ۽ بهادري ۽ خوداعتماديءَ جو مضبوط فِڪر آهي. بيت ۾ اُن سان گڏ جدوجهد ۽ بهاديءَ جو جذبو خوف کان آزادي خود اعتمادي ۽ پاڻ تي ڀروسو قرباني ۽ عزم، مُشڪلاتن کان نہ گهبرائڻ ۽ وڏن مقصدن لاءِ قرباڻي ڏيڻ جو جذبو آهي، جيڪي روشن خيال فڪر جا اهم پاسا آهن.

”اڪ نہ ڪجي ڏنڊڻو سپ نہ ڪائجي ماھ
اُتي نہ لائجي نينهڙو جتي ٿئي نہ جيءَ وڻاھ.“[5]

هن بيت ۾ ڏاهپ جا ڏس ۽ اعتدال پسندي ۽ احتياط اختيار ڪرڻ جو فلسفو آهي. بيت ۾ حقيقت پسندي، دانشمندي ۽ تدبُر، وقت ۽ حالتن مطابق رويو اختيار ڪرڻ ۽ ناڪامي کان بچڻ تي زور ڀريل آهي. جيڪي تصور خود روشن خيال فِڪر جا نمائنده تصور آهن.

اوائلي شاعريءَ کان پوءِ ڪلاسيڪي دور جو سچو ڪلام اعليٰ خوبين ۽ روشن خيال فِڪر سان ٽمٽار آهي. جنهن ۾ ڪلاسيڪي شاعرن انساني ۽ سماجي فلاح لاءِ انساني اخلاق، سهپ، برابريءَ جهڙن غيرمعمولي فلسفي تي زور ڀريو آهي، جيڪو خود روشن خيال فِڪر جا نمائندا ٿنڀ آهن. شاھ لطيف تہ سُر سهڻي ۽ مومل راڻي ۾ عورت جي وفا ۽ محبت ۾ ثابت قدمي لاءِ سندس جرائت ۽ همت جو اعليٰ مثال ڏنو آهي،اهي سڀ وصفون روشن خيال فِڪر جي دائره ڪار ۾ اچن ٿيون:

”تران تان مران، وران تان وه وترو،
هينئڙي ۾ هوتن جا، اچن گهُور گهٽا،
پسيو پاڙي واريون، ڏِسيو ڏوهه ڏران،
وچان ڪيئن وران؟، ڪنڌيءَ منهنجو ڪاڙٽي.“[6]

....

”هيرو جن هنڌن، وچ وڻجارا اوڏهين
صودو سرافن سين، جت ڪوڙين وينا ڪن
تون پڻ وٺان تن، وان ءُ وِهائي آءُ ڪي؟“[7]

**جديد شاعريءَ ۾ روشن خيال فِڪر:**

جديد شاعريءَ ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال فِڪر جو اثر نمايان ۽ جَهجو آهي. اياز هِن فِڪر جو ڪارائتو استعمال ڪندي شاعريءَ ۾ نون خيالن جا ڪامياب تجربا ڪيا ۽ اُن جي هيئيت ۽ فِڪر ۾ تبديلي آندي. جيڪا نواڻ سان ڀرپور ۽ ڪنهن طرح متاثر ڪُن تجربي کان گهٽ نہ هو. اُن بدولت سنڌي سماج، انقلابي خيالن کان وڌو واس ورتو ۽ انقلابي رومانس کي خوابن جو محور بڻايو.

اياز سامراج، آمريت ۽ طبقاتي جبر کان نجات جو نعم البدل انقلاب کي سڏيو. هُن فرسوده روايتن تي بيٺل سماج کي گدلو سينور سڏيو جنهن جي آئيندي کي انقلاب سان روشنيءَ ۾ تبديلي ڪرڻ جي يقين دهاني ڏني. تنهن دور ۾ ترقي پسند فِڪر جو اِهو ئي بيحد مقبول ۽ رومانس سان پُر نعرو هو:

”انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
جئن زمين آسمانَ
جي کُلي پئي زِبان،
ڪُنڊ ڪُنڊ، چونڪ چونڪ،
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جئن ڏِئي اُتي جواب انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
ڳاءِ، ڳاءِ نوجوانَ!
جئن زمين آسمان
جي زبان کلي پئي،
زندگي اُتي چئي،

انقلاب! انقلاب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!."(8)

اياز جي شعري فِڪر جا ابتدائي بُنياد ترقي پسند فِڪر تحت هئا. جنهن ۾ مظلوم طبقي جي پُٺڀرائي ۽ استحصال، اڻ برابري ۽ طبقاتي تفاوت جو انڪاريا فِڪر آهي. ساڳيو خيال هِن نظم جي فِڪر ۾ عيان آهي ۽ پڻ اياز، رائج نظام جي خرابين طرف ڌيان ڇڪائيندي، نئين نظام اڏڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ سامراج جي هٿڪنڊن کي ڍاهڻ ۽ انساني آزاديءَ تي مُبني متوازن، بي رعايا رياست جي تصوير ڪشي ڪئي آهي.

روشن خيال فِڪر جي نمائنده شاعرن ۾ ٻيو نالو ڪيئلداس فاني جو آهي. فاني شاعريءَ ۾ شيخ اياز جو اُستاد هو. غلاميءَ جي ڪٺن دور ۾، مذهب ۽ طبقاتي فرق جي نالي سان انسانيت سان جيڪو جبر ٿيو تاريخ ۾ اِن جو مثال گهٽ ٿو ملي. فاني، ترقي پسند فِڪر جي عمدگي ڪتب آڻيندي، استحصالي نظام تي وڏي تنقيد ڪئي.

"سنڌءِ سرمايداريءَ سان نہ منهنجي ڪا عداوت آهہ
مگر انسانيت جي تنهنجي در تي هي شڪايت آهہ
ڌرم تون ٿو سدا سمجهين ستايل کي ستائڻ ۾
مگر منهنجو ڌرم ايمان انسانن جي خدمت آهہ
تون حرفت سان ۽ حرڪت سان پلي پر پيٽ کي، ليڪن،
پرائي نان ڪا فاقہ ڪشي مون لاءِ برڪت آهہ
مگر انسان آهيان، هڪڙي آدم جا ڄڻيا آهيون،
ڪيو قسمت اسان جي ۾ تفاوت ڪو نہ قدرت آهہ
سنڌءِ محلات جي سِر سِر ۾ منهنجي خون جو ڳچ آهہ
جو تنهنجي لاءِ شربت سو پسينو منهنجي محنت آهہ
غلامن، حاڪمن ۾ فرق آ "فاني" فقط هڪڙو
تہ تو کي مون سان رغبت آ مون کي تو لاءِ نفرت آهہ." (9)

ڪيئلداس فاني، لفظن جي سادي استعمال تي ڪمال گرفت ۽ نفسياتي اثرن سان خوب واقفيت رکي ٿو. سڄو نظم ترقي پسند فِڪر تي آڌاريل آهي. اُن جي ابتدا ۾ سادگي آهي پر بعد ۾ ترقي پسند فِڪر جو پُراثر استعمال ڪندي لفظن جو

خوبصورت چار ناهي ٿو ۽ جبر ۽ استحصال جي اخلاقي پستي ڏسي، اُن جي تنزلي جي طمع جو خواهشمند ۽ آقا ۽ غلام جي وچ ۾ نہ متندڙ نفرت جي نشاندهي ڪري ٿو:

”جيستائين فرد بدلائي نہ فطرت ساٿيو!
تيستائين ڦير آڻيندي نہ قدرت ساٿيو!
حالتن جي هي تقاضا آهہ تہ ظالم سان لڙو
۽ ڪريو اُن جي خدائي سان بغاوت ساٿيو!
اٿو اٿو جو زمانو ٿو جنگ جنگ ڪري
هي ظلم جبر ٿو روحن کي تنگ تنگ ڪري
وڄايو ڍُهل بغاوت جو ڊنگ ڊنگ ڪري
وڌو اڳي ۽ رهو ان کي دنگ دنگ ڪري
هي وقت آهہ اچو اجناب مرده بادا!
لڳايو نعرو چئو انقلاب زندهہ بادا!“ (10)

فرد جو سماج جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار آهي. پسمانده معاشري جو فرد تبديليءَ کان خوف کائيندو آهي. جنهن جو فائدو وٺي، سامراج ۽ صنتعڪار سندس استحصال ڪري ٿو ۽ محنت ڪش ۽ مزدور طبقي جي مفادن خلاف قانون جوڙي ٿو. تنهن کي مظلوم طبقو پنهنجو مقدر سمجهي قبول ٿو ڪري. نياز همايونيءَ جي نظم ۾ فرد جي ذميداراڻہ ڪردار تي زور ڏنل آهي. نياز همايونيءَ جي سُڃاڻپ قوم پرست شاعر جي آهي پر هُن اشتراڪي خيالن جو ڪافي اظهار ڪيو آهي. سندس نظمن ۽ گيتن ۾ سماجي انقلاب ۽ استحصال خلاف عام جام فِڪر ملي ٿو. هِن نظم جنهن ۾، نظام جي خرابين ۽ مساوانہ انصاف، غريب جي تنگدستي ۽ امير جي خودپرستيءَ جا زوراڻا سوال اُٿاريل آهن. جنهن منجهان رائج نظام سان، سماجي غيرسهمتيءَ جو تاثر پيدا ٿئي ٿو. ۽ اهڙي تاثر کي هُو عوامي بي چيني (un_rest) ۾ تبديل (convert) ڪندي سماجي انقلاب تي زور پري ٿو.

تخليقڪار تي سماجي حالتن جو تڪڙو اثر (impact) ٿئي ٿو. نياز همايوني خود، هيٺيئن طبقي سان تعلق رکندڙ هو. سماجي پيڙا جو ڪرب ۽ اميري خواهشن جي جماليات جو ويڇهڙائي کان مشاهدو رکندو هو تنهنڪري نظام کان بغاوت ۾، مُفلس طبقي جو آجپو ڏسي ٿو:

”صبح نہ آهي دور ساٿي
صبح نہ آهي دور.
لمبي رات وهامي ويندي
ڏک جي آڳ اجهامي ويندي
آس نہ لاٿي جي تو ساٿي
اونده مان ئي ٻاڪون ڦٽنديون
ڪاريون راتيون نيٺ تہ ڪٽنديون
جو تو وڃين وهلور ساٿي
صبح نہ آهي دور.
ڪارن پردن مان پرڀاتيون
اوڀر ڪان ٿيون پائن جهاتيون
صبح ٿئي ٿو نور وسي ٿو
رات ٿي پنهنجو دم ڀوساٽي
اونداهين جو هاڻ ٿو ڦاٽي
ڇاڻ لٿا هي سور ساٿي
صبح نہ آهي دور.“[11]

تنوير عباسي، ترقي پسند فِڪر جو نمائنده شاعر آهي. هُن شيخ اياز، رشيد ڀٽي، سوڀي گيانچنداڻي، استاد بخاري ۽ ٻين سان گڏجي رجعت پرستيءَ جو ترقي پسند خيالن ذريعي مقابلو ڪيو. هُو آدرشي ۽ نرالو ۽ نرم لهجي جو شاعر آهي ۽ انقلابي ڳالهہ بہ نرم لهجي ۾ ڪري ٿو. جيئن هِن نظم ۾ صُبح نہ آهي دُور ۽ لمبي رات وهامي ويندي جو اصطلاح ڪتب آڻيندي مُنفرد انداز ۾ انقلاب جي حوصلي افزائي ڪئي اٿائين. نظم ۾ انقلابي ڪارڪُن جو حوصلو وڌايل آهي. هُو جبر جي خاتمي جي نويد. ڪاري رات جي ڪُک مان ٻاک جي جنمڻ سان ڏِئي ٿو ۽ نوس انداز ۾ ٻڌائي ٿو تہ جبر جي رات ڪي بقا ناهي.

”اُٿو هاڻ گهوٻو ۽ پانو اُٿي پيو،
ٻنيءَ ساڻ ڪارخانو اُٿي پيو
ڏني اُپ لولي، جَهلي پُونءِ جهولي،
مگر چيلهہ موڙي زمانو اُٿي پيو.“[12]

گهوبي ۽ پاڻي ۽ ٻنيءَ ساڻ ڪارخاني جي اُتڻ جي ڳالهہ ڪندي، اُستاد بخاري هاري ۽ پورهيت انقلاب جو اشارو ڪري ٿو. ترقي پسند تحريڪ جو مکيہ متو هيٺين طبقي ۾ حقن جو شعور آڻڻ آهي. اوهان ڏسندا تہ هِن فِڪر هيٺ دُنيا جي جنهن بہ ادب ۾ تحريرون، شاعري، افسانہ، ڪهاڻيون، ناول، ڊراما لکيا ويا اُنهن جا هيرو پورهيت يا مزدور آهن. اُنهن کي سماجي انقلاب جا اُهڃاڻ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. اُستاد بخاريءَ جي شاعريءَ مان ترقي پسند فِڪر جو هيءَ ننڍڙو مثال آهي پر سندس سموري شاعري انقلاب ۽ روشن خياليءَ تي ٻڌل آهي، جنهن منجهان ترقي پسند تحريڪ ۽ روشن خيال فِڪر جا آبشار وهن ٿا:

ادب بُنيادي طرح طاقت ۽ حرڪت جو مظهر آهي. ترقي پسند فِڪر تحت اديبن ۽ شاعرن انسان جي داخلي ۽ خارجي معاملن ۾ خلا پيدا ڪرڻ بدران هم آهنگي ۽ توازن قائم ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ پنهنجي تحريرن ۾ شاعريءَ کي خود عوامي جذبن جو عڪاس بڻايو آهي. 1947 ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بعد ۾ 60 ۽ 70 جي ڏهاڪن کان ويندي 90 جي ڏهاڪي تائين، ترقي پسند فِڪر جو زور زوران رهيو. هِن دوران مُلڪ اندر آمريت جو پڙ راڄ رهيو. ترقي پسند اديب، دانشور ۽ ڪاپي ڏُر سان سلهاڙيل سياستدان اُن سان مزاحمت ۾ رهيا. هِن دور ۾ ترقي پسند ادب ۽ سياست، ٻنهي گڏجي رجعت پرستي ۽ سامراجي پاليسين جي مخالفت ڪئي.

خاڪي جويو ترقي پسند تحريڪ جي پوئين يعني 80 ۽ 90 جي ڏهاڪي جو روشن خيال شاعر آهي. سامراج خلاف سندس هڪ طويل نظم تنهن دور ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو:

"جنگ جاري رهي، جنگ جاري رهي،
ويرين جي مٿان وارُ ڪاري رهي،
ڪو بہ پرتي نہ مزدور هاري رهي،
ساهہ سِر جو ڪٽي سپ اُهو اچن:
ڏاڍ جي ڏونگرن کي اچو ڏاريون،
ظالمن، جابرن کي بہ للڪاريون،
ديس تان ڪاريون ڪڪريون تاريون،
پانهنجا پاريون واعدا وچن:
سامراجي ذهن آهہ سهڪي اُٿيو

بَمر، بارودَ، گولن سان ڀڪي اُٿيو،
خُونُ پنهنجو ٻه اڄ آهه ٽڪي اُٿيو،
ديسَ دُشمن دروهي ڪبو هر دفن:
پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن!“ (13)

نظم ۾ غير ترقي پسند قوتون، جِن کي سامراج چئي مخاطب ڪيو آهي، سان مزاحمت جو سڏ آهي. جيڪو تخليق ۾ حُسن ۽ ترقي پسنديءَ لاءِ تسڪين جو باعث آهي.

ترقي پسند تحريڪ اصل ۾ تبديليءَ جو سڏ هُئي. هڪ عرصي کان دُنيا اندر مطلق العنانيت جو راڄ رهيو. سياست، ادب، سماج، سائنس سڀ شيون جمود جو شڪار هُيون. دُنيا هڪ فيز ۾ هلي وئي هُئي، جنهن ۾ نواڻ جا، نئين سوچ جا رستا بند هئا. ڏاڍ، جبر، حُڪمراني پنهنجي مڪروح چهري سان مظلوميت کي نپوڙي رهي هُئي. تنهن ۾ تبديليءَ جي خوشبوءِ هر ترقي پسند لاءِ خواهش ۽ تسڪين جو باعث هئي.

”هي انڌي ۽ ٻوڙي، هي گونگي دنيا،
هي ظالم ۽ قاتل، هي بيحس سماج،
هي بي درد ماڻهو
هي پٿر جا انسان.
هتي ڪنهن جا ارمان گهٽجي ويا،
هتي دل جا جذبا ٻه ويا چيپاٽجي،
هتي ڪو ٻه ڪنهن کي سُڃاڻي نه ڄاڻي،
هتي روح زخمي ۽ گهايل دليون،
مهانڊا اداس!
هتي زندگي دربدر پئي رُلي!
هتي هر قدم تي،
مريضن، اگهاڙن، بکين، بي گهرن جون،
اوهان کي قطارون ٿي اينديون نظر!
هتي پيار ڪنهن سان نه ڪو ٿي ڪري،
محبت خطا آ،

وفا ڏوهہ آ!
حوادث جي طوفان وسائي ڇڏيا،
اميدن جا ديپ!
هتي ذهن تي آهہ زنجير ويڙهيل،
خيالن تي بندش،
زبانن تي تالا،
هتي ڪير آهي،
جو سينو سهائي،
ڇوي ڪوڙ کي ڪوڙ نعرا هڻي؟
ڪو آهي اسان ۾،
جو دنيا مان ظلمت جي پردن کي چيري،
نمودار نورِ سحر کي ڪري؟
سحر، جنهن ۾ اپرن سچائيءَ جا سج!
سحر، جنهن ۾ پلجي نئين زندگي!
سحر، جنهن ۾ مرڪن مهانڊا سپن جا!
جتي زندگي پنهنجي رعنائين سان،
مسرت جي مستيءَ ۾ جهومي ۽ جهولي!
ڪو آهي اسان ۾؟
ڪو آهي؟
ڪو آهي جو آڻي هتي اهڙو ڦيرو؟"(14)

ترقي پسند تحريڪ تحت سنڌ ۾ نوجوان لکندڙن نثر توڙي نظم ۾ روشن خيال فِڪر کي ڦهلايو. بعد ۾ قيام پاڪستان جي ستت بعد جنرل ايوب خان جي مارشل لا ۽ تنهن بعد ون يونٽ جي قيام سان سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ترقي پسند فِڪر وڏيڪ زور ورتو ۽ ادب ذريعي انقلابي خيالن جي وڏي آبياري ٿي.

**نتيجو:**

قديم توڙي جديد سنڌي شاعريءَ مان مثال ڏيندي اسان سنڌي شاعريءَ ۾ روشن خيال فِڪر ۽ فلسفي جو مختصر جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لوڪ شاعريءَ مان چند مثال ڏيڻ بعد ڪلاسيڪي شاعريءَ مان مثال ڏيندي

جديد سنڌي شاعريءَ جا مثال پيش ڪيا آهن. جنهن ۾ روشن خيال فِڪر جا سمورا لوازمات ۽ احساس موجود آهن. تِن ۾ جهڙوڪ: تنقيدي شعور، آزاديءَ جو احساس، انساني برابري، سماجي سُڌاري جي خواهش، انسان جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت جهڙا موضوع شامل آهن. جيڪي خود قدامت پسنديءَ جي پيٽ ۾ روشن خياليءَ ۽ روحانيت ۽ جديد دور جي حقيقت پسنديءَ گڏجي هڪ اهڙو فِڪري سنگم پيدا ڪن ٿا جيڪو سنڌي شاعريءَ کي روشن خيال فِڪر سان سلهاڙي ٿو.

**حوالا:**


1. هاشمي، طاهر، ڊاڪٽر، ترقي پسند شعرا کا زاويا فکر اور انسان. شعبا اردو، گورنمينٽ ڪالج يونيورسٽي، فيصل آباد 2015ع.
2. انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا
3. نظاماڻي، الله بخش ، سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌي يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ، 1971ع (ص. 12)
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، دودو چنيسر. سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڊجيٽل ائڊيشن، 2006ع (ص، 2)
5. سنڌي عبدالمجيد، ميمڻ، سنڌي ادب جي تاريخ. (ص 80)
6. سومرو، محمد عالم ڊاڪٽر (مرتب) شاهه جو رسالو الف ب وار: روشني پبلڪيشن ڪنڊيارو، 2013ع، (ص. 66)
7. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصحيح) خليفي صاحب جو رسالو: سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع (ص، 15)
8. اياز شيخ، پونر پري آڪاش. (ڇاپو: ٻيون). تنبو ولي محمد، نيوفيلڊ پبليڪيشن، 1989ع (ص 176،175)
9. فاني، ڪيئلداس سمنڊ سمايو بوند ۾ (سهيڙيندڙ: انور فگار هڪڙو) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1995ع. (ص 174،175)
10. همايوني، نياز ڌرتي جا گيت. سنڌ سلامت گهر (آن لائين) 2020ع، (ص، 66،67)
11. عباسي، تنوير، رڱون ٽيون رباب (ڇاپو: ٻيون) آگم پبليڪيشنز، حيدرآباد، 1979ع، (ص 27،26)
12. بخاري استاد، لهر لهر دريا (ڇاپو: چوٿون) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2016ع (ص 24)
13. جويو خاڪي. آزاد گهر جي وطن (ڇاپو: ٽيون،)، 2008ع (ص 13،14)
14. ارشد، عبدالحڪيم، ڏيئا ذات جا، سنڌ، سنڌ اشاعت گهر، سڪرنڊ. 1976ع. (ص 66،67)

# مخدوم محمد امين فهيم جي غزل گوئي جون خوبيون

# Qualities of Ghazal composed by Makhdoom Muhammad Amin Fahim

ڊاڪٽر اختر حسين گهنيو/ڊاڪٽر انورالدين ڪاڪا

**Abstract:**

The prominent poet of sindhi language and 18th custodian of Makhoom Nooh sarwar Dargah of Hala; Makhdoom Muhammad Amim Fahim was a multidimensional personality. He was born at the home of prominent poet and 17th custodian of Makhdoom Nooh sarwar Dargah; Makhdoom Talibul Moula at Taluka Hala( Now District Matiari) on 4 th August 1939. He was christened Muhammad Amin, while Muhammad Amin sahib “Tents’ owner’’. His grand fathers’ name, he was also called’’ *Dada sain”.*

In his practical life Muhammad Amin was a serious, principled, honorable, patriot, and all admirable personality and politician. He is counted as first line politician in Pakistan .His sincerity, positive will, loyalty to party, tolerance, wisdom, problem solving and strong spirit he remained admirable and respectable personality at ruling and opposition houses. He remained equal respectable in all the four provinces.

Makhdoom Amin Fahim was dignified and prominent poet. His poetry contains all the issues of life, From Natural beauty to love, separation, union, pain, integrity, ignorance, owning and love are the topics of his poetry. We find beauty of art in his poetry. In his poetry we find pain of love and severity of life as a standard, which make him a perfect natural poet. His lyrics from point of view of art willingness, meaningful, directive and faithfulness are frequently found.

مخدوم محمد امين فهيم جن جي ولادت 4 آگسٽ 1939ع مطابق 17 جمادي الثاني 1357هه جمعي جي ڏينهن ٿي. سندن نالو جد امجد ”مخدوم امين محمّد ثالث“ جي نالي پويان رکيو ويو. ان نسبت جي ڪري کيس ”ڏاڏا سائين“ ڪري پڪاريو ويندو هو. غلام سرور ٿهيم ٻه لکيو آهي ته، ”مخدوم طالب

المولي جي گهر ۾ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ 4 ـ آگسٽ 1939ع جمعي واري ڏينهن پيدا ٿيو.[01]

سندن جنم تي گهڻن شاعرن شاعري ڪئي.

مخاديم هالا جي وڏي تاريخ آهي. ماهنامہ فردوس جي مخدوم نوح نمبر ۾ آيل آهي تہ ”مخدومانِ هالا جو موسسِ اعليٰ، حضرت مخدوم فخرالدين صغير رح بوبڪن مان هجرت ڪري اچي هالاڪنڊيءَ جي پرسان ٽوڙي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي جي مڪاني قومن لاکن، سومرن ۽ هالن مان شادي ڪيائين.“[02]

حضرت شيخ مخدوم فخرالدين رح پنهنجي دور جو وڏو اهل الله ٿي گذريو آهي. سندس ڪرامتن جا گهڻائي قصا ڪتابن ۾ ملن ٿا. سندس انتقال هالاڪنڊيءَ/ ٽوڙيءَ ۾ ٿيو. پهرين کيس علائقي جي شيخ ابوبڪر واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جڏهن درياهہ جي پاڻ سبب هيءُ خاندان هجرتون ڪندو اچي موجوده هالا نوان ۾ رهيو تہ پنهنجي خاندان جي بزرگن جا جسم مبارڪ بہ پاڻ سان گڏ اتان لڏائي کڻي آيا ۽ اچي موجوده درگاهہ شريف ۾ سپرد خاڪ ڪيائون. مخدوم فخرالدين صغير جي مزار مخدوم غلام حيدر واري چوڪنڊيءَ ۾ آهي.[03]

ماهنامہ فردوس جي مختلف صفحن ۾ آيل آهي تہ مخدوم نوح نمبر حضرت شيخ مخدوم فخرالدين ڪبير رح ولد حضرت شمس الدين ابوبڪر ڪتاني رح هن خاندان جو پهريون بزرگ هو جيڪو غلام گهراڻي جي دور ۾ ڪوٽ ڪروڙ مان هجرت ڪري مختلف هنڌن تي قيام ڪندو اچي بوبڪن ۾ رهيو. سندس علم ۽ بزرگيءَ ڪي ڏسندي کيس ’قاضي‘ جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. سندس مزار حضرت قلندر لعل شهباز جي مقبري جي پرسان، سيوهڻ ۾ آهي.[04]

سروري جماعت جو ارڙهون مهندار مخدوم محمد امين فهيم وڏي اهميت، فيض، فضيلت ۽ انسان دوستي جهڙن ڳڻن سان پريل هو. کيس علم، بصيرت ۽ شعر و شاعري سان شغف خانداني ورثي جيان مليو. سال 1946ع ۾ مخدوم طالب المولي سائين جون رباعيون ڪتابي شڪل ۾ ”رباعيات طالب“ جي نالي سان شايع ٿيون.

منسوب هي اشعار آءُ توساڻ ڪريان ٿو،
ٿون تن تي ”محمد امين“ شل هونديون ڪمربند.

الله عطا توکي ڪري عـلم و ولايت،
پيغامِ عمل ساڻ وجي تنهنجو ٿي پيوند.[05]

مخدوم محمد امين فهيم کان اڳ سروري خاندان ۾ ٽي سجاده نشين اهڙا ٿي گذريا آهن، جيڪي مخدوم امين فهيم جا هم نام هئا. انهن ٽنهي بزرگن جو پنهنجي پنهنجي دور ۾ اعليٰ مقام هو.

سندس آواز گفتار، رفتار، قد وقامت، برتاءُ نشست و برخواست، حسن خلق، انداز تخاطب هوبهو پنهنجي والد بزرگوار جهڙو هو. ساڳي عجز، انڪساري، نياز، نوڙت ۽ رواداري جيڪا حضرت طالب المولىٰ جي سڃاڻ هئي.

مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ کي امين ’فهيم‘ کان سواءِ اولاد ۾ ڇهه پٽ عطا ٿيا: مخدوم خليق الزمان خليق، مخدوم ڊاڪٽر رفيق الزمان، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم سعيد الزمان عاطف سروري ۽ مخدوم نويد الزمان عرف نوح فقير آهن.

مخدوم جميل الزمان، پنهنجي ڪتاب ’تذڪره مخدومانِ هالا‘ (1790 کان 1944ع) ۾ هالا جي مخدومن جو سلسلو حضرت مخدوم امين محمد ثانيؒ کان حضرت غلام محمد عرف گل سائينؒ تائين ڄاڻايو آهي. جنهن بعد مخدوم طالب المولىٰ، مخدوم محمد امين فهيم ۽ سندن ڪانپوءِ موجوده دستار، مخدوم جميل الزمان کي ٻڌل آهي.

مخدوم امين فهيم جي تربيت بابت محترم عبدالرئوف سومرو لکي ٿو ته، ”ننڍي هوندي کان ئي تربيت وڏي پيار سان ڪئي، مگر والده ٻن سالن ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي، ڪوشش اها ٿي ته والده جي پيار جي ڪمي محسوس نه ٿئي، ان ڪري هر ڪنهن کان پيار ۽ پنهنجائپ جو ماحول ڏنو ويو.“[6]

مخدوم امين فهيم صاحب قرآن مجيد ۽ چار سنڌي درجا پنهنجي ئي حويلي، نوان هالا ۾ حاصل ڪئي. پاڻ 1955ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي. 1958ع ۾ انٽرميڊئيٽ پاس ڪيائين. سنڌ يونيورسٽيءَ مان Political Science مان 1961ع ۾ بيچلرس جي ڊگري حاصل ڪئي.

محترم عبدالقادر قادري ڪٽي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته، ”مخدوم صاحب] مئٽرڪ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا، انٽر سروري اسلاميه ڪاليج هالا نوان، بي.اي به ساڳئي ڪاليج مان. ايم.اي، ايل.ايل.بي ۽ ايم.اي پولٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪيائون.“[7]

مخدوم امين فهيم صاحب جي شادي 19 سالن جي عمر ۾ 1957ع ۾ اچ شريف مان ٿي. پاڻ ٻي وري شادي بنگالي گلوڪارا رونا ليليٰ جي ڀيڻ دينا ليلا سان ڪئي، جنهن جي ڪجهه سالن ۾ وفات ٿي ويئي. سندس وري ٽين شادي ڪراچيءَ ۾ ڪنهن اردو ڪميونٽيءَ مان ٿي ۽ آخري چوٿين شادي وري پنجاب مان ڪيائين.

محقق محترم رمضان مسڪين، پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ لکيو آهي ته، مخدوم محمد امين فهيم جي شادي 1957ع تي سندن مامي جي گهران پير امام علي اَچ شريف مان ٿي. ان خوشيءَ جي تي هڪڙي رسالي ۾ خاص نمبر ’رفيقِ حيات‘ جي عنوان سان ڪڍيو ويو. ڪين الله سائين جي ٻاجهه سان پنج پٽ ان مان ٿيا، جن ۾: جميل الزمان، شڪيل الزمان، عقيل الزمان، خليل الزمان عرف مخدوم نعمت الله، جليل الزمان عرف مخدوم حبيب الله ( ٻئي جاڙا) چاوا ۽ ٻه پٽ جن ۾ نجيب الزمان ۽ ابو محمد سنڌيار ٻين زالن مان پيدا ٿيا. سندن ڪل ست پٽ حيات آهن. وڏو سائين جميل الزمان ’جميل‘ صاحب سروري جماعت جا 19هان گادي نشين آهن.[8]

سندس پهرين شاديءَ (1957ع) تي مشاعرو ڪرايو ويو هو.

مخدوم امين ’فهيم‘ ستن پٽن جو اولاد عطا ٿيو. سندس پٽن جا نالا هن ريت آهن:

1. مخدوم جميل الزمان ’جميل‘
2. مخدوم شڪيل الزمان
3. مخدوم عقيل الزمان
4. مخدوم نجيب الزمان
5. مخدوم خليل الزمان عرف مخدوم نعمت الله
6. مخدوم جليل الزمان عرف مخدوم حبيب الله
7. مخدوم ابو محمد سنڌيار

سندس وڏو فرزند مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ هڪ پختي سياستدان هجڻ سان گڏ شعر ۽ ادب جي ميدان جو شهسوار آهي. موجوده دور ۾ حضرت قبله طالب المولىٰ سائينِ کان پوءِ سندس ڪلام ئي سروري خاندان جي موجوده شعراء ڪرام کان گهڻو آهي. هو ’صاحبِ ديوان‘ شاعر آهي. سندس بابت انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد ٽئين (ص 365) ۾ لکيل آهي ته، ”شاعريءَ ۾ پنهنجي ڏاڏي ۽ سنڌ جي عظيم شاعر مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کان رهنمائي ورتي. اهو ئي

ڪارڻ آهي جو سندس شاعريءَ ۾ پختگيءَ سان گڏ خيال جي گهرائي ۽ نواڻ موجود آهي. نثر جي ميدان ۾ سندس لاڙو تحقيق ۽ تاريخ طرف آهي. ڪيس پنهي مضمونن جو وسيع مطالعو مشاهدو ۽ تحقيقي چاڻ آهي. شاعري، تحقيق، تاريخ، سوانح ۽ ٻين موضوعن تي سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

(1) اتر لڳا آءُ ڀرين (شاعري)، (2) دلربا دلربا (شاعري)، (3) سنڌ جي واقعاتي تاريخ، (4) تذڪره مخدومان هالا، (5) خير شيرازي (لغت)، (6) ملاقات (شاعري)، (7). محبت پائي من ۾، (8) سيد فتح محمد شاهه اجناڻي (سوانح ۽ ڪلام)، (9) انهن سندي ڳالهڙي (ترتيب)، (10) منهنجو نِنڍپڻ (مخدوم طالب الموليٰ جي آتم ڪٿا واڌارن ۽ سڌارن سان ترتيب)، (11) صبوحي (ترتيب)، (12) سچ وڙاءُ (ترتيب)، (13) قافيا ڪوش (لغت: 2010ع)، (14) The Days & Dates (2010)".

مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي علمي ادبي سياسي سماجي زندگيءَ ۾ بي بها خدمتون سرانجام ڏنيون. مخدوم امين فهيم 76 سالن جي ڄمار ۾ 21 نومبر 2015ع بمطابق 8 صفر 1437هه تي رَت جي ڪئنسر جي بيماريءَ سبب وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه هالا شهر ۾ مخدوم سرور نوح جي درگاهه جي اندر سائين طالب الموليٰ جي پيرانديءَ ۾ آهي.

**مخدوم محمد امين "فهيم" جي شاعريءَ جون خوبيون**

مخدوم محمد امين فهيم صاحب سنڌي غزل جي بهترين شاعرن منجهان هڪ آهي/ هو. سندس غزل سنڌي شاعري ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت رکن ٿا. پاڻ پنهنجي غزل کي جتي ٻين فني حسناڪين سان سجايو ۽ سنواريو اُتي،اتي هن مطلع ثاني (جنهن کي زيب مطلع ۽ حسن مطلع به چئجي ٿو.) جو استعمال به ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي.مطلع ثاني غزل جي ٻئي بند کي چيو ويندو آهي. جيڪو غزل جي مطلع جي هم قافيا هوندو آهي.سندس غزلن ۾ موجود مطلع ثاني ( زيبِ مطلع/ حسن مطلع) جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

آئون تنهنجي تار ۾ ڦاسي پيس،
عشق جي آزار ۾ ڦاسي پيس.( مطلع)
گل پٽيندي خار ۾ ڦاسي پيس،
"ڇٽڪ دامِ يار ۾ ڦاسي پيس." ( زيب مطلع)(9)

اي بيقرار اي بيڪس نظر اداس نہ ٿي،
اجھو تہ آيو هو رشڪ قمر اداس نہ ٿي.( مطلع)
جي تنهنجي آھہ ۾ ناهي اثر اداس نہ ٿي،
اٿي ڪا جستجو پيھر بہ ڪر،اداس نہ ٿي.( مطلع ثاني)[10]

**مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ تغزل:**

مخدوم محمد امين فهيم جي شاعريءَ ۾ سڀني صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تعداد غزل جو آهي.سندس چيل غزل ۾ "تغزل" جو رنگ بہ عام جام ملي ٿو.

سنڌ جي نوجوان شاعر ۽ محقق معشوق ڌاريجي پنهنجي مقالي "جديد سنڌي شاعري جو فني جائزو" ۾ لکي ٿو تہ: "تغزل جديد سنڌي شاعريءَ جي خوبصورت فني نقطن ۽ نزاڪتن منجهان هڪ آهي.غزل جواهڙو بند جنهن ۾شاعر سڌو سنئون عورت ( محبوب ) سان مخاطب هوندو آهي.ان کي تغزل چئبو آهي."[11]

مخدوم صاحب جي غزلن منجهہ تغزل جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

آئون تنهنجي پيار ۾ ڦاسي پيس،
عشق جي آزار ۾ ڦاسي پيس.[12]
( پيغام:ص16 )

مخدوم امين فهيم پنهنجي غزل کي جتي مختلف فني نزاڪتن سان سينگاريو آهي،اتي هن غزل جي سڀني سٽن کي هم قافيہ رکڻ وارو شاندار فني تجربو بہ ڪيو آهي.اهڙو فني تجربو شايد ئي سنڌيءَ جي ڪنهن ٻئي شاعر ڪيو هجي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ نظر ناهي آيو .هيٺ سندس هڪ اهڙو ئي غزل ڏجي ٿو.جنهن جون سموريون سٽون هم قافيہ آهن:

**مخدوم محمد امين فهيم جي غزل ۾ سڀئي سٽون هم قافيہ،هم رديف:**

مخدوم امين فهيم سنڌي شاعريءَ جي گلشن جو اهڙو سدا سرهو گل آهي،جنهن وٽ پنهنجي نرالي شاعراڻي سڳنڌ ۽ سرهاڻ آهي.فني تجربن جي حوالي سان سندس شاعريءَ جو حسن نرالو آهي.مخدوم صاحب اهڙو بہ غزل لکيو آهي، جنهن جون سڀئي سٽون هم قافيہ ۽ هم رديف آهن. غزل جي سڀني سٽن کي هم قافيہ ۽ هم رديف لکڻ جو تجربو مون ٻين شاعرن وٽ اجان نہ ڏٺو آهي.

مخدوم امين جو اهڙو غزل هيٺ ڏجي ٿو جنهن جون سڀئي سٽون هم قافيہ ۽ هم رديف آهن:

زمين خاموش ۽ خود آسمان خاموش آهي
الاجي ڇو محبت جو جهان خاموش آهي

جهان خاموش ٿيو جو مهربان خاموش آهي
نہ آواز آهي ڪجهہ جو ٿي زبان خاموش آهي

تڏهن سارو جهان نا مهربان خاموش آهي
جڏهن ئي اج امير ڪاروان خاموش آهي

پلا صياد ڇو منهنجي اڳيان خاموش آهي
ڏسو قدرت،ٿيو تير وڪمان خاموش آهي

”امين“ جي روبرو هو بي گمان خاموش آهي.
خدا ڄاڻي تہ ڇو اج پاسبان خاموش آهي (13)

**مخدوم جي شاعريءَ ۾ بنا مطلع غزل:**

مخدوم امين فهيم جو شمار سنڌي ٻولي جي بهترين غزل گو شاعرن ۾ ٿئي ٿو.سندس غزل فني توڙي فڪري طور تي بيحد پڪو پختو ۽ مضبوط آهي.هونئن تہ سندس هر هڪ غزل ۾ مطلع جو استعمال ٿيل آهي پر سندس هينيان غزل بنا مطلع جي لکيل غزل آهن.جن جي پهرين سٽ قافيي ۽ رديف جي پابنديءَ کان آزاد آهي. مطلع غزل جي پهرين ٻن سٽن کي چيو ويندو آهي.

**مخدوم محمد امين فهيم جي غزل ۾ ٽُڙ قافيي جو استعمال:**

مخدوم محمد امين فهيم سنڌي ٻوليءَ جو نهايت ئي قادرالڪلام شاعر آهي. جنهن جي سموري شاعري هيرن جي هار ۽ موتين جي مالها جهڙي موهيندڙ شاعري آهي. سندس شاعري ۾ قافيي جو استعمال ڏاڍو شانائتو ٿيل آهي. معشوق ڏاريجي( ماهوار رومي اپريل 2018 حيدرآباد ص 40 ) پنهنجي مقالي ”جديد سنڌي شاعريءَ جو فني جائزو“ ۾ لکيو آهي تہ ”قافيو هم آواز لفظن کي چئبو آهي. قافيو شاعري جيءَ اهم ۽ بنيادي نقطن منجهان هڪ آهي. مضبوط پختوپابند ۽ تز قافيو شاعريءَ جي جان ٿئي ٿو.جيڪو شعر ۾ موزونيت

سان گڏ موسيقيت ۾ ردم پيدا ڪري ٿو.“

مخدوم امين فهيم جي شاعريءَ مان تز قافيي جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

سنگ در تي گذارڻو آهي،
پنهنجي دل کي ڏتارڻو آهي.

عشق پنهنجو اجارڻو آهي،
وعدهء وصل پارڻو آهي.

ڪشتي ساحل تي ڪنهن طرح نه رسي
اهڙو طوفان اٿارڻو آهي.

چو نٿو روبرو ڪرين وعدا،
توکي شايد وسارڻو آهي.

جيئن به گذريو گذاربو رهبو،
وقت آخر گذارڻو آهي.

چو نه دنيا جو ذرو ذرو ڏسون،
نور آهي نهارڻو آهي.

پهرين ساقي پيار واعظ کي،
سر تان آفت کي تارڻو آهي.

وعده وصل منهنجا ماهه جبين،
پار اڄ ئي، جي پارڻو آهي.

ان جو ئي ٿي گذاربو اي ”فهيم“
پنهنجو وعدو ته پارڻو آهي.(14)

**مخدوم محمد امين فهيم جي شاعريءَ ۾مشترڪ غزل/ سهڪاري غزل جو تجربو:**

سنڌي شاعريءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ صفا ٿوري تعداد ۾ مشترڪ غزل لکيل ملن ٿا. ويجهڙائي ۾فيس بڪ تي ان ئي انداز ۾ غزل لکيا ويا،جن کي ”سهڪاري غزل“ جو نالو ڏنو ويو. بهرحال توڙي جو سنڌ جي شاعرن ان انداز تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو جي ڏين ها تہ اهو تجربو اڻ وڻندڙ هرگز ثابت نہ ٿئي ها، پر پڙهندڙ وٽ ڪنهن حد تائين مقبوليت ضرور ماڻي ها. هڪ ئي غزل/ تخليق ۾ مختلف شاعرن جو تخيل،انداز،ٻولي ۽ لهجو پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ها. ٿوري دير لاءِ ئي تصور ڪجي تہ جيڪڏهن هڪ ئي غزل ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، مخدوم طالب المولي، تاجل بيوس، تنوير عباسيءَ ۽ امداد حسيني وغيره جو تخيل سنڌيءَ جي مختلف لهجن ۾ پڙهڻ لاءِ ملي ها تہ، ڪهڙو پڙهندڙ اهو مشترڪ غزل پڙهڻ نہ چاهي ها. خبر ناهي ڇو ان انداز کي شاعرن اهميت نہ ڏني؟

بهرحال اهڙو تجربو سنڌ جي ٻين شاعرن ڪيو يا نہ؟ پر مخدوم امين فهيم ساقي نالي شاعر سان گڏجي ضرور ڪيو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

ساقي: بلندي تي ڪيو بيهي مون اقرار وفا يارو،
زمين وارا مگر مون کان ٿين ڇو ٿا خفا يارو.

امين: عجب آزادگي آخر اهوجهن کي ملي آهي،
اهائي مهرباني تن مٿي ڪئي آهي خدا يارو.

ساقي: خدا جي واسطي هي ظلم ڇڏيو پنهنجي بندي تي،
سندم هڪ آهہ سان ويندا ڏکي ارض وسما يارو.

امين: پري کان ئي پرينءَ جو مون ڪيو ديدار اڄ آهي،
اکين هڪ طرف گهائل ڪيو ڪنو ابروءَ جدا يارو.

ساقي: جي هن کي قتل ڪرڻو هو تہ پوءِ اڳ ۾ ئي ٻڌائي ها،
ٻڌائڻ جي سوا هئن ڪئن ڪبي جورو جفا يار.

امين: هي هڪڙو آهي سر، جو پڻ سندس قدمن مٿان قربان،
اڪر لک هجي تہ بہ، گهوريان ڏهہ مرتبا يارو.

ساقي: ادائن سان، جفائن سان ۽ تيرن جي نگاهن سان،
ڪئي مون سان سڄڻ آ بيوفائي، باوفا يارو.

امين: سڄڻ رشڪ قمر سان اوچتو اکيون مليون همدم،
ڏسڻ سان ئي سندم دل ٿي وئي مون کان جدا يارو.

ساقي: سندم دلبر، سندم جان وجگر، هو سنگدل سهڻو
ڪيان ٿو ياد مان هردم، انهي کي اي مٺا يارو.

امين: ستارن کي ڳڻيندي رات ڪئن گذري ٿي عاشق جي،
گهڙي هڪ هڪ بہ ان جي لاءِ ٿيندي آ بلا يارو.

ساقي: مسيحا کي گهرايو ورنہ منهنجو ڪو بِلو ناهي،
انهي کان ئي دل بيمار جي ٿيندي دوا يارو.

امين: ڏکڻ ڏي دلربا منهنجو هوا آهي اتر ويندڙ
مخالف هيءَ بہ ٿي وئي ڪير پهچائي صدا يارو.

ساقي: سڄي محفل ۾ مون کي هڪ سڄڻ سهڻو نظر آيو،
انهي سهڻي ڪري سارو سمان آ دلربا يارو.

امين: رڳو ساحل تہ ڇا دريا جي هڪ هڪ موج خوش ٿيندي،
سندم دلدار جي مون سان ملائي ناخدا يارو.

ساقي: پريشان ٿي ڏٺو "ساقي" کي محفل جي اندر ماڻهن،
جڏهن ٿي ختم ويئي ان جي دل جي هر صدا يارو.

امين: سندس ئي ياد گيري آ جو ان ريءَ بي قرار آهيان،
"امين" جي عشق جي ڏاڍي سني ٿي ابتدا يارو.(15)

مخدوم صاحب جنهن ڪاريگريءَ سان شعري صنعتن کي ڪتب آندو آهي، ان مان معلوم ٿو ٿئي تہ هو شاعريءَ جي بنيادي فن کان ويندي سمورين باريڪ بينين جا بہ ڄاڻو ۽ مشاق هئا.

**نتيجو:**

هن مقالي مان اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ مخدوم محمد امين فهيم صاحب نہ صرف حليم ۽ لطيف طبيعت جو مالڪ هو، پر هو شعر ۽ سخن ۾ پڻ انتهائي وڏي درجي تي پهتل هو. سندس شاعري جتي فني لوازمات ۾ يڪتا آهي؛ اتي فڪري اعتبار کان پڻ انتهائي پڪي ۽ پختي آهي. سندن شاعريءَ جي خاص موضوعن ۾ عشق، حسن، تصوف، فطرت، انسان دوستي ۽ پورهيت دوستي شامل آهن.

**حوالا:**


(1) ٿهيم، غلام سرور، ’مهراڻ: مخدوم امين فهيم خاص نمبر‘، سنڌي ادبي بورڊ، 3_4/ 2016ع، (ص 163)

(2) صديقي، سليم الله، مخدوم، ’مخدوم امين فهيم نمبر‘، (ص 103)

(3) قريشي، قاضي غلام محمد، تحفة الڪرام قلمي/ تاريخ درگاهہ مخدوم نوح رح (قلمي)

(4) مخدوم نوح نمبر ماهنامہ فردوس، مختلف صفحن مان آندل مواد

(5) طالب المولىٰ، مخدوم، ”رباعيات مخدوم طالب المولىٰ“، طالب المولىٰ اڪيڊمي 1990ع، (ص، 4)

(06) ڪٽي، عبدالقادر قادري ’مهراڻ: مخدوم امين فهيم خاص نمبر‘، سنڌي ادبي بورڊ، 3_4/ 2016ع، (ص، 139)

(07) ٻگهيو رسول بخش، ’مهراڻ: مخدوم امين فهيم خاص نمبر‘، سنڌي ادبي بورڊ، 3_4/ 2016ع، (ص 84)

(08) لاڙڪ، مهرالنساءِ، پروفيسر، ’مهراڻ: مخدوم امين فهيم خاص نمبر‘، سنڌي ادبي بورڊ، 3_4/ 2016ع، (92)

(09) فهيم، محمد امين مخدوم، ”پيغام“، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون ايڊيشن، 1990ع، (ص، 16)

(10) فهيم، محمد امين مخدوم ”پيغام“، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون ايڊيشن، 1990ع، (ص، 30)

(11) ماهوار رومي ميگزين ،حيدرآباد اپريل 2018ع، (ص، 18)

(12) فهيم، محمد امين مخدوم ”پيغام“، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون ايڊيشن، 1990ع، (ص، 30)

(13) ساڳيو حوالو (ص، 86)

(14) ساڳيو حوالو (ص، 90، 91)

(15) ساڳيو حوالو (ص 280،279،278)

# شاهه لطيف جي سر سامونڊي ۾ آس ۽ اميد جو فڪر: هڪ تحقيقي جائزو

# Concept of hope in Sur Samoondi: A research analysis

ڊاڪٽر قدير احمد ڪانڌڙو/ڊاڪٽر احمد حسين ڪولاچي

**Abstract:**

Shah Abdul Lateef is a great philosophical poet of all times. In his Risalo we may witness the entire Natural as well as spiritual and human temporal. His Risalo is Poetic evidence of different emotions of human being. Along with other human emotions hope is also a vital subject of Shah's poetry. To him, hope is not only a human nature's trait but it is a life itself.

This research Paper has been made to explore and explain the philosophy of hope in the poetry of Shah Lateef by referring to Sur Samondi of Shah Jo Risalo. We have tried to explain the true sense of hope holding the women characters of this Sur.

اميد حقيقي معنيٰ ۾ زندگيءَ جو فڪر ۽ فلسفو آهي. هيءُ فرد جو اهو هاڪاري جذبو، احساس يا رويو آهي، جيڪو ڪيس مايوسين مان ڪڍي ٿو.فرد دنيا ۾ رونما ٿيندڙ مختلف واقعن ۽ حادثن سبب پريشان ٿئي ٿو، مٿس ٻاهريون حالتون اثر انداز ٿين ٿيون. نتيجي طور هن جي اندر ۾ بيزاري، ڪراهت، نفرت، ڪاوڙ ۽ ٻيا ناڪاري جذبا پيدا ٿين ٿا. پر انهن سڀني ناڪاري جذبن تي ڪڏهن ڪڏهن هڪ جذبو گهڻو حاوي ٿئي ٿو ۽ موت جي تصور جي ويجهي ايندڙ شخص ۾ زندگيءَ جون حسناڪيون پيري ٿو. اهو جذبو احساس يا رويو "آس يا اميد" جي نالي سان سڃاتي سگهجي ٿو.

قرآن شريف جي **سورت النمل** ۾ اميد جي باري ۾ ذڪر آهي تہ: فَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ اِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِيْنِ. "الله تي ڀروسو رک" (1)

مولانہ رومي چوي ٿو تہ: "مصيبتون گناهن سبب بہ آهن تہ اهي آزمائش طور پڻ اچن ٿيون پر ٻنهي حالتن ۾ صبر، همت ۽ دعا وسيلو آهن جن سڀني جو سهارو اصل ۾ اميد آهي". (2)

شاهہ سائينءَ جي هڪ سٽ آهي، ”منهنجي سيد سار لهندو منهنجي آهي اميد الله ۾“ [3] يا سندس هڪ بيت آهي،

الله جئن نالو تئن مون وڏو آسرو
خالق تنهنجي ڪانڌ جو پروپاند نہ ڪو
نالو رب سندو رهيو آهي روح ۾. [4]

يعني جيترو الله سائينءَ جو نالو وڏو آهي؛ اوترو ئي منهنجو منجهس پروسو آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ اميد جي باري ۾ لکيو آهي،

” اميد زندگي ۽ نااميدي موت جي علامت آهي.“ [5]

هڪ ٻي دانشور لکيو آهي،

“Hope shows up in our song and poetry” [6]

جڏهن تہ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ لکيو آهي تہ: ”اميد حياتيءَ جي ڏکن ۽ سکن ۾ هڪ وڏي آٿت آهي.“[7]

استاد لغاريءَ آس ۽ آسري کي اميد جي معنيٰ ۾ لکيو آهي، هو لکي ٿو تہ. ”آس يا آسري جي لغوي معنيٰ آهي: ”آسرو، اميد، آرزو ۽ وسيلو“[8]

ڊاڪٽر احسان دانش اميد کي زندگي سڏيو آهي: ”حقيقت اها آهي تہ اميد مايوسيءَ جي ڏيڻ مان نڪرڻ زندگيءَ ڏانهن موٽڻ جو نالو آهي“ [9]

شاهہ سائين هر جذبي کي بيان ڪيو آهي. يعني ” هن جا سڀ ڪردار اميد پرست آهن.“ [10]

اسان کي سندس شاعريءَ ۾ اميد پڻ وڏي پئماني تي ملي ٿي. سر سامونديءَ ۾ تہ پنهنجن ورن جي اوسيئڙي ۾ ويٺل عورتون ان آس يا اميد تي آهن تہ هو ضرور ايندا.

شاهہ جي رسالي جو هر سر اهم آهي؛ هر سر جو پنهنجو موضوع آهي. سر ساموندي ۾ سنڌ جي ساحلي پٽيءَ تي رهندڙ انهن عورتن جي احساسن جوذڪر آهي؛ جن جا ور ساموندي واپار سانگي ڏورانهن ماڳن ڏانهن ويل آهن. ۽ عورتن کي سندن اچڻ جي اميد آهي تہ هو ايندا ۽ ججهو ناڻو آڻيندا ۽ پوءِ ڏک ڏاکڙا ختم ٿي ويندا.

”سر سامونديءَ ۾ ملاحن ۽ ساموندين جي زندگين جي تصوير آهي.“[11]

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لطيف جي پيغام ۾ سر ساموندي جو فلسفو بيان ڪندي چوي ٿو ته: ”شاهه صاحب جو سر ساموندي انهيءَ ساڄاهه جي سڏ ڏئي ٿو ته جهڙي طرح ساموندي سفر اجهاڳ آهي، اهڙي طرح روحاني سفر جي منزلن جو به ڪاٿو ئي ڪونهي، انهيءِ ڪري روحاني وکر ورهائيندڙ وڻجارن کي سدائين سفر جي تات آهي.هو نه ويهن ٿا نه ساهي پٽئين ٿا پر هميشه سمنڊ جهاڳيندا رهن ٿا“.[12]

ناڪئو نگهبان منجي معلم خبرون
جن ساري ڪنيو سمنڊ ۾ سفر جو سامان
لطف ساڻ لطيف چئي تن لنگهئو طوفان
سنپاري سبحان وچي عدنئون اڪتا.[13]

بنيادي طور تي سر ساموندي ساحلي پٽيءَ تي زندگي گذاريندڙ عورتن جو احوال آهي. هو پنهنجي اندر ۾ پرڏيهه ويل ورن/مڙسن جي سڪ سانڍيو ويٺيون آهن. کين اميد يا آس آهي ته هو ضرور ايندا ۽ سندن ڏکن، درن، سورن ۽ پيڙائن جو انت ايندو. هو ايندا ۽ سندن ضرورتن جو سڀ سامان آڻيندا. هو ايندا ۽ پاڻ سان گڏ خوشيون آڻيندا. هو ايندا ۽ وٽن خوشيون ايندون ۽ هو خوشحال ٿينديون. اها ئي اميد کين انتظار ڪرائي ٿي.

مون اُيي تڙ پاس، پرينُ پڳهه چوڙ ٿا،
هو الله هارَ اوهَرِئا، آئون دم دم، دعا ڪندياس
آس نه لاهيندياسَ، موٽي ايندا مان ڳري.[14]

وڻجارِي پنهنجي ور جي لاءِ دعا گهري ٿي ۽ چوي ٿي ته آئون بيٺي هيس ۽ هو پرين هليا ويا، پر آئون انهن جي لاءِ پئي دعائون گهران ته سندن سفر سولو ٿئي. مان ڪڏهن اميد نه لاهينديس ۽ مون کي پڪ آهي ته هو ضرور موٽي مون وٽ ايندا. ۽ هو جڏهن ايندا ته منهنجي سيني ڏکن، دردن ۽ سورن جو خاتمو ٿيندو.

جر تڙ ڏِيا ڏي، وڻ تِڻ ٻڌي وائنٽيون
الله ڪانڌ اچي آسائتي آهيان.[15]

آئون سمنڊ، تڙ، ڪناري ۽ وڻ کي وائنٽيون ٻڌي پئي سکون باسيان ته هو منهنجا سپرين سکيا هجن ۽ مون کي اميد آهي ته الله سائين کين ضرور واپس آڻيندو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته: ”کين صبر ۽ تحمل جو سبق

ڏيئي ٿو ٻڌائي ٿو تہ خدا ۾ ايمان رکي آسرو نہ لاهيو تہ اوهان جون آسون، اميدون پوريون ٿينديون". (16)

شاهہ سائينءَ عورتن جي جذبن کي ايڏي تہ گهرائي سان بيان ڪيو آهي جو ايئن ٿو لڳي جڻ تہ هن پاڻ انهن عورتن جي ورن کي سمنڊ ۾ هاريندي ڏٺو هو ۽ انهن عورتن کي پنهنجن ورن لاءِ روئندي ڏٺو هو. هن وڏي گهرائيءَ سان سندن احساس ۽ جذبا بيان ڪيا آهن. شاهہ سائين لفظن ۾ احساس اهڙيءَ ريت پوئي ڇڏيا آهن جو پڙهندڙ پڻ ان ڪائنات ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

اجا وڻڙم ڪالهہ مون ليکيندي ورهہ ٿئا
من ڪوماٽو تن لئي جئن سا ڦلن مال
اڱڻ ايندم شال آسر پري آهيان. (17)

وڻجارِي پنهنجن احساسن ۽ جذبن کي بيان ڪندي چوي ٿي تہ حقيقت ۾ تہ منهنجا سامونڊي ڪالهہ ئي مون کان موڪلائي پرڏيهہ روانا ٿيا هئا. پر هو ضرور ايندا، مطلب تہ وڻجاريءَ جي يقين سان سندن آسون، اميدون، التجائون، دعائون پوريون ٿين ٿيون سندس اوسيئڙو ختم ٿئي ٿو ڏک ختم ٿين ٿا.سک ورن ٿا، خوشيون وري موٽي اچن ٿيون انهيءَ ڪيفيت کي بيان ڪندي شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

جني ڪارڻ مون، تڙ پونجارا پڇيا،
پنيم اميدون، سيئي سڄڻ آئيا. (18)

گهڻ شاعرن وٽ اسان کي اهڙو انتظار ۽ اميد ملي ٿي، جنهن جو انت محبوبن جي اچڻ سان ٿئي ٿو ۽ انتظار ڪندڙ اميد رکي جيئندڙ ڪردار اميد پوري ٿيڻ کان پوءِ خوشيءَ جو اظهار ڪن ٿا. هن بيت ۾ بہ وڻجارِي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿي تہ "مون تڙ تي ڪيترا پيرا وڃي وکر جي دڪاندارن ۽ واپارين کان پڇائون ڪيون تہ منهنجا سپرين ڪڏهن ٿا اچن. آخر منهنجي من جون مرادون پوريون ٿيون ۽ منهنجا سڄڻ واپس اچي پهتا." اهڙيءَ ريت هوءَ خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿي. "سڀ اميدون تڏهن تڏهن ئي ٿيون اگهجن جڏهن سڄڻ اڱڻ اچي ٿو ۽ سڀ پڇارون پرين جي پسڻ سان پوريون ٿين ٿيون". (19)

شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

هي سجڻ سي ئي جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندم جا پيهي، تان سپ لاهيندم ڏاڪڙا.[20]

انتظار ڪندي اميد جي آسري تي جيئندڙ وڻجاري جڏهن پنهنجن سامونڊين کي ڏسي ٿي تہ تہ پري کان ئي سڃاڻي وٺي ٿي ۽ چوي ٿي تہ هو منهنجا ئي محبوب آهن. جيڪي اچن ٿا، هو ايندا تہ منهنجا ڏک درد پاڻ ئي دور ٿي ويندا. ۽ خوشيون منهنجي گهر اچي ترسنديون.

آئون جن آساري متي تڙ گذاريان،
مونکي وساري شال مَ وڃن اوهري.[21]

وڻجاري پنهنجن سجڻ لاءِ سامونڊي راهہ نهاريندي اوسيئڙي ۽ ڳڻتي ۾ پنهنجي سجڻ کي ساريندي اندر ۾ سڪ ۽ آس رکي دعائون گهري پنهنجي محبوب جي سلامتيءَ سان موٽي اچڻ جي اميد پنهنجي جذبن ۾ بيان ڪري ٿي.

وڻجاري پنهنجن سامونڊين جي لاءِ ڪيئي باسون پئي باسيون تہ جيئن شال سندس ڪانڌ موٽي اچي! اها آس اندر ۾ اٿم. هن سر ۾ سر سريراڳ وارو فلسفو سمايل آهي. انسان جڏهن محنت ڪرڻ وارو اميد رکڻ وارو هجي تہ اهو انسان پنهنجي منزل تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ راهہ جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ان ۾ اعتماد پيدا ٿئي ٿو.

لطيف سائينءَ چيو آهي تہ:

ستا سپ پئي، سندي معلم آسري،
ايئن پڻ سمهون ناڪئا، بندر ناهي پنئين،
جن جي لائق لچ ڪنئي، سي سنڙ سيبئي ٿئا.[23]

يعني پيا بہ سيئي پنهنجي نگهبان ۽ معلم يا رهبر جي آس ۽ آسري تي سمهي پيا آهن. اوهين بہ پلي سمهي آرام ڪريو. جو هاڻي ڪوبہ خوف خطرو ڪونہ آهي.

**نتيجو:**

مجموعي طور تي سر سامونڊي ان آس ۽ اميد جو سر آهي؛ جنهن ۾ وڻجاريون پنهنجن ورن جي اچڻ جو نہ رڳو انتظار ٿيون ڪن بلڪ هو سندن آس، آسري ۽ اميد تي جيئن پڻ ٿيون. هنن جي اندر ۾ اميد هڪ وڏي پروسي جي صورت ۾ محسوس ٿئي ٿي. اميد ئي زندگي آهي، جيڪا فرد کي جيئڻ جو

ساهس ڏئي ٿي. سر سامونڊي جا واپاري پڻ سالن جا سال پرڏيهه هليا وڃن ٿا ۽ سندن پوبان وڻجاريون اميد تي جيئن ٿيون. هو جڏهن واپس اچن ٿا تہ سندن گهرن ۾ خوشيون ۽ خوشحاليون اچي وڃن ٿيون.

حوالا:


1. القرآن, 27 هين سورت نمل, آيت 79
2. جنجهي, نور احمد, ڏور ڙِتائين ڏسُ ڊجيٽڪل ايڊيشن سنڌ سلامت ڪتاب گهر. 2019ع (ص, 125)
3. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, شاهہ جو رسالو ذڪي پريس ڪراچي, 2020ع, (ص, 204)
4. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, شاهہ جو رسالو ذڪي پريس ڪراچي, 2018ع (ص, 92)
5. مهراڻي, شير, ڊاڪٽر, لطيفيات جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو ثقافت کاتو حڪومت سنڌ, 2021ع, (ص, 398)
6. Joseph Godfrey, A Philosophy of Human Hope, Netherland, 1987, (Page .4)
7. ميمڻ, موسيٰ پروين, ڊاڪٽر, اخلاقي قدر ۽ ارڙهو ادب ڊجيٽل ايڊيشن, سنڌ سلامت ڪتاب گهر, 2024ع (ص, 66)
8. لغاري, استاد, شاهہ لطيف جا ڇتيهہ سر, سمبارا پبليڪيشن, 2018ع (ص, 154)
9. دانش, احسان, ڊاڪٽر, ڪلاچي, تحقيقي جرنل, شاهہ لطيف چيئر, ڪراچي يونيورسٽي, 2022ع, (ص, 13)
10. مهراڻي, شير, ڊاڪٽر, لطيفيات جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو ثقافت کاتو حڪومت سنڌ, 2021ع, (ص, 399)
11. ساڳيو حوالو (ص, 94)
12. ميمڻ, عبدالمجيد, سنڌي, لطيف جو پيغام برانچ آفيس مهراڻ اڪيڊمي واڳڻو در شڪارپور, 1998ع (ص, 152)
13. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, شاهہ جو رسالو ذڪي پريس ڪراچي, 2018ع, (ص, 192)
14. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, شاهہ جو رسالو ذڪي پريس ڪراچي, 2018ع (ص, 92)
15. ساڳيو حوالو (ص, 92)
16. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, شاهہ جو رسالو ذڪي پريس ڪراچي, 2018ع (ص, 92)
17. ساڳيو حوالو (ص, 92)
18. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, سُر جمن (يمن) جو مطالعو شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهہ, 1971ع.(ص, 55)
19. بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, شاهہ عبداللطيف ڀٽائي, سوانح, حيات, فڪر عرفان, سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي, 2013ع. (ص, 110)
20. بلوچ, نبي بخش ڊاڪٽر, شاهہ عبداللطيف ڀٽائي, سوانح, حيات, فڪر عرفان, سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي, 2013ع. (ص, 109)
21. بلوچ, نبي بخش ڊاڪٽر, شاهہ جو رسالو ذڪي پريس ڪراچي, 2018ع. (ص,121)
22. ساڳيو حوالو

# سيد غلام رسول شاهہ غمناڪ حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور

# Humanism in the poetry of Syed Ghulam Rasool Shah Ghamnak Hussaini

پروفيسر ساجده پروين (ساڀيان سانگي)

**Abstract:**

Humanism is Universal Temporal; in which one human can feel the pain and pythos of another human. This is natural essence existing in human being. Humanism keeps great historical perspective. In the world when a person felt the pain of other person; humanism started. This is the concept which connects all human being with each other. In Sindhi Classical as well as modern poetry we can witness humanism at large scale. From Shah Latif to Sain Ghamnak Hussaini we can observe the humanism as core philosophy.

In this research paper we have tried to excavate the humanism existing in the poetry of Syed Ghulam Rasool Shah Ghamnak Hussaini.

انسان دوستي هڪ اهڙو رويو آهي، جيڪو هڪ انسان ٻئي انسان لاءِ ظاهر ڪري ٿو. جنهن ۾ هڪ انسان جو ٻي انسان جي لاءِ احساس آهي، همدردي آهي، پيار آهي ۽ پنهنجائپ آهي. هي ڪوئي سبق ناهي جيڪو سيکارڻ سان عمل ۾ اچي پر هي هڪ فطري جذبو آهي ، احساس آهي جيڪو محبت ۽ ڀائيچاري ، عزت، سچائي ۽ خلوص تي ٻڌل هوندو آهي. انسان دوستي ،اخلاقي تربيت جو عنصر بہ آهي تہ زندگي گذارڻ جو هڪ اهڙو طريقو بہ آهي جنهن سان معاشري مان ننڍ وڏائي، ذات پات، رنگ، نسل، قوم، ٻولي، مذهبي ڪٽر پڻي ۽ خود غرضيءَ جهڙن سمورن موذي مرضن کي رد ڪري سگهجي. انسانيت، آدميت يا انسان دوستي اخلاقي قدرن ۽ حساسيت تي زور ڏئي ٿي، سوچ، سمجهہ ۽ عقل سان ٻين انسانن سان ڀلائيءَ جي صلاحيت پيدا ڪري

ٿي. ۽ اها پلائي پنهنجن توڙي پراون جي مت پيد ڪان مٿانهين رهي دُنيا ۾امن جو سبب بڻجي ٿي.

فرينچ ڏاهي سارتر لکيو هو, ”لفظ, ”انسان دوستي“ جون ٻہ معنائون آهن. نمبر هڪ انسان دوستي ان افسانوي جي ڪردار وانگي آهي: جيڪو جهاز تي سفر ڪرڻ دوران چوي ٿہ ’چاڪاڻ تہ هو جهاز تي ويهي جبلن جي مٿان اڏامي رهيو آهي: ان لاءِ هو عظيم انسان آهي.‘ نمبر ٻہ انسان دوستي اها آهي تہ انسان هميشہ پنهنجي ذات کان ٻاهر رهي ٿو. هو پاڻ کان ٻاهر پاڻ کي گم ڪرڻ ۽ ظاهر ڪرڻ سان ئي پنهنجو وجود ميجرائي ٿو.“[1]

هو ”وجوديت“ بابت لکي ٿو, ”وجوديت جو مرڪزي نڪتو آزادسوچ آهي: جنهن ڪري هر فرد هڪ طرح جي ماڻهپي جي مڪملتا وسيلي پاڻ کي مڪمل ڪري ٿو.“[2]

هڪ ٻي ليکڪ ڪارل ليمينٽ ”انسان دوستيءَ جو فلسفو“ ۾ لکيو آهي, ”انسان دوستيءَ جو روح جديد دؤر جي قومن ۾ وڌن شعوري ضابطن جي ڳولها سان گڏ ان وقت کان موجود آهي جڏهن پهريون پيرو هن ڌرتيءَ تي فرد ظاهر ٿيو. انسان دوستي هڪ بهتر دنيا قائم ڪرڻ لاءِ خواهشن جو خلاصو پڻ پيش ڪري ٿي.“[3]

اسلام سميت دُنيا جو هر مذهب انسانيت جو ئي درس ڏئي ٿو. چاتل سُجاتل, يا ڪو ڏاريو يا ڪو ڏيهي پرڏيهي ,سڀ سان برابريءَ جو سلوڪ همدردي ۽ محبت جو ورتاءُ, ايتري تائين جو وڻ ٽڻ ۽ پکي پکڻ جيت جڻين تي ٻہ مهر ڪرڻ ٻہ انسانيت جو جُزُ آهي ڪُل آهي. قرآن پاڪ ۾ ٻہ جا بجا انسان دوستيءَ جا عڪس چٽا ملن ٿا. مسڪينن, يتيمن, بيواهن, والدين, ٻارن توڙي ٻڍن ۽ هر مذهب جي ماڻهن سان, سموري اسان ذات سان عدل ۽ انصاف, محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ جو بار بار حڪم ڏنو ويو آهي. فساد کان پري رهڻ, امن امان قائم ڪرڻ ,هر فرد جي عزت ڪرڻ, جهڳڙو ڪندڙ کي نا پسند ڪرڻ, اِنسان جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ.... اهو سڀ ڪجھ انسان دوستيءَ جا ئي عمل آهن جن کي احسان نہ پر سٺو سلوڪ ڪوٺيو ويو آهي.

سوره مائدا جي آيت نمبر ٣٢ جو هڪ حصو آهي وَ مَنۡ اَحۡيَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحۡيَا النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ

ترجمو: ”۽ جيڪو شخص ڪنهن هڪ جي جان بچائي، ان ڄڻ تہ سموري انسانذات کي بچائي ورتو.“[4]

هڪ حديث ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو ارشاد آهي:

خير الناس من ينفعهم للناس.[5]

ترجمو: ”بهترين ماڻهو اُهو آهي، جيڪو ٻين کي فائدو پهچائي“

طبراني حديث نمبر (5787)

مطلب تہ جي انسان ۾ انسان لاءِ ڪا چڱائي آهي تہ اهو ئي چڱو انسان آهي. جڳ مشهور ناول نگار، عظيم مفڪر ۽ فلسفي ليئو ٽالسٽاءَ چئي ٿو تہ: ”زندگيءَ جو مقصد، انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي.“

جڏهن تہ مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر جي انسان دوستيءَ باري ۾ هڪ خوبصورت چوڻي آهي تہ: ”ڪنهن بہ فرد، تيسين جيئڻ شروع نہ ڪيو آهي، جيستائين هو پنهنجي انفرادي مفادن جي تنگ حدن کان مٿي اُڀري سڄي انسانيت جي وسيع مفادن ڏانهن نہ وڌي“

ڪارل ليمينٽ چوي ٿو ”انسان دوست معاشري ۾ آرٽسٽن ۽ اديبن جو بنيادي ڪم اهڙيون رسمون ۽ رواج جوڙڻ هوندو آهي، جيڪي انسان دوستي جي مرڪزي عقيدن سان هم آهنگ هجن.“ [6]

شاهہ سائينءَ جي سموري شاعري ڄڻ تہ انسان دوستيءَ جو دستور آهي، جنهن ۾ انساني حقن جي ڳالهہ آهي، مظلومن جي ڳالهہ آهي، ڏکايل ۽ بکايل ماڻهن جي ڳالهہ آهي تہ انهن جون گهرجون ۽ معصوم ادائون پڻ آهن. سُر سارنگ تہ سڄو ئي انسان دوستيءَ تي ٻڌل آهي.

”سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار، دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين“[7] عالمگير انسان دوستيءَ جو اهڙو تصور شايد ئي ڪنهن شاعر وٽ ملي. سائين غلام رسول شاهہ غمناڪ حسينيءَ جي شاعري پڻ انسان دوستيءَ جو ئي دستاويز آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن اخلاق جي ڳالهہ آهي تہ بہ اها انسان دوستي آهي، امن جي ڳالهہ آهي تہ بہ اها انسان دوستي آهي، پيار جي ڳالهہ آهي تہ بہ انسان دوستي آهي، پائيچاري ۽ درگذر جو درس آهي تہ بہ انسان دوستي آهي، ماڻهن جي بکن، ڏکن، بيمارين ۽ بيوسين جو ذڪر آهي تہ بہ اها انسان دوستي آهي. غمناڪ سائين لکيو آهي تہ:

انساني دوستي سچ، انسان ٿي بنائي،
ڪنهن فرد جي مصيبت، ڪي گهٽائڻ فرض آ.
”غمناڪ“ گم ٿئي ٿو، قلزم ۾ نيٺ قطرو،
تڪبر سندي حماقت، ڪي هٽائڻ فرض آ.(8)

غمناڪ سائين فرمايو آهي تہ ڪنهن انسان جي ڏک، درد ۽ تڪليف ڪي گهٽائڻ ئي اصل انسان دوستي آهي؛ ۽ حقيقت بہ اهائي آهي تہ ڪنهن بہ انسان جو جيڪڏهن درد گهٽائي سگهجي تہ اها ئي وڏي انسان دوستي آهي. ٻئي پاسي ڏسجي تہ انسان بظاهر ڪمزور آهي، ان ڪمزوريءَ ڪي سجاڳي پنهنجي درد جو درمان تلاش ڪرڻ بہ انسان دوستي آهي.

سردي سالم هڏهين ناهيان، گرمي مون لاءِ گران.
ڪين گذريو باقي گذري، دنيا گذر مڪان.
مِن شَرالوَسواسُ الخَناسُ، عاجز ٿيو انسان.
درد مرض دفع سارا، ڪريو مسيح الزمان.
ويا وڪوڙي ڏاڍا آهن، ويري وهم گمان.(9)

يعني انسان سرديءَ ۾ بہ سالم ڪونهي، گرمي پڻ مٿس گران ٿي گذري، دنيا هڪ گذرگاهہ آهي، جنهن ۾ ڪيئي وسوسا، شرارتون، غم ۽ ڏک آهن. ان ڪري انسان عاجز آهي، هو پنهنجي مرضن مان ڇوٽڪارو چاهي ٿو ۽ مسيح الزمان کان گهرجائو آهي تہ جيئن سندس ڏک درد دور ٿي وڃن. اها بہ انسان دوستيءَ جي هڪ صورت آهي.

پرين پاسي اکين کان، هاڻي نہ ٿي حبيب،
عجيب ٿو عرض ڪري، غلام رسول شاهہ غريب،
دارون منهنجي تون درد جو، طلبن سندو طبيب،
نيڙو آهي نصيب، جي اوڏو آهيان عجيب تو.(10)

هونئن تہ غمناڪ سائينءَ جي سموري شاعري انسان دوستيءَ جي ئي درس سان ڀريل آهي، پر سندس هيءَ ڪافي تہ ڄڻ جديد دؤر ۾ انسان دوستيءَ دوستيءَ جو منشور آهي.

ڪين ڪنهن کان ڍاپي سگهندو، پيٽ ڪيڏو پاپي آهي،
ڄاڙيون وجن ڄاموڻن جون، ڦاٽو ڄڻ ڪو ڄاپي آهي.

هن لاءِ ماڻهو جهيڙا جهڳڙا، ڪن ٻين سان ڪيڏا رڳڙا،
ڪل خواري ڳالهه ٻڃ ڪا، ڇاپيخاني ڇاپي آهي.
پيو پڪاري ماني ماني، پر غريب لاءِ مهنگي ماني،
لوڪ رونشي ڪي لڳي ويو، ڪوڙ هرڪا ڪاپي آهي.
خفت اجائي ماڻهو ڪاريا، پاڻي وانگر پئسا هاريا،
ڳڏ ڳُتن ڪو ئي نہ ڇتو آ، ڪانہ مائي قاپي آهي.
ڪجھ نہ محنت جهد جفا آ، هيءَ ڇڻ ڪا ڏند ڪتا آ،
الف ب مان ڪونہ واقف، ڪاهي پئي ڪاپي آهي.
ڪو ڪرم قادر ڪري شل، بک وڳهي ڪونہ مري شل،
رزق رَبّ جو آ ڪشادو، مهر سندس ڪنهن ماپي آهي!؟[11]

بک، بدحالي، بي وسي ۽ اٻوجهائپ انسان کي نيستو ڪري ڇڏيو آهي، هن دؤر اهو ڇوڙ تہ غريب لاءِ ماني مهانگي آهي، ۽ پيٽ ٻريل رونشي ۾ آهن، ۽ آخر ۾ قادر کان اها دعا گهرڻ تہ خدا جي خزاني ۾ ڪائي ڪوتي ناهي، شال قادر ايڏو تہ ڪشادو رزق ڪري جو ڪوئي بک وگهي نہ مري! وڏي انسان دوستي آهي.

غمناڪ سائينءَ جو اهو ڇوڙ پڻ انسان دوستيءَ جي تصوف واري تصور زمري ۾ اچي ٿو تہ هادي هدايت ڪاڻ انساني روپ وٺي آيو آهي، عشق جي اطاعت، عبادت ۽ رياضت ڪري انسان پنهنجي گم ٿيل عظمت کي حاصل ڪري سگهي ٿو. اها بہ انسان دوستيءَ جي هڪ اور تصوير آهي.

آيو هت روپ انسان ۾، هادي ڪاڻ هدايت،
غلام رسول شاهہ رَبّ بخشي، نور کي پنهنجي نيابت،
اوهان ڪيو اُن جي، عشق سان اطاعت،
عبادت ۽ رياضت، آهي اُن جي عشق ۾.[12]

مجموعي طور تي اسان غمناڪ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جي تصور کي واضح ڪندي ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جي تصور جون مختلف تصويرون آهن، هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڏهن انسان کي ٻي انسان جو احساس ٿو ڏياري تہ ڪڏهن ڏٽيءَ در ٻاڏائي انسان جون مصيبتون دور ڪرڻ جون دعائون ٿو گهري. ڪڏهن انسان جي بک، بدحالي ۽ بيوسيءَ تي بيچين ٿي پنهنجي اندر جي انسان جو آواز ٿو ٻڌي

۽ ٻڏائي تہ ڪڏهن وري خالق ڪان خلق جي ڀلي لاءِ دعاگو آهي؛ صوفين جو اهوئي متو آهي تہ "الخلق عيال الله" يعني مخلوق خدا جو خاندان آهي. جيڪڏهن سڀ مخلوق هڪ خاندان آهي تہ پوئي لوڀ، لالچ ڇاجي؟ جهيڙو، نفرت، ڪوڙ ڪدورت ۽ ڪروڌ ڪنهن سان؟ غمناڪ سائين سڀني ناڪاري جذبن کي نندي مثبت ۽ هاڪاري سوچ جو ڦهلاءُ ڪري انسان دوستيءَ جي نئين رمز کي سامهون آڻي ٿو. اها انسان دوستي ئي اڄ اسان جي رهنما ٿي سگهي ٿي.

بي انتظاري لطف ۾، انتظاري ڪان وڏيڪ،
ڪيميا ٻي ڪا ٻڌايو، خاڪساري ڪان وڏيڪ.
ڏوجهرا ڏسجن ٿا ڏاڍا، ڪوڙ مايا جي سبب،
دل جي آزادي پياري، طمع داري ڪان وڏيڪ.
لوڀ لالچ سر نئي ها، هٿ ڪڍي وينس پري،
بادشاهي دل سندي آ، مالداري ڪان وڏيڪ.
ڇڏ هوائون حرص هي تون، ترڪ ٻيا تڪرار ڳُل،
خوف خطرو ٿئي سمورا، تابڪاري ڪان وڏيڪ.
گهٽ انديشو دور هن ۾، ڪنهن بہ هاڃي جو هجي،
سا اٻوجهائي چڱي آ، هوشياري ڪان وڏيڪ.
گُم "غلام رسول" هستي، ڪر اڳيان نرمل نجيب،
ڇا حِلم ٿيندو ڪو حاصل، بردباري ڪان وڏيڪ.(13)

يعني نياز نوڙت خاڪساريڪان وڏيڪ ٻي ڪابہ ڪيمياگري ان ڪائنات ۾ ناهي، هيءَ دنيا ڏکن، ڏوجهرن ۽ تڪليفن سان ڀريل آهي؛ پر هڪٻئي جو درد محسوس ڪري جيڪا راحت ملي ٿي ان جو جواب ڪونهي. جڏهن هڪ انسان لوڀ، لالچ، ڪيني ۽ ڪدورت مان هٿ ڪڍي ٿو تہ هن کي دل جي بادشاهي عطا ٿئي ٿي؛ ۽ ان جهڙي ٻي ڪابہ ملڪيت ناهي؛ انسان جڏهن فطرت جي ويجهو وڃي ٿو تہ ڪيس معصوميت جي اهڙي رنگ جي خوشبوءِ ملي ٿي؛ جنهن ۾ هو انسانن سان محبت ڪري ٿو. اهائي انسان دوستي آهي.

**نتيجو:**

غلام رسول شاهہ غمناڪ جي شاعريءَ ۾ هونئن تہ ڪيترائي موضوع ۽

فڪر موجود آهن, پر انسان دوستي, اخلاقيات, تصوف, سماجي قدر, عشق, حسن, جماليات ۽ روحانيت وڏي پئماني تي شامل آهن. سندس شاعريءَ جو محور انسان, خالق حقيقي, فطرت ۽ هيءَ ڪائنات آهي. هن مقالي ۾ اسان غلام رسول شاهه غمناڪ جي شاعريءَ ۾ موجود انسان دوستيءَ جي فڪر کي وائکو ڪيو آهي. حقيقت ۾ انسان دوستي اهو فڪر آهي; جنهن ۾ هڪ انسان ڪنهن ٻي انسان جو درد محسوس ڪندي ان جي لاءِ پنهنجي دل ۾ همدردي پئدا ڪري ٿو. اهڙي همدردي ئي انسان دوستيءَ جو بنياد آهي.

## حوالا


1. سارتر, وجوديت ۽ انسان دوستي, ترجمو قاضي جاويد, فڪشن هائوس, لاهور, 2008ع, (ص, 41)
2. سارتر, وجوديت ۽ انسان دوستي, ترجمو قاضي جاويد, فڪشن هائوس, لاهور, 2008ع, (ص, 35 )
3. ڪارلس ليمينٽ, انسان دوستي جو فلسفو ترجمو امجد علي ڀٽي, فڪشن هائوس لاهو, 2007ع, (ص, 63)
4. القران , سورت مائده, (آيت, 32)
5. احمد سهيل, آغا, نگران, اسلاميات, ڪلاس نائون, سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄام شورو, 2023ع, (ص, 24)
6. ڪارلس ليمينٽ, انسان دوستي جو فلسفو ترجمو امجد علي ڀٽي, فڪشن هائوس لاهو, 2007ع, (ص, 335)
7. ٽرمپ, ارنيسٽ (مرتب), شاهه جو رسالو ثقافت کاتو حڪومت سنڌ, ڇاپو ٽيون, 2008ع, (ص, 227 )
8. غمناڪ, سيد غلام رسول شاهه, سيد امداد جعفري, (سهيڙيندڙ) مجازان مٿي, غمناڪ حسيني فائونڊيشن, 2023ع, (ص, 124)
9. غمناڪ, سيد غلام رسول شاهه, سيد امداد جعفري, (سهيڙيندڙ) مجازان مٿي, غمناڪ حسيني فائونڊيشن, 2023ع, (ص, 135)
10. ساڳيو حوالو
11. ساڳيو حوالو
12. غمناڪ, سيد غلام رسول شاهه, سيد امداد جعفري, (سهيڙيندڙ) مجازان مٿي, غمناڪ حسيني فائونڊيشن, 2023ع, (ص, 150)
13. ساڳيو حوالو

# ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ جا موضوع

## Different issues represented in Sindhi short stories before Partition

انجنيئر زبير احمد ڪلوڙ

**Abstract:**

Short story represents the image of society. In Sindhi short stories we can witness the true picture of sindhi society. Before partition we can see the family issues, social issues, economical issues, resistance, romance and ecological matters in Sindhi short stories. Amar lal Hingorani, Nadir Beg Mirza, Asanand Mamtu Rai, Sheikh Ayaz, Usman Ali Ansari and Usman Deplai were the icons of sindhi short stories.

In this research paper I have tried to explore the different subjects existing in Sindhi Short stories before partition. Specially I have witnessed the different social issues, economical matters, psychological and ecological issues.

ڪهاڻي جي تاريخ انتهائي قديم آهي. شروعاتي ڪهاڻي بابت اسان کي ڪيترائي ويچار ۽ انومان ملن ٿا. جنهن سان اسين اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ ڪهاڻي کي اڄوڪي دؤر تائين پهچڻ ۾ ڪيترو وقت ۽ ڪيتريون ارتقائي منزلون طئہ ڪرڻيون پيون آهن. انهن عالمن مان هڪ گروهہ ان راءِ جو آهي تہ ؛ جڏهن انسان جهنگلي زندگي گذاريندو هو تہ ان سان ڪيئي وارتائون پيش ايندڙيون هُيون. هن جو معمول شڪار واري زندگي بسر ڪرڻ هو. صبح جو اٿي شڪار جي تلاش ۾ نڪري ويندو هو. اتي هُن کي ڪيترن ئي خوفناڪ جانورن سان منهن مقابل ٿيڻو هوندو هو. اهڙين وارتائن ۽ وارداتن ان کي بيان اشارن ۾ بيان ڪرڻ جي سگهہ ڏني. هڪ تہ اهي قصا ۽ ڪهاڻيون هڪ نسل کان ٻئي نسل، هڪ قبيلي کان ٻئي قبيلي، هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين پهچڻ لڳيون.

انهن شروعاتي ڪهاڻين ۾ هڪ ته اهي قصا هُئا جيڪي انسان خوفناڪ جانورن کي مارڻ جا بيان ڪيا هُئا جنهن سان ان جي زندگي آسان ٿي. هڪ شينهن کي مارڻ واري انسان کي بهادر تسليم ڪيو ويندو هو ڇو ته ان شينهن جي مرڻ سان ان جي قبيلي سُک جو ساهه کنيو ۽ ان جي زندگيءَ ۾ هڪ خوفناڪ جانور جو ڊپ ختم ٿيو. هڪ ته اهي قصا بيان ٿي آهستي آهستي ماضيءَ جو داستان بڻجي ويا جن جي معاشري ۾ اهميت ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. ان جي پيٽ ۾ وري اهي قصا ڪاٺ جي پٽن ۽ چمڙي تي اڪريل هجڻ جي صورت وٺڻ لڳا.

اڳتي هلي ڪهاڻيءَ جو جديد دؤر شروع ٿئي ٿو. هن دؤر ۾ مافوق الفطرت شين کي ڇڏي عام ماڻهن کي ڪهاڻيءَ جو حصو بڻايو ويو جنهن ۾ ان جا ڏک سُور ۽ اهنج بيان ڪيا ويا. ڪهاڻي خواص مان نڪري عوام ۾ اچي وئي. اڳي بادشاهه ۽ وزير ۽ انهن جي زندگيءَ عام ماڻهو کي بڌائي ويندي هُئي پر هاڻي بادشاهه ۽ وزيرن کي عوام جون ڳاليون ۽ اهي ڪيئن سوچين ٿا اهو ٻڌڻ جو وقت اچي ويو. هن دؤر جي جديد ڪهاڻي هر حوالي سان عام ماڻهو ۽ ان جي روين توڙي اظهار سان گڏ بيٺي آهي.

هي ڪهاڻي جو اهو زمانو آهي، جنهن تائين پهچڻ ۾ ڪهاڻي ڪيترين ئي صديون لڳايون آهن. ڪهاڻي پنهنجي سفر ۾ ڪيترائي عنصر سمائي ۽ غير ضروري عنصر پاڻ مان ڪڍي پنهنجي سفر ۾ روان دوان آهي. ڪهاڻي جي صنف اڄ به ايتري ئي اهميت جوڳي آهي جيتري ڪنهن دور ۾ رهي هُئي. فرق صرف ايترو آيو آهي ته هاڻي ڪهاڻي پنهنجي هيئت کي تبديل ڪيو آهي. طويل ڪهاڻيءَ جي جاءِ تي هاڻي فليش فڪشن، 100 سٽن جي ڪهاڻي، هڪ سٽ جي ڪهاڻي ۽ ٻيون ڪيترين ئي هيئتي تبديليون متعارف ٿينديون رهن ٿيون. اهي سڀ ان ڳالهه جي شاهدي آهن ته ڪهاڻي ڪلهه به پنهنجي ارتقائي سفر ۾ هُئي ۽ ڪهاڻي اڄ به پنهنجي ارتقائي سفر ۾ روان دوان آهي. چاهي ڪيترين ئي تبديليون اچن پر ڪهاڻي ڪنهن نه روپ ۾ ادب توڙي سماج ۾ زنده رهڻي آهي ان جي هيئت ۽ اسلوب هر زماني پنهنجي پنهنجي نموني سان تبديل ڪري پنهنجي مطابق رکيا آهن جيڪا ارتقائي عمل جي نشاني آهي.

هر زماني ۾ عوام جي افسانوي سان بي انتها چاهت ۽ دلچسپي رهي آهي. افسانوي ۾ هر دور جون صداقتون ۽ تلخ حقيقتون جهلڪنديون نظر اچن ٿيون. ۽ ان جو رشتو حقيقت نگاري سان ڳنڍيل رهي ٿو. ان نڪتي جي وضاحت ڪندي هڪ مغربي مفڪر لکيو ته.

” ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي نالن ۽ تاريخن کان سواءِ هر شئي صحيح هوندي آهي. ۽ تاريخ ۾ انهن کانسواءِ سڀ ڪجهه به صحيح نه هوندو آهي. “ (1)

اها هڪ حقيقت آهي ته افسانوي ۾ فرضي نالا هوندا آهن پر ڳالهيون سچيون هونديون آهن. جڏهن ته تاريخ ۾ نالا سچا هوندا آهن پر ڳالهين ۽ واقعن کي ٽوڙي مروڙي ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر دور ۾ افسانوي کي تمام گهڻي لڳاءُ ۽ شوق سان ٻڌو ۽ پڙهيو ويو آهي. ان حوالي سان مشهور جرمن شاعر گوئٽي جو هڪ قول آهي ته

”هر ڪنهن فن جي پڄاڻي حيرت تي وڃي ٿئي ٿي.“(2)

شروعات کان وٺي، هن وقت تائين افسانو ڪنهن به شڪل، رنگ ۽ ڍنگ ۾ چو نه هجي، پر ان ۾ تجسس ۽ حيرت جو عنصر ضرور شامل هوندي آهي. جنهن جا واقعا ڪنهن اڻ ڏٺل منزل طرف وڌندا آهن ۽ پوءِ غير متوقع، ڇرڪائيندڙ ۽ حيرت انگيز انجام تي پهچائين ٿا.

اوائلي افسانوي ادب کي فني لحاظ کان جدا جدا خانن ۾ ورهايو ويو آهي. ڪجهه خاصيتون اهڙيون آهن جيڪي هڪڙي صنف کي ٻيءَ کان الڳ ۽ منفرد بڻائن ٿيون. جيئن جديد افسانوي صنفن ناول ۽ مختصر ڪهاڻي جي هڪ قسم جو رشتو آهي تيئن قديم افسانوي صنفن ۾ به ڳانڍاپو آهي. ابتدائي افسانوي ادبي ذخيري کي قدامت، فن ۽ موضوع جي حوالي سان ڪجهه صنفن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. جنهن جو نمونو ۽ مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.






(3)

جڏهن بہ هڪ ڪهاڻيڪار ڪنهن غير معمولي احساس، ڪيفيت، حالت، تجربي يا مشاهدي مان گذرندو آهي ۽ سندس اندر جي دنيا تي ان جا غير معمولي اثر مرتب ٿيندا آهن تہ ڪهاڻيڪار ان اندر جي طوفان کي ماڻو ڪرڻ لاءِ ڪاغذ ۽ قلم جو سهارو وٺي ان موضوع ۽ منظر کي تحرير جي صورت ۾ آڻي ٿو. ان ڪري جيئن جيئن انسان ارتقا جا ڏاڪا طي ڪندي رهي ٿو تيئن تيئن ڪهاڻي بہ ساڻس گڏ سفر ڪندي رهي ٿي. وقت، حالتن ۽ سماج سان گڏ ڪهاڻي جا موضوع بہ بدلجندا رهندا آهن.

جديد يا مختصر سنڌي ڪهاڻي جي شروعات 1914ع کان ٿئي ٿي. انهيءَ حوالي سان اهم نالا اچن ٿا جن نہ صرف اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون. موضوع جي حوالي سان جديد سنڌي ڪهاڻيءَ کي جنهن ورهاڱي کان اڳ نئون موڙ نئون رنگ ۽ شاهڪار موضوعاتي ڪهاڻي لکي اهو آهي لالچند امر ڏنو مل. سندس جديد ڪهاڻي ۾ فني ۽ فڪري خوبيون موجود آهن. لالچند امر ڏني مل کي جديد سنڌي ڪهاڻي نويسي جو بانيڪار چئي سگهجي ٿو. موضوع جي لحاظ کان سندس ڪهاڻي "حر مکيءَ جا" اها ڪهاڻي آهي جيڪا جديد ڪهاڻي لاءِ مقرر ڪيل اصولن مطابق پهرين نمبر تي آهي. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين هر قسم ۽ موضوع تي ڪهاڻيون لکيون ويون. ڏيهي ۽ پرڏيهي ادبي تحريڪن جو سنڌي ڪهاڻي تي اثر پيو. ڪهاڻي جي وڌندڙ مقبوليت ۽ شهرت ڪيترن ئي نوجوانن ۾ ڪهاڻيون لکڻ جو جذبو ۽ رجحان تيزي سان پيدا ٿيڻ لڳو.

انگريزن جو دور جديد سنڌي ادب جي اوسر لاءِ تمام اهم دور هو. هن دور ۾ ڪيتريون ئي نيون تحريڪون ۽ نوان لاڙا شروع ٿيا، جن جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ان وقت ملڪ ۾ سياسي ۽ سماجي شعور پنهنجي اوج

تي پهتل هو ان حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ

”انگريزن جي آئي سنڌين جو نون نون علمن سان وهاپو ٿيو... هن دور ۾ دنيا جون سياسي، اقتصادي ۽ سماجي حالتون بگڙيون جن برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ کي بہ متاثر ڪيو“ (4)

برصغير جي تاريخ ۾ انگريزن جو درو اهو دور آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي علمي ۽ ادبي حوالي سان ڪافي ترقي ٿي. ننڍي کنڊ سميت سنڌ ۾ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ انقلابي تحريڪون شروع ٿيون. جن سان سنڌي ڪهاڻي جي موضوع ۽ بيان ۾ فني ۽ فڪري وسعت پيدا ٿي. يورپي علمن ۽ ادبي تحريڪن جي لاڙن هيٺ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ بہ نوان موضوع وجود ۾ آيا جن ۾ حقيقت نگاري جو لاڙو، سماجي حقيقت نگاري جو لاڙو، ترقي پسنديءَ وارو لاڙو، قوم پرستيءَ جو لاڙو۽ علامت نگاري جو لاڙو شامل آهن.

**لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي**

لالچند امر ڏني مل جو شمار جديد سنڌي ڪهاڻي جي شروعاتي دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. امر ڏني مل ڪيترين ئي طبعزاد ڪهاڻيون لکيون ۽ ڪيترن ئي ڪهاڻين جا ترجما ڪيا. سندس ڪهاڻين ۾ گهريلو مسئلا جهڙو ڪ جبري نڪاح، مدي خارج ريتون رسمون، دوستي دشمني، زندگي جا ڏک سک ۽ سياسي سماجي حالتن جا بہ عڪس ملن ٿا. سندس ڪهاڻي ”حر مکيءَ جا“ کي پهرين جديد سنڌي ڪهاڻي چيو وڃي ٿوڪهاڻي ”حر مکيءَ جا“ انگريز سامراج جي خلاف هلندڙ حر تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيل آهي، جنهن کي سنڌي مزاحمتي موضوع تي ادب جي پهرين ڪهاڻي چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪهاڻيءَ جو خاص ڪردار بچو ڏاڙيل آهي جنهن کي سماجي ناانصافين ۽ ڏاڍائين جي سبب ڏاڙيل ٿيڻو پيو. ان کان علاوه معاشرتي ناانصافين، ظلم ۽ جبر جا ستايل غريب ۽ ابوجه ماڻهو انهيءَ قافلي ۾ شامل ٿيا. اهي اميرن ۽ سيٺين کي ڦريندا هئا ۽ غريبن جا پرجهلو ۽ مددگار هوندا هئا. جيڪي پير صاحب جا مريد پڙ هئا. ڪهاڻي ”حر مکيءَ جا“ مان هڪ مثالي ٽڪرو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

”هن قت روهڙيءَ وارو پير حيدرآباد هو. ليوڪس صاحب لک پڙهہ ڪري اتي پير کي نظر بند رکرايو. هن سمجهيو تہ پير جي وٽن هلندي آهي، ۽ هو چوندن

تہ پيش پئو تہ ڪائنس ڪنڌ ڪين ڪيائيندا.

پير تي جا ٻري آئي، تنهن قول ڪيو تہ آءُ ڏاڙيلن جون ٻانهون پيش ڪندس.

پوءِ پير و وزير، تڳيو چانگ، ۽ گلو موچي سنپري نڪتا: ۽ جهنگ ۾ جهوڙي جي لئي پر اچي ڪامپ وڌائون. اتان ليوڪس ڏي نياپو موڪليائون تہ "پلي اچي هاٿي لڙائي ڪاڻ، اسان تيار آهيون" تنهن تي ليوڪس صاحب پلٽڻيون وٺي اچي وارد ٿيو."[5]

1916ع ۾ سندس ڪهاڻي "دلوراءِ دشت" شايع ٿي جيڪا هڪ تاريخي ڪهاڻي آهي. 1918ع ۾ سندس تي ڪهاڻيون شايع ٿيون جن ۾ "آهي هو ڇا" سماجڪ ڪهاڻي آهي. "پٽ تان ڪٽ تي" هڪ مزاحيہ ۽ طنزيہ ڪهاڻي آهي. "ٻہ خط" رومانوي ۽ معاشرتي ڪهاڻي آهي. 1920ع ۾ ڪهاڻي "لڄاوتي" جيڪا سماجي ڪهاڻي آهي، 1930ع ۾ نوورنيءَ جو خون" جنهن ۾ عورت جي معاشري ۾ بيوسي جي دانهن ڏنل آهي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي "ڪشنيءَ جي ڪشت" 1923ع هڪ طويل ڪهاڻي آهي جيڪا حيدآباد جي هندو سماج جي پس منظر ۾ لکيل آهي.ان ڪهاڻيءَ جي حوالي سان محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو تہ :

"لال چند امر ڏني مل جي "ڪشنيءَ جو ڪشٽ" هڪ دردناڪ ۽ دل ڀڄائيندڙ افسانو آهي."[6]

"ڪشنيءَ جو ڪشٽ" ڪهاڻيءَ جي پهرين حصي ۾ ئي محاوراتي ۽ ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي. ۽ سنڌي عورت جي ان دور جي حالتن جي چڱي ريت عڪاسي ڪئي آهي.

لال چند امر ڏني مل جي ڪهاڻي "ننيڙي نينا" 1946ع هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جيڪا ٻاراڻي نفسيات کي ظاهر ڪري ٿي، لالچند پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهم موضوع هٿا.

**مرزا قليچ بيگ**

سنڌي ادب ۾ هڪ اهم نالو مرزا قليچ بيگ جو پڻ اچي ٿو. مرزا صاحب اهو اديب هو جنهن ادب جي تقريبن مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ادبي خدمتن جو قدر ڪندي انگريز حڪومت کيس "قيصر هند" جو

تمغو ۽ 1905ع ۾ شمس العلما جو لقب ڏنو ويو. مرزا قليچ بيگ جي وڏي ۽ اهم سڃاڻپ بحيثيت مترجم ڪهاڻيڪار آهي مرزا صاحب ڪهاڻي جي حوالي سان سڀ کان پهرين ”دلپسند قصا“ جو ذڪر اچي ٿو جيڪو ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو. هي ڪهاڻيون چارلس لئمب ۽ ميري لئمب جي ڪتاب جو ترجمو هيون. مرزا قليچ بيگ جي ڪهاڻين ۾ موضوعن جي حوالي سان ڊاڪٽر تهمينه مفتي لکي ٿي ته:

”مرزا صاحب جي ڪهاڻين ۾ عشقيه موضوع پڻ نمايان ۽ اهم آهي. وچولي طبقي جي سڄاڳي ۽ ٻين سماجي تحريڪن رومان يا عشقيه موضوع جي لاڙن جي اهميت کي اجاگر ڪيو پر تنهن هوندي به عقشيه موضوع هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن ۾ پڙهندڙن جي دلچسپي هميشه رهي آهي. اهو موضوع سنڌي ڌرتي جي حوالي سان جيڪو رومانوي قصن ۽ ماحول جي لوڪ ڪهاڻين ۾ نشان بر آهي.“[7]

سندس ڪهاڻي شريف بيگم ي ۾ ميان محمد امين جنهن پنهنجي زندگي تڪليفن ۽ پريشانين ۾ پئي گذاري ۽ جنهن کي پنهنجي آزاد پريس هوندي به ڪيس تنگ دستي ۽ غريبي وڪوڙي وئي هئي، انگريزن جي مرضي موجب اخبار نويسي جو جڏهن ڪم ڪري ٿو ته ڪهاڻيڪار ان کان پوءِ سندس معاشي حالت کي بهتر ٿيندي ڏيکاريو آهي.

1916ع ۾ مرزا قليچ بيگ جي هڪ ٻي اصلوڪي ڪهاڻي ”هڪ سگهڙ زال“ آهي جيڪا سماجي موضوع تي لکيل آهي. مرزا صاحب ڪهاڻي جي ميدان کان ٻاهر نه هو. سندس بنيادي ڪم سنڌي ڪهاڻي جي اوسر ۽ راه هموار ڪرڻ هو.

**پرمانند ميوا رام**

پرمانند ميوا رام سنڌي ادب جو ناليوارو ۽ وڏو خدمتگار هو. پرمانند ميورا رام جي ڪهاڻي ”لڇڻ وڏيڪ ڪين لڏو“ ۾ ڏيتي ليتي جي اهم موضوع کي کنيو ويو آهي. اها ڪهاڻي پنهنجي دور ۾ تمام گهڻي مشهور ٿي. ان دور جي سماجي مسئلي کي بهترين نموني سان پيش ڪيو ويو آهي. اها سندس اصلوڪي ڪهاڻي آهي. سندس ٻي ڪهاڻي ”هار جيت“ هڪ طويل ڪهاڻي آهي جيڪا حقيقت ۾ نيڪي ۽ برائي جي ازلي موضوع تي ٻڌل آهي. ڪهاڻي

”هيرو گلو“ هڪ دلچسپ، حيرت انگيز ۽ نصيحت آموز قصو آهي. ”هيري جي منڊي“ (1934ع) سندس هڪ سماجي ۽ معاشرتي ڪهاڻي آهي. جيڪا خطن جي صورت ۾ آسان ۽ موزون سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سماجي عنصر بہ آهي تہ روحانيت بہ آهي. مطلب تہ پرمانند جي ميوارام جي ڪهاڻين ۽ آکاڻين جي ذڪر کان سواءِ سنڌي ڪهاڻي جي ارتقائي تاريخ اڌوري سمجهي ويندي.

**چيتنمل پرسرام گلراجاڻي**

چيتنمل پرسرام گلراجاڻي هڪ مشهور شاعر ڪهاڻيڪار صحافي مترجم ۽ تاريخ دان آهي. چيتنمل پرسرام تقريباً 40 ڪتابن جو ليکڪ آهي جن ۾ مذهب، شخصيتون، فلسفو ڊراما، افسانوي ادب، تاريخ ۽ تهذيب جهڙا موضوع شامل آهن. ان کان علاو چيتنمل پرسرام جون ”چمڙا پوش جون آکاڻيون“ 1930ع اهم مجموعو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي سرمايہ دارن، اميرن جا عياش ڪردار ، مذهبي ۽ دولت مندن جو ننڍي ڏيءَ جيڏي عمر جي نياڻي سان شادي ڪرڻ ۽ ٻين اهڙي قسم جي سماجي ۽ معاشرتي برائين جي موضوع تي کلي عام اظهار ڪيو ويو آهي. چيتنمل پرسرام جي ڪهاڻين جي مجموعي ”چمڙا پوش جون آکاڻيون“ بابت ڊاڪٽر تهمينہ لکي ٿي تہ:

”ترقي پسند قوتن جي اثر هيٺ ڪيترن کي لکيڪن سماجي برائين خلاف جدوجهد ڪئي. انهن ليکڪن مان چيتنمل پرسرام نمايان نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين ”دکي جي دانهن“ ۾ ڪيل آهي ”ڪجلي جي ٻانهڻ“ ۽ ”سنگت پوڙهو“ حقيقت نگاري جي تصوير آهن.“ [8]

سندس ڪهاڻين ۾ سماجي ۽ معاشرتي موضوعن تي طنز بہ عام آهي.

**عثمان علي انصاري**

عثمان علي انصاري جي شخصيت جي سڃاڻپ جا ڪيترائي اهم پاسا آهن. پاڻ شاهہ ۽ سچل جو شارح هجڻ سان گڏوگڏ مضمون نگار، افسانہ نگار، ترجمہ نگار ۽ ڊراما نويس هيو. پروفيسر منگها رام ملڪاڻي موجب

” سندس ڪهاڻيون ”ململ جو چولو“ ۽ ”مقام“ ، ساراهہ لائق هيون.“ [9]

هن مجموعي ۾ ”بخيل“،”عيجب نسخو“،”نيلوفر سلطانہ“ شامل آهن. انصاري صاحب وقت کي نزاڪت کي محسوس ڪندي مختصر افسانا لکي

سنڌي افسانوي ادب ۾ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. انصاري صاحب جا افسانا اسلوب ڪان سواءِ موضوعن جي خيال ڪان بہ نهايت ئي دلچسپ ۽ اهم آهن. ڪجهہ افسانن ۾ انساني فطرت ۽ نفسيات جو چيد ڪيو ويو آهي.

ڪهاڻي "ململ جو چولو" هڪ وفادار ۽ باڪردار عورت جي هڪ انتهائي حيران ڪندڙ ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ محبت، وفاداري ۽ بي لوث رفاقت بہ هڪ جرم بڻجي وڃن ٿا. سندس سيئي ڪهاڻيون سماجي مسئلن تي آهن صرف نيلوفر سلطانہ هڪ تاريخي ڪهاڻي آهي.

عثمان انصاري جو 1944ع ۾ ترجمو ٿيل ڪهاڻين جو مجموعو "ادبي انتخاب" نالي سان شايع ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جي مشهور ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ترجمو ٿيل آهن.

**نادر بيگ مرزا**

انهيءَ دور جا ٻيا اهم ڪهاڻيڪار نادر بيگ ۽ آسانند ممتو راءِ هئا. نادر بيگ مرزا، سنڌ ۾ ان وقت جي سيڪولر موضوع، ماحول ۽ مزاج کي پنهنجن ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو. سندس ڪهاڻين ۾ هندوئن، مسلمانن، ۽ پارسين جي معاشرتي زندگيءَ جي عڪاسي ٿيل آهي. رومانيت جي موضوع تي لکيل هن جي ڪافي ڪهاڻين ۾ پيار جي نفيس جذبي جو انتهائي خوبصورت اظهار ملي ٿو. هي سنڌي ڪهاڻي جو اهو شروعاتي دور هو جنهن ۾ سماج جي عام مسئلن کي وڌيڪ اجاگر ڪيو ويو. آسانند ممتوراءِ پنهنجي هم عصر ڪهاڻيڪارن امر لعل هنڱوراڻي ۽ مرزا نادر بيگ کان ان ڳالهہ ۾ منفرد ۽ نمايان هو تہ هن سماجي موضوعن سان گڏ فرد يا ماڻهو جي من جي دنيا جو عڪس پيش ڪيو.جنسيات ۽ نفسيات جو موضوعن تي لکيل سندس ڪهاڻي "ڳوارڻ" (ڪکي) سنڌي ادب جي مشهور ۽ بهترين ڪهاڻين ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي.

"امر لعل هنڱوراڻي، نادر بيگ ۽ آسانند ممتورا حقيقت نگاري (Realism) جي ٽن الڳ الڳ لاڙن جي نمائندگي ڪن ٿا. امر لعل سماجي مسئلن کي پنهنجن ڪهاڻين جو موضوع بڻايو. نادر بيگ جو رجحان رومانس ڏانهن وڌيڪ هو."[10]

نادر بيگ مرزا سنڌي ڪهاڻي کي نئين انداز ۽ نئين روپ ۾ سرجيو. مراد علي مرزا کيس "جديد افساني جو باني" قرار ڏنو آهي. سنڌي ادب ۾ هن

ڪان علاوه ٻيو ڪو بہ اهڙو فرد نظر نٿو اچي جنهن مغرب جي افساني جي اثر هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا نوان تجربا ڪيا هجن. ليڪڪ طور مرزا نادر بيگ 1920ع کان وٺي 1930ع تائين سنڌ جي شهري سماج جو هڪ بهترين عڪس پيش ڪيو آهي. هي ڪهاڻيڪار "موهني جا ڊائري" سان ادب جي دنيا ۾ ظاهر ٿيو. جيڪا ان وقت جي مشهور رسالي "سنڌو" ۾ شايع ٿي. موهني هڪ اهڙي علامت آهي جيڪا نادر بيگ جي گهڻين ڪهاڻين ۾ شامل آهي.سندس هڪ ڪهاڻي "موهني جو گهر" مان هڪ مثالي ٽڪرو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

"بهرام وڏي حيرت سان مون ڏي ڏسڻ لڳو ۽ اسان ٻنهيءَ جون زبانون بند ٿي ويون."بهرام!" بس ايترو چئي آئون رڪجي ويس پرا نهيءَ مهل ان جي اکين ۾ اهڙو ڪو تاثير پرجي ويو جو مون ان ڏي ڏسي بي اختيار چئي ڏنو تہ "بهرام.....چو.....اجا بہ تنهنجي..... مون ڏي..... محبت......"[11]

**آسانند ممتوراءِ**

آسانند ممتو راءِ سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون رخ ۽ موڙ ڏنو. سندس ڪهاڻيون حقيقت نگاري تي آڌارايل آهن. هن انهن ۾ پهريون ڀيرو نفسياتي ۽ جنسي موضوعن کي پڻ اجاگر ڪيو آهي. 1932ع ۾ سندس بہ اصلوڪيون ڪهاڻيون "هي پريم" ۽ "هي ميلاپ" سنڌو رسالي ۾ ڇاپيون ويون. "هي ميلاپ" هڪ منفرد ۽ انوکي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ڇوڪرو هندو ۽ ڇوڪري مسلمان جي عشق جو قصو بيان ڪيو ويو آهي. اڳتي هلي سندس ڪهاڻين ۾ جدت ۽ تبديلي نروار ٿئي ٿي. هي پهريون سنڌي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن ۾ فرائيڊ جي نظرئي ۽ علامت نگاري جو عڪس پيش ڪيو آهي جنهن ۾ جنسي موضوع ۽ مسئلن کي زير بحث آڻي ٿو ۽ انهن کي زندگي جو بنياد سمجهي ٿو. ان حوالي سان احسان بدوي لکي ۽ آهي تہ

"آسانند ممتو راءِ عشق محبت جي داستان کي پنهنجي افساني جو موضوع بڻايو آهي."[12]

سندس ڪهاڻي "ڳنوارڻ" يا "ڪيڪي" سنڌي ادب جي تمام بهترين ڪهاڻي تصور ڪئي وڃي ٿي، جنهن جا ڪافي ٻولين ۾ ترجما پڻ ڪيا ويا آهن. هن ڪهاڻي ۾ احساس ڪمتري، سماجي مسئلن کي جنم ڏي ٿي. جنهن ۾ ننڍي عمر جي ڇوڪري جي شادي عمر رسيده مرد سان ٿيل آهي.

**امر لعل هنگوراڻي:**

امر لعل هنگوراڻي کي حقيقت نگاري تي آڌاريل جديد ڪهاڻي جي فن جو بنياد وجهندڙ سمجهيو وڃي ٿو. امر لعل هنگوراڻي جي ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" بين الاقوامي معيار تي پوري لهندڙ ڪهاڻي آهي جنهن جو گهڻن ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. هن ڪهاڻي کي يونيسڪو طرفان شايع ٿيل دنيا جي بهترين ڪهاڻين ۾ خاص جاءِ ملي آهي. سندس "ڏس ڏيو ته ڪٿان ليندي" ڪهاڻي رشتن جي آزمائش جي موضوع تي لکيل آهي جنهن ۾ محبت ڪندڙ شادي شده جوڙي هڪٻئي کي آزمائڻ لاءِ ڪنيل قدم ٻنهيءَ جي ابدي وڇوڙي جو باعث بڻجي ٿو. پنهنجي زال کي اجنبي بڻجي هٿيار ڪٽي رات جو گهر ۾ گهڙي چويس ٿو ته اڳٽ ٿوڙڻ ڏي يا ہار جو موت قبول ڪر. زال ہار جي زندگي بچائي ٿي.

امر لعل سنڌي سماج جي اهڙن رسمن کي هڪ ڪهاڻي ۾ ظاهر ڪندي ٻڌي سس جو مثالي ڪردار به پيش ڪيو آهي. جيڪو تبديل ٿيندڙ سماج جو بهترن مثال آهي.

"سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ صوفي ازم جو رنگ به امر لعل جي ڪهاڻين کان شروع ٿئي ٿو. هن جديد ڪهاڻي ۾ حقيقت جا رنگ پريا، فطرت ۽ سماج ۽ انساني جذبن ٺي وائکو ڪيو"[13]

ادو عبدالرحمان ڪهاڻي هڪ مست ڪردار جي رواجي ڪردار ۾ بيان ٿيل آهي جيڪو هڪ وڏو عالم آهي. پاڻ هن ڪهاڻي ۾ جاگيردارن ۽ سيڻن جو پنهنجي دولت بچائڻ خاطر نياڻين جي شادي نه ڪرائڻ ۽ حق بخشائڻ واري موضوع تي تنقد ڪئي آهي. ان سان گڏوگڏ ڪورٽ ۾ ججن جي رويي تي پڻ تنقيد ڪئي وئي آهي.

**محمد عثمان ڏيپلائي:**

محمد عثمان ڏيپلائي سنڌ جو جاکوڙي صحافي، اديب، ناول نويس، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، پبلشر، ايڊيٽر، نقاد، ڊراما نويس ۽ شاهه لطيف جو شارح هو. ڏيپلائي صاحب هڪ دلير ۽ بيباڪ ليکڪ هو. مرزا قليچ بيگ صاحب يورپي دنيا جي ترقي يافته قومن جي اثر هيٺ لکيو جڏهن ته ڏيپلائي

صاحب اسلامي تاريخ ۽ قوم پرستي واري نظريي هيٺ لکيو. ثريا سوز ڏيپلائي مطابق

”عثمان ڏيپلائي جو پهريون افسانو 1930ع ۾ ”چنڊ سهڻو يا انسان“ جي نالي سان رسالي ۾ ڇپيو جيڪو حڪيم عبدالخاق، ”خليق“ مورائي ۽ مولانا عبدالرزاق ڪراچي مان ڪڍندا هئا. ٻيو افسانو ”ڪتو بہ ڪاڏو ڪک بہ نہ پري“ پڻ ساڳي رسالي ۾ ”فريبي دنيا“ جي نالي مان شايع ٿيو.“ (14)

محمد عثمان ڏيپلائي جون ڪافي ڪهاڻيون انگريزن جي دور کان شروع ٿيون ۽ ورهاڱي کان پوءِ سندس وفات تائين جاري رهيون. هڪ خاص ڳالهہ اها آهي تہ سندس ڪافي ڪهاڻيون مرشد جي موضوع تي لکيل آهن. سڀ کان وڏي ۽ اهم خوبي جيڪا ڏيپلائي صاحب کي سنڌ جي سيني شخصيتن تي امتياز ۽ فوقيت حاصل ٿي اها پيري ۽ مرشد جي ڪرامت ۽ ڪلچر کان بغاوت ۽ مسلسل قلمي جهاد آهي. پاڻ علم ۽ صحافت وسيلي جهالت خلاف مزاحمت جو شاندار آواز ٿي اڀريو. سندس لکيل افسانن جو انگ 150 کان وڌيڪ ٿيندو، انهن افسانن جا موضوع همہ گير آهن. محمد عثمان ڏيپلائي ”چنڊ سهڻو يا انسان“ ڪهاڻي ۾ هڪ بادشاهہ ۽ سندس ملڪ جي معاملات ۽ حالات جي موضوع تي لکيل آهي. جنهن ۾ عقلي دليل جي آڌار تي مڃي ٿو تہ انسان دنيا جي خوبصورت شئي آهي.

ڏيپلائي صاحب جي ڪهاڻين ۾ ”نيت جو ڦل“ ڪهاڻي جو موضوع آهي. انسان جي نيت، جنهن موجب ڪيس منو يا ڪڙو ملي ٿو. ڏيپلائي صاحب مختلف ڪردارن وسيلي صاف ۽ سچي نيت رکڻ جي ترغيب ڏي ٿو هن ڪهاڻي جو اهم ڪردار سيٺ صادق آهي. انسان کي سدائين ”نيت صاف“ رکڻي آهي ۽ سماجي ڀلبود ۽ ڀلتري جي حوالي سان نيڪ نيت هجڻ لازمي آهي. سندس ٻي ڪهاڻي ”شاهي پروانو“ آهي هن ڪهاڻي ۾ مرڪز خيال ايمانداري، ديانتداري ۽ فرض جي ادائگي جهڙن خوبين سان سينگاريل آهي.

ان کان علاوه سندس ٻي ڪهاڻي ”نٽ جو حج“ آهي. هن ڪهاڻي ۾ مرڪزي ڪردار ٻن عورتن جو آهي جيڪي پاڻ ۾ ڀينر آهن، انهن مان هڪ امير ۽ ٻي غريب آهي. امير ڀيڻ جي حج تي سنبرڻ جو ٻڌي غريب ڀيڻ زينب خوش ٿيڻ سان گڏ فڪر مند بہ ٿئي ٿي. ڇو تہ چار سال اڳ مڙس جي آپريشن

وقت لاچار ٿي هن پنهنجي امير پيڻ کان رقم اڌار ورتي هئي ۽ پر الوقت موٽائي نہ سگهي هئي، پر ڪيس خبر هئي پر هاڻ اها رقم ڏيڻي پوندي ۽ ”نڪ تي مر“ نہ سهندي، پنهنجي ٽن پيڙهين جي نشاني ”نٿ“ وڪڻي، هن پنهنجي امير پيڻ کي رقم موٽائي ڏئي ٿي.

هي ڪهاڻي ”مرشد جي ڏاڙهي“ آهي. هن ڪهاڻي ۾ سادن سودن ۽ ابوجهہ ماڻهن جي عقيدي کي موضوع بڻايو ويو آهي. جيڪو هو مرشد تي رکن ٿا ۽ هر ڪم جي شروعات ان عقيدي سان ڪن ٿا تہ مرشد کان دعا وٺبي تہ پئون ٻارهن آهن. ”مرشد جون ٽنگون“ ڪهاڻي ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر آهي جن جو عقيدو ۽ اعتماد ڪمزور آهي. جيڪي الله تعالي کان گهرڻ جي بجاءِ پاڻ جهڙن انسانن جي اڳيان وڃي هٿ ٽنگين ٿا.

هي ڪهاڻي ”نياڳي مڱ“ آهي. جنهن جو مکيہ ڪردار اشرف آهي. سندس سوچ موجب جنهن ڏينهن بہ مڱ سندس اڳيان اچي ٿي، اهو ڏينهن لازمي طور تي نياڳو ثابت ٿئي ٿو. مسلسل اهڙي تجربي کان پوءِ وري بہ هڪ ڏينهن جڏهن پاڻ مڱ جو منهن ڏسي ٿو تہ متوقع طور تي نوڪري ختم ٿيڻ جي خوف کان پاڻ ئي استعفيٰ ڏئي ڇڏي ٿو. ان ڏينهن ئي سندس خوش قسمتي جا دروازا کلن ٿا ۽ استعفيٰ قبول پوڻ جي بجاءِ سندس ترقي ۽ پگهار جي واڌاري لاءِ حڪم ڏنو وڃي ٿو. اندر جو خوف ۽ وهم وري بہ ڪيس ڊيڄاري ٿو ڪيس پڪ هوندي آهي تہ اجهو ٿي نوڪري ختم ٿئي.

سندس هي ڪهاڻي ”اکين جو عيوض“ جو موضوع ڪوڙن نڱ پيرن تي انڌي اعتقاد بابت آهي. سندس هڪ هي ڪهاڻي ”ديکو مجهي جو ديده عبرت نگاه هو“ آهي. هن ڪهاڻي ۾ سرڪاري ڪامورن جي ڏاڍائين جو ذڪر ڪيل آهي. جيڪي پنهنجي اختيارن جو ناجائز استعمال ڪري فائده حاصل ڪن ٿا. اتي عام انسانيت ڪهڙو اثر پوي ٿو ۽ ڪهڙي ريت هو بنا ڪنهن ڏوهہ ڪرڻ جي سزائون ڀوڳين ٿا ۽ اڪثر حالتن ۾ سندن گهر تباهہ ٿيو وڃن پر انهن سرڪاري ڪامورن کي جيڪي پاڻ کي عوام جو خادم سڏائن ٿا، ڪو بہ اثر ۽ احساس نٿو پوي.

محمد عثمان ڏيپلائي جو تعلق سنڌ جي خوبصورت ٿر جي علائقي جي ننڍڙي شهر ڏيپلي سان آهي. هن پنهنجين ڪافي ڪهاڻين ۾ ٿر جي

خوبصورت نظارن، فطري ماحول ميون ۽ ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪهاڻي "ڪونڌيير" جيڪو برسات جي موسم ۾ صرف ٿر ۾ پيدا ٿيندو آهي. هيءَ ڪهاڻي ٿر جي سونهن، ميون، ٻارن جي نفسيات ۽ ذاتين جي مت ڀيد جي موضوع تي لکي وئي آهي. جنهن مان هيءُ فقرو هيٺ پيش ڪجي ٿو

"اوهه. ڪونڌيير هي ڪٿان آيا، ڊاڪٽر صاحب؟ هن عاليشان شهر ۾ هيءُ جهنگل جو گند ڪيئن اچي پهتو؟"

راجو بي اختيار ڪين چمڙ لڳي ۽ لڙڪن سان پسائڻ لڳي. هن هڪ هٿ ۾ ڪنيو. ڊاڪٽر ڪپ ڪٽي ڏنس. هن مرڪي چيو "ڊاڪٽر صاحب! هي پٽاٽا ناهن!"

بسترو پري ڪري پلنگ جي نواڙ سان هن ڪونڌيير کي ڳنڍ اندران سفيد مغز نڪتو ۽ هن ان کي ڏاڍي محبت سان کائڻ شروع ڪيو. هوءَ بي اختيار ٿي کائي وئي ۽ پوءِ اوچتو چرڪ ڀري چيائين: "آٽڻ وارو ڪٿي؟"

"تون سمجهين ٿي ته ڪنهن آندا هوندا؟"

"چو نٿي سمجهان." گنڀير ٿي هن چيو "ياد اٿم ته ڪنهن کي منهنجي ڪونڌيرن سان قرب جي پوري ڄاڻ آهي." (15)

**ليکو تلسياڻي:**

ليکو تلسياڻي ورهاڱي کان اڳ ئي ناليوران ڪهاڻيڪارن جي فهرست ۾ اچي چڪو هو. ورهاڱي کان پوءِ به هندستان وڃي اتي به هن لکڻ جو سلسلو جاري رکيو. هن نه صرف اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون پر ڪجهه ترجمو به ڪيون. ان دور ۾ "يتيم" ۽ ٻيون ڪهاڻيون شايع ٿيون جن مان "منجري ڪولهڻ" گهڻي مشهور ٿي. تقريبن هر نقاد ۽ محقق ان جي ساراهه ڪئي. ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

"ليکو تلسياڻي جي ڪهاڻي "منجري ڪولهڻ" پڻ عورت جي ڪردار جي چوڏاري ڦري ٿي ۽ پنهنجي منفرد اسلوب جي ڪري اها ان دور جي بهترين ڪهاڻي آهي." (16)

منجري ذرو به هچڪي ڪانه. هوءَ پڪو ارادو ڪري آئي ته ايسري جي ڪيئن به جند آزاد ڪرائڻي آهي. جيتوڻيڪ هن کي قاعدي جي پيچيدگين،

وڪيلن جي آڏين پچائڻ بابت ڪا ڄاڻ ڪانه هئي، مگر هن جو محڪم ارادو هن کي ڏي ڏئي رهيو هو ته هو پجري تي چڙهي. سرشتدار ڪائنس سچ، صرف سچ چوڻ جو قسم کڻايو"[17]

ليکو تلسياڻي جي ٻي ڪهاڻي "سونا" جو شمار پڻ ان وقت جي چند اعليٰ ڪهاڻين ۾ ٿئي ٿو. "سونا" هڪ حسين ۽ بيباڪ پنگياڻي جو هڪ انوکو ۽ منفرد ڪردار آهي. جيڪا ظالم ۽ شرابي مڙس مان جان ڇڏائي اڪيلي زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏي ٿي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي "خاموش آنسو" جيڪا پڻ موضوع ۽ پيشڪش جي لحاظ کان وڻندڙ ۽ بهترين آهي.

"منجري ڪولهڻ" ڪهاڻي، رومانس، عشق ۽ محبت جي موضوع تي لکي وئي آهي جنهن جو ٽڪڙو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

"هوءَ هيسيل هرڻيءَ مثل ڪورٽ ۾ گهڙي، وڪيلن جو ڌيان هن ڏانهن ڇڪيو هنن جا ڏند چپن سا لڳي ويا. هڪ ٽرڙي ٻڙٻڙائي وڪيل ٻي وڪيل کي آهستگيءَ سان چيو "رن ته ڪمال جي آهي، ڪير چوندو ڪولهڻ آهي، رن جو هلڻ ته ڏس، ٻيل تي هلي"

منجري پجري وٽ رڪجي بيهي رهي. ماجسٽريٽ رعبدار انداز ۾ چيو: "مائي پجري ۾ چڙهه، ڏسين ڇا ٿي؟"

**حشو ڪيولراماڻي:**

حشو ڪيولراماڻي جو شمار ترقي پسند ڪارڪنن، اديبن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سريلنڪا ۽ انگلينڊ مان تعليم حاصل ڪيائين بعد ۾ عملي طور تي ملڪي سياست ۾ حصو ورتائين . انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد 4 ۾ موجب " حشو ڪيولراماڻي نه رڳو سٺو ليکڪ هو پر ڪافي سنڌي ڪهاڻين جو انگريزي ۾ ترجمو به ڪيو هو. جن کي ترتيب ڏئي مشهور اديب نبي بخش کوسي "سنڌي شارٽ اسٽوريز" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

حشو ڪيولراماڻي ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون جن ۾ "پدما"، "هڪ به ٿي" اهم آهي. سندس ڪهاڻي "پدما" هڪ سياسي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ کي آزاديءَ واري هلچل تحريڪ جي ڏينهن ۾ نعري هڻڻ

تان سپاهي لٺ هڻي ڪڍي ٿو ۽ هوءَ بي هوش ٿي وئي هئي. جڏهن هوش ۾ اچي ٿي تہ ڪائنس پڇي ٿو تہ "منهنجي منڙي پدما ڇا ڪيو؟" پدما وري ڪجهہ ڇيو مون سمجهيو .... منهنجي بهادر نياڻي پدما ڇيو "دادا هندستان آجاد" ۽ ٻي ڪهاڻي "هڪ ۾ ٽي" جيڪا جنگ عظيم جي ڏڪائيندڙ موضوع تي آهي.

**حيدربخش جتوئي:**

باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هڪ انقلابي هاري اڳواڻ طور مشهور آهي. سندس سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب "هاري ڪهاڻيون" ۽ "ڪمدار جا ڪارناما" سرفهرست آهن. سنڌ ۾ هاري پارٽيءَ جي اڳواڻ محترم حيدربخش جتوئي، هارين جي زندگيءَ بابت نهايت اهم ۽ اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي لکي ٿو تہ:

"بنيادي طرح سان سياسي ليڊر، دانشور ۽ شاعر هو. پر هن 1936ع کان پوءِ ڪجهہ افسانا بہ لکيا، جيڪي ورهاڱي کان پوءِ ڇپيا. انهن ۾ هاري جي حقن جي ڳالهہ ڪيل آهي، زميندار جي ظلمن جي اپٽار ڪيل آهي. سندس ڪهاڻين تي فن کان وڌيڪ مقصديت ۽ پرچارڪ غالب آهي" (18)

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي ڪهاڻي "مظلوم هاري" ۾ هاريءَ جي مشڪل ۽ محنت ڪش زندگي جي باري ۾ لکيو آهي. سندس ٻي ڪهاڻي "ڌرتي منهنجي ماءُ" بہ هڪ نهايت خوبصورت ڪهاڻي آهي. سندس ڪهاڻي "وڏيري جو رمضان" ۾ پيش ڪيو ويو آهي تہ وڏيري جا روزا ۽ رمضان شريف جو مهينو ڪيئن ٿو گذري.

**گوبند مالهي**

گوبند مالهي سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. سندس ناول نگاري، افسانا نگاري ۽ ڊراما نويسي ۾ بيحد خدمتون آهن. سندس ڪهاڻيون ترقي پسند فڪر ۽ موضوع هيٺ لکيل آهن. جنهن زماني ۾ گوبند مالهي ڪهاڻيڪار طور اڀريو اهو وقت برٽش سرڪار جو آخري دور هو. هي سڄو دور سياسي طور شعوري دور هو. هن دور جي ڪهاڻين ۾ انگريز سرڪار خلاف بغاوت وارا خيال پيش ڪيا ويا. ان وقت جي ترقي پسند تحريڪ گوبند مالهي جون ڪهاڻيون تمام وڏي اهميت واريون هيون. افسانوي ادب ۾ سنڌي ڪهاڻي

جي ترقي پسند ۽ انقلاب آڻيندڙ پهريون ڪتاب "ريگستاني ڦول" هو جيڪو گوبند مالهي 1944ع ۾ ترتيب ڏئي ڇپرايو. هن مجموعي ۾ سڀ ڪهاڻيون اعليٰ پائي جون هيون. "ريگستاني ڦول" اهو ڪتاب پهريون پتڪڙو تارو هو جيڪو سنڌي ترقي پسند ادب جي آسمان ۾ روشن ٿي اڀريو. 1944ع ۾ سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻيون "ڪمپنيءَ جي حڪومت" ، "بلوو" ۽ "قطع تعلقات" پڻ شايع ٿيون. اهي ڪهاڻيون سياسي پس منظر جي موضوع تي لکيل هيون. سندس ٽيون مجموعو "اڳتي قدم" بہ شايع ٿيو. جنهن جي باري ۾ ڊاڪٽر نور افروز خواجا لکي ٿي تہ:

"هن مجموعي ۾ نام نهاد پيرن، فقيرن ۽ سنياسي، ٻاون جا ڪارناما ۽ ماڻهن جو انهن تي انڌو يقين، ايمانداري، شرافت ۽ وفاداري جو واسطو مذهب ۽ قوم يا ذات سان نہ پر اسان جي شخصي ذهنيت جي مدار تي رکي ٿو. سنڌ مان لڏپلاڻ جو ذڪر ۽ ان دور جا سماجي مسئلا عورتن جي بيعزتي ۽ بي حرمتي جهڙا موضوع هنن ڪهاڻين ۾ پيش ڪيل آهن."(19)

گوبند مالهي جو چوٿون ڪهاڻين جو ڪتاب "تروٽيون" شايع ٿيو. سندس هن مجموعي ۾ رومانوي موضوع تي ڪهاڻيون لکيل آهن. گوبند مالهي جي ڪهاڻي "اها بہ هڪ ڪهاڻي" ناڪام محبت جي موضوع تي لکيل آهي. اڳتي قدم ۾ ڏيتي ليتي جي مسئلي ۽ موضوع تي لکيل آهي ان کان علاوه هڪ ٻي ڪهاڻي "اڄ وڄ ڪونج" ۾ ڳوٺاڻي زندگي جي جيوت جي موضوع بابت لکيل آهي.

**شيخ اياز**

شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار طور سامهون آيو. شيخ اياز ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو رنگ ۽ روپ پيدا ڪيو. اهو بالڪل ۽ بنھ نئون هو. سندس عظمت جو ثبوت ادبي تخليقون آهن جيڪي فڪري گهرائي، موضوع جي وسعت ٻوليءَ جي خوبين نئين سوچ، جوش ۽ جذبي جي صلاحيت سان ڀرپور آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ رومان ۽ حقيقت جو گڏيل تاثر ملي ٿو. جيڪو زندگي ۽ فطرت جي مزاج ۽ ماحول مطابق آهي. سماج طرف هڪ ذميواراڻو ۽ تعميراڻو رويو رکندڙ هر انهيءَ تخليق وانگر اياز شروع کان ئي پنهنجي لکڻين جو موضوع پنهنجي آس پاس جي

ماحول ۽ سماج کي بڻايو آهي. جيڪي ملڪ جون سياسي ۽ سماجي حالتون هيون انهن جو هن گهرائي سان مشاهدو ڪيو ۽ ان جو عڪس سندس تخليقن ۾ پڻ نظر اچي ٿو.

هڪ ليکڪ پنهنجا سمورا موضوع سماج مان کڻي ٿو ڇاڪاڻ ته سماج جو تصور ماڻهن کان سواءِ ڪري نٿو سگهجي. شيخ اياز سماجي حقيقتن ۽ مسئلن کي بيان ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙن معاشرتي موضوعن کي سامهون آندو جيڪو حقيقي، سچا ۽ جيئرا جاڳندا معلوم ٿين ٿا.

شيخ اياز جي ڪهاڻين جي موضوع بابت ڊاڪٽر نور افروز خواجا لکيو آهي ته:

"سندس ڪهاڻين جا موضوع به هندو مسلم اتحاد، آزاديءَ لا جدوجهد، غلامي ۽ سرمائيداري خلاف جدوجهد، سنڌي قوميت، بک افلاس، عورتن جي نفسيات، ٻارن جي نفسيات، پيار، محبت ۽ انسانيت هئا"[20]

شيخ اياز جي ڪهاڻين جي اها خاص خوبي آهي ته سندس هر ڪهاڻي ٻي ڪهاڻيءَ کان مختلف آهي. "پاڙيسري" وارو اياز "سفيد وحشي" ۽ "رولو" وارو اياز "ڪلڻي" واري اياز کان مختلف آهي. شيخ اياز جون ڪهاڻيون اصلوڪيون ۽ نج سنڌي فطرتي ماحول جو عڪس پيش ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻين جا موضوع ، ڪردار، ٻولي ۽ فڪر خالص سنڌي آهن ۽ پنهنجي دور جي لاڙن ۽ نظرين کي بيان ڪندي نظر اچن ٿا. هڪ طرف هو ماحول کي نئون رخ ڏيڻ ۽ اصلاح ڪرڻ جو گس ڏيندي نظر اچي ٿو جڏهن ته ٻي طرف هو هڪ انقلابي ۽ باغي پڻ آهي. ٻي طرف هو حساس انسان پڻ آهي. جيڪو فرد کي جسم بدران فڪري ۽ شعوري ڏسي ٿو.

شيخ اياز جي ڪهاڻي سفيد وحشي ۾ انگريز سامراج لاءِ نفرت جو ڀرپور اظهار ڪيو ويو آهي. سندس ٻي ڪهاڻي پاڙيسري ۾ ان دور ۾ پيدا ٿيل هندو مسلم تضاد کي ڏيکاريو ويو آهي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي "ڪارو رنگ" هڪ علامتي ڪهاڻي آهي جيڪا هڪ ڪاري ڇوڪري جي موضوع تي لکيل آهي.

هڪ ٻي ڪهاڻي "شانتا" هڪ وئشيا جي ڪردار کي همدردي سان بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سماج هڪ مجبور عورت کي وئشيا بڻائي ڇڏي ٿو. ڪهاڻي "رفيق" ۾ مزدورن جي اتحاد جو ذڪر بيان ڪيو ويو آهي. هندو مسلم

اتحاد پڻ سندس ڪهاڻين جو اهم موضوع آهي.

سندس ٻي ڪهاڻي ”مسافر مڪراني“ ۾ سندس مڪالما وڻندڙ آهن.

”اياز جي ڪهاڻين نئين نسل کي ڏاڍو متاثر ڪيو. جيڪي اڄ به سنڌي ادب ۾ اوچو مقام ولارين ٿيون.“[21]

### سوڀو گيانچنداڻي

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، سنڌ جو ترقي پسند ڪهاڻيڪار ۽ سياستدان رهيو آهي. بنگالي شاعر ۽ فلسفي رابرناٿ ٽئگور جي نظرين جو مٿس گهرو اثر هو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”ڪڏهن بهار ايندو“ پهريون ڀيرو 1993ع ۾ ڇپيو. ڪامريڊ سوڀي جي پهرين ڪهاڻي ”اڍائي روپيا“ جي نالي سان ”سنسار سماچار“ ۾ ڇاپي وئي هئي. اها ڪهاڻي ان وقت سنڌ جي حالتن جي چڱي ريت ترجماني ڪري ٿي. ته ڪيئن وياج خور، غريب، هارين ۽ پورهيت ماڻهن جو استحصال ڪندا هئا. سندس ٻي ڪهاڻي ” my suicide“ آهي جنهن جو سنڌي ترجمو ”خودڪشي“ جي نالي سان 1940ع ۾ شايع ٿيو. اها ڪهاڻي هڪ هڪ متحرڪ سياسي ڪارڪن جي موضوع تي آهي. ان کان علاوه 1940ع ۾ سندس ڪهاڻين ”Traunt“ ۽ ” The ways some boys love“ جو سنڌي ترجمو ”ڀاڄوڪڙ“ ۽ ”ڪجھ ڇوڪر هيئين به پيار ڪن ٿا“ جي نالي سان شانتي نڪتين ڪاليج جي ميگزين ۾ شايع ٿيو.

”رحيما“ ڪهاڻيءَ آهي جيڪا ٻي جوڙ شاديءَ جو موضوع تي آهي. جنهن ۾ اگهاڙا ۽ فحش منظر پيش ڪيل آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ رحيما جي سونهن جي تعريف ڪندي لکيو آهي.

ڪامريڊ سوڀي جي ڪهاڻين بابت ڊاڪٽر اياز حسين قادري لکيو آهي ته:

”ڪامريڊ سوڀو انهن ڪهاڻيڪارن وانگر ڪهاڻيڪار نه آهي، جن پنهنجو سمورو ڌيان ڪهاڻي لکڻ ڏانهن ڏئي ڇڏيو آهي. هن جڏهن به ڪنهن خاص واقعي، معاملي يا مسئلي هن جي دل کي چوٽ رسائي آهي، هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ڪئي آهي ته هن بيوس ٿي ان واقعي کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي ڇڏيو آهي.“[22]

1944ع ۾ شايع ٿيندڙ سندس ڪتاب ”ريگستان جي ڦول“ ۾ شامل سندس ڪهاڻي ”آڪيري جو ٽنٽڻ“ پڻ قابل ذڪر آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ گهر ڪي آڪيرو چيو ويو آهي ۽ پوءِ بي گهريءَ جو درد هن ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

**نتيجو**

ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي ليکڪن ۽ ڪهاڻيڪارن سمورن مسئلن، مونجهارن، ڏکن ڏولاون ۽ ڏوجهرن سان گڏ نئين اميد ۽ روشني جي به ڳالهه ڪئي آهي. سنڌي جي ڪهاڻيڪارن ادبي ۽ فني لحاظ کان سنڌ جي سماج جو اهڙو عڪس چٽيو آهي جيئن ڪو مصور ڪوري ڪاغذ تي شاهڪار تصور ٺاهي ٿو. اهڙي ريت سنڌ جي ڪهاڻيڪارن بنهه نون موضوعن جي عڪس بندي ڪئي آهي. هنن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جو معاشرو جيئرو جاڳندو نظر اچي ٿو. جڏهن ته هنن ڪهاڻيڪار معاشري جي سيني مسئلن ۽ موضوعن سان گڏ ادبي لاڙن ۽ رجحانن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي. سنڌي ڪهاڻي هڪ مخصوص دائري ۾ قيد يا محدود رهڻ بجاءِ پنهنجي اوسي پاسي ۾ وڙائيندي عالمي معيار مطابق ترقي پسند لاڙن، فيمين ازم، سريئلزم، عالمي لاڙن، جديديت ۽ جديديت پڄاڻان کي پنهنجي اندر پڻ سموئي ٿي.

سنڌي ڪهاڻي جو دامن وسيع کان وسيع تر ۽ ڪشادو آهي، جنهن ۾ اسان کي هر نئين مسئلي ۽ هر قسم جي موضوع تي شاندار ڪهاڻيون ملن ٿيون. سنڌي ڪهاڻي هڪ پاسي پير پرستيءَ، وهم پرستيءَ، رجعت پسندي ۽ مذي خارج ريتن ۽ فرسوده رسمن جي خلاف اٽل مهاڏو اٽڪائيندي نظر اچي ٿي ته وري ٻي پاسي پنهنجي ماتا ڌرتيءَ سان عشق، محبت، ننگن ۽ دنگن جي حفاظت، تهذيب ۽ تمدن سان گڏ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي بچائيندي قومي تشخص لاءِ مورچا بند پڻ ٿئي ٿي. ان کان علاوه ڪهاڻي هاري ناري، پورهيت، ڏنار، مزدور سان گڏ بيهندي، زميندار، ڪمدار، پوتار، جاگيردار ۽ سرمايه دار خلاف اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

## حوالا


1. عرساڻي، شمس الدين، آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افساني جي اوسر، سنڌ الاجي، ڄامشورو، 1982ع، (ص 15)
2. ساڳيو (ص 15)
3. ساڳيو حوالو (ص 33)
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جا نوان موڙ" (مهراڻ 4/1975) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، (ص 158)
5. امر ڏنو مل، لعل چند "حر مکيءَ جا" ساهت پرچارڪ ڪمپني، حيدرآباد، سنڌ 1913ع (ص 18)
6. عرساڻي محمد اسماعيل، ڪتاب، چار مقالا، ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983ع (ص 64)
7. تهمينه مفتي، ڊاڪٽر، "مرزا قليچ بيگ: بحيثيت آکاڻي نويس" ڪينجهر 1999ع، ص سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
8. تهمينه مفتي، ڊاڪٽر، "سنڌي ڪهاڻي جو سماجي ڪارج" مهراڻ 1996ع، (ص 46)
9. ملڪاڻي منگهارام پروفيسر: "سنڌي نثر جي تاريخ" روشني پبليڪيشنز حيدرآباد 1993ع (ص 44.45)
10. مهر ممتاز، ويچار، نئون نياپو اڪيڊمي، ڊسمبر 2013ع، (ص 156)
11. مرتب مرزا نصير، "نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يوني ورسٽي ڄامشورو، 1913ع، (ص 17)
12. بدوي، احسان: "تنقيد ۽ تنقيد نگاري"، آر.ايڇ احمد ائينڊ برادرس، حيدرآباد، 1970ع، ص 21
13. ساڳيو ، ص 22
14. ڏيپلائي، ثريا سوز: "محمد عثمان ڏيپلائي جي افسانا نويسي جو تحقيقي جائزو"، نئين زندگي- جنوري 2001ع، (ص 11)
15. شورو شوڪت حسين، "سئو سالن جو چونڊ سنڌي ڪهاڻيون، جلد پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ آلاجي، سنڌ يونيو ورسٽي ڄام شورو، 2017، (ص 120)
16. حسين، فهميده ڊاڪٽر، "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ" (مهراڻ-1993 ) (ص 70)
17. شورو شوڪت حسين، "سئو سالن جو چونڊ سنڌي ڪهاڻيون، جلد پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ آلاجي، سنڌ يونيو ورسٽي ڄام شورو، 2017ع، (ص 90)
18. سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي تاريخ" روشني پبليڪيشن، (ص 409)
19. خواجا نور افروز ڊاڪٽر ،پائي پٽ ڪٽا، حيدرآباد، 2005ع، (ص 328)
20. خواجا، نور افروز، ڊاڪٽر، سنڌي افسانو نئين زندگي نومبر 1996ع، (ص، 17)
21. سليم آغا، "سنڌي ڪهاڻي تي هڪ نظر" ماهوار نئين زندگي" جنوري 1968ع، (ص، 34)
22. قادري، اياز حسين، "ڪڏهن بهار ايندو جو مهاڳ"، سنڌي ادبي سنگت، 2010ع، (ص 54)

# قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور
# Humanism in the poetry of Qazi Qadin

1551 _ 1463

نديم بلوچ

**Abstract**

Qazi Qadin, son of Qazi Abu Saeed, was born in Bakr near Rohri. His ancestors were outstanding scholars of their time and knowledgeable elders of jurisprudence. He was brought up in an academic family. Such a background is the reason why Qazi Qadin was also among the great Qazis and Akbars of his time. When Qazi Qadin was born, the Saman dynasty ruled over Sindh. Sindhi literature is written as a constructive period of Saman's life. Apart from this, he is recognized as one of the main poets of the Sindhi language. His poetry is full of thoughts of humanism. He is the first poet of the Sindhi language, whose words we found in large quantities. Qazi Qadin has described the secrets of Sufism in a good way. This is the reason why the later poets of Sindh not only adopted the thought of Qazi Qadin, but also see the influence of his thoughts and poetry on many coming poets. Among these poets, Shah Karim and Shah Latif are the list. The basis of Qazi Qadin's poetry is not limited to spirituality or personal salvation, but it contains clear signs of love for mankind, social responsibility, humility, justice and sympathy. All these factors together strengthen the concept of philanthropy. At that time, Sindh was going through different intellectual streams. In such an environment, Qazi Qadin's poetry gives the message of connecting man with man, killing ego and self-esteem and making morals a basis.

قاضي قادن ولد قاضي ابو سعيد روهڙي جي پرسان بکر ۾ تولد ٿيو. سندس وڏا پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ علم فقه جا ڄاڻو بزرگ هئا. سندس پرورش علمي گهراڻي ۾ ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو قاضي قادن بہ پنهنجي دور جو وڏو قاضي ۽ اڪابرين ۾ شامل هو. جڏهن قاضي قادن جو جنم ٿيو،ان وقت سنڌ ۾ سمن جي حاڪميت هئي. سنڌي ادب کي سمن جي دؤر جو تعميري دؤر

ڪري ليکيو ويندو آهي. ان کان علاوه سندس سچاٽپ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعري انسان شناسيءَ جي فڪر سان ٽمٽار آهي. هي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جو ڪلام اسان کي وڏي مقدار ۾ مليو هو. قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ ۾ تصوف جي رازن کي احسن طريقي سان بيان ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي پوئين ايندڙ شاعرن قاضي قادن جي فڪر کي نہ صرف پنهنجو ڪيو پر سندس فڪر ۽ شاعريءَ جو پوئين ايندڙ ڪيترن شاعرن تي اثر ڏسجي ٿو. انهن شاعرن ۾ شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهہ لطيف سرفهرست آهن.

قاضي قادن جي شاعريءَ جو بنياد، صرف روحانيت يا ذاتي نجات تائين محدود ناهي پر ان ۾ انسان ذات سان محبت، سماجي ذميواري، عاجزي، انصاف ۽ همدرديءَ جا واضح اشارا ملن ٿا. اهي سڀ عنصر گڏجي انسان دوستيءَ جي تصور کي مضبوط ڪن ٿا. قاضي قادن جو دور سماجي ۽ فڪري لحاظ کان اهم هو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ مختلف فڪري وهڪرن مان گذري رهي هئي. اهڙي ماحول ۾ قاضي قادن جي شاعري انسان کي انسان سان ڳنڍڻ، انا ۽ خودي کي ماري، اخلاق کي بنياد بڻائڻ جو پيغام ڏئي ٿي.

سندس بيتن ۾ انسان جي اندروني سڌاري کي سماجي بهتريءَ سان ڳنڍيو ويو آهي، جيڪو انسان دوستيءَ جو بنيادي فلسفو آهي. قاضي قادن اهڙو بزرگ ۽ طريقت جو صاحب ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ صوفياڻي ۽ انسان دوستيءَ جي رجحان جي واڳ سنڀاري ۽ اسان کي هي پهريون شاعر مليو ٿو جنهن پنهنجي خداداد علمي صلاحيتن وسيلي سنڌي سماج جي فڪري آبياري ڪئي ۽ انهن جي دلين ۾ انسان دوستيءَ جي فڪر جون نديون وهايون، جن جي سراب ٿيڻ کان پوءِ اسان جي سماج ۾ اهنسا واري فڪر جو مڪمل خاتمو آيو. اڄ تائين اسان اهنسا جي خلاف ۽ پنهنجي دفاع ۾ برسر پيڪار آهيون.

قاضي قادن متعلق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

”قاضي قادن،سنڌي سنڌي شاعريءَ کي ادبي معيار عطا ڪيو.هن سنڌي شاعريءَ کي چارڻن ۽ ڀٽن جي قصيدن جي سمايل مبالغي جي ڏٻڻ مان ڪڍي، ان کي فڪر ۽ فلسفي جي پڪي پختي زمين تي آندو.“[(1)]

قاضي قادن جي شاعريءَ جا موضوع، انهن ۾ سمايل فڪر، خيال سڀ نوان ۽ تازا آهن. جيڪي ان کان اڳ نظر نه ٿا اچن. جيڪي ان کان پوءِ جي وڏن شاعرن جهڙوڪ شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف لاءِ مثالي ۽ نمونو بڻيا. توڙي جو سندس شاعري ان وقت اسان کي گهڻي تعداد ۾ ڪو نه ملي هئي، پر ماضي قريب ۾ هيروتڪر هندسان جي ڳوٺ هرياڻا منجهان سندن شاعري هٿ ڪري شايع ڪرائي. انهن بيتن جو تعدا 112 آهي. ان کان اڳ ڊاڪٽر دائود پوٽي شاهه ڪريم بلڙي واري جي مفلوظات کان ست بيت ڳولهي لڌا هئا. اهي ست بيت سنڌي ٻوليءَ سان گڏ اسان جي ادب جو بنيادي ۽ اهم سرمايو آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو ته:

” قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شاعر آهي. جنهن جو وڏي مقدار ۾ باسند لکيل، ڪلام اسان کي ملي سگهيو آهي. هيسيتائين هن جا فقط ست بيت موجود هئا، جيڪي علامه ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽي جي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان اصلي ماخذن مطابق ڪافي صحيح صورت ۾ علم ادب ۾ چاهه رکندڙن جي ڌيان تي آيا هئا. تازوئي هرياڻ مان، مليل سندس 112 بيتن کي ملائي سندس بيتن جو ڪل تعداد وڌي 117ٿيو آهي. “[2]

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جي تصور جا ڪيترائي بيت ملن ٿا جن ۾ صوفي فڪر به موجود آهي ته انسان شناسيءَ جو تصور به ملي ٿو مثال طور:

”جي سالورو سڌ لهي، ڪنولان سندي ڪاءِ
تو پيو پاتال ۾، هوند نه متي ڪاءِ. ص.“[3]

هن بيت ۾ سالورو اهڙي انسان جي علامت آهي، جيڪو جهالت، اخلاقي غفلت ۽ روحاني بي خبريءَ ۾ زندگي گذاري ٿو. قاضي قادن جو تنقيدي رويو هتي انسان جي ان حالت ڏانهن آهي، جتي هو پنهنجي اصل انساني قدر کان بي خبر رهي ٿو. جيڪڏهن اهو انسان پنهنجي ”سُڌ“ يعني شعور، سڃاڻپ ۽ اخلاقي ذميواريءَ کي سمجهي وٺي ته هو ڪنول جيان پاڪيزه ٿي سگهي ٿو. صوفي شاعريءَ ۾ ڪنول جو گل هڪ اهم علامت آهي، جيڪا انسان دوستيءَ جي اعليٰ ترين شڪل کي ظاهر ڪري ٿي. ڪنول گدلي پاڻيءَ ۾ ڄمڻ باوجود

پاڻ کي صاف رکي ٿو. ساڳيءَ طرح قاضي قادن انسان کي اهو سبق ڏئي ٿو تہ سماجي پستي، غربت، جبر يا محروميءَ جي باوجود انسان پنهنجي انسانيت کي زنده رکي سگهي ٿو. هي خيال جديد انساني فلسفي (Humanism) سان گهرو تعلق رکي ٿو جتي انسان جي قدر کي حالتن کان مٿانهون سمجهيو ويجي ٿو. پاتال جي معنيٰ هتي صرف روحاني هيناهين نہ، پر سماجي، اخلاقي ۽ فڪري زوال جي علامت پڻ آهي. قاضي قادن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ انسان جڏهن پنهنجي اصل انسانيت وساري ٿو تہ هو ذلت ۽ بي قدريءَ جي مٿي ڪائي ٿو پر جيڪڏهن انسان کي پنهنجي قدر جي سُڌ (خبر) اچي وڃي تہ هو بدترين حالتن ۾ بہ عزت، وقار ۽ اخلاق سان جِي سگهي ٿو. هي نقطو قاضي قادن جي انسان دوستي جي فڪر کي واضح ڪري ٿو. ڏٺو وڃي تہ قاضي قادن جي انسان دوستي پنهنجي دور جو هڪ عالم ۽ فاضل هو. جنهن فرديت ۽ اجتماعيت جي وچ ۾ توازن پيدا ڪيو. هو نہ صرف فرد کي سنوارڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو پر سماج جي اخلاقي اصلاح جو بنياد بہ فرد جي شعور کي ٻڌائي ٿو. انسان جي عظمت ڪنهن نسل، طبقي يا مذهب سان نہ پر سندس اخلاقي عمل، همدردي ۽ شعور سان وابستہ آهي. هي تصور قاضي قادن کي رڳو صوفي شاعر نہ پر سماجي مفڪر ۽ رهبر طور پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو تہ:

”قاضي قادن عالم ۽ فاضل شخص هو. هو پنهنجي دور ۾ عام ماڻهن جي ظاهري عبادتن ۽ ظاهري علمن کي ڪا وڏي اهميت نہ ٿو ڏي بلڪ فڪر جي گهرائي،سوچ ويچار ۽ پاڻ سڃاڻڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو.هن جو خيال هو تہ ماڻهو جيستائين هن سنسار جي سچائي کي نہ ٿو سڃاڻي تيستائين ڏيڏر وانگر تلاءُ ۾ ليٽڙيون پائي مِٽي وينو ڪائي.“ (4)

”واحد هنڌين دائرين، هيڪڙو ميئي،
جنهين جان جدا ڪِي، پسندا سيئي.“(5)

هي بيت بظاهر تہ واحد جي وحدانيت واري فلسفي سان لاڳاپو رکي ٿو پر هن ڌرتيءَ تي رب ڪائنات انسان کي پنهنجو وصفون ڏئي، پنهنجو نائب ڪري موڪليو جيئن اهي وصفون پاڻ ۾ پيدا ڪري ڌرتيءَ تي رهندڙ مخلوق سان همدردي وارو ورتاءُ ڪريون، انهن صفتن ۾ انسان دوستي آهي. انسان

جيسيتائين انسان شناسي ۾ انسان ڀلائيءَ جي انهيءَ وصف کي پنهنجي فڪري خيالن ۾ نہ آڻيندو، تيستائين انسان اڌورو هوندو. ڇا ڪاڻ جو انسان ڌرتيءَ جو سماجي حيوان آهي، يعني سمجهہ، شعور ۾ طاقت وارو آهي. انهي عقل ۾ شعور جي ڪري هن فطرت جي هر ايندڙ خطري سان مهاڏو اٽڪائي، پنهنجو ۽ پنهنجي سماج جو دفاع ڪندڙ رهيو آهي، اهو دفاع اندروني (روحاني) هجي يا بيروني هجي. روحاني ڪيفيتن جي ڪري انسان جي اندر ۾ جيڪي رحم وڪرم ۽ همدري جا جذبا پيدا ٿيندا آهن، جن کي هو استعمال ڪري هن ڪائنات کي خوب تر بنائڻ جي لاءِ جتن ڪندو رهي ٿو. ظاهري طور تي جيڪي صوفياءِ ڪرام شاعر تخليق ڪندو آهي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن علامت جو سهارو وٺي پنهنجي سماج سان مخاطب ٿيندو آهي. جيئن هن بيت ۾ قاضي قادن مخاطب ٿيو آهي. هن بيت ۾ خدا جي علامت انسان جون اهي صفتون آهن، جيڪي هن کي ڌرتيءَ تي خدا بڻائن ٿا. اهڙي ئي فڪر جو هڪ شعر سچل سرمست جو ڏجي ٿو جنهن ۾ ڌرتيءَ تي پاڻ کي ٻي جو ٻانهون ٿي نہ هل، تون پاڻ ۾ اهي حاڪميت واريون صفتون پيدا ڪر.

"پاڻ پهنجو پاڻهي، صورت منجه سڃاڻ.[6]

دنيا ۾ اهڙا ڪم ڪجن، جيڪي انسان جي ڀلائي، نيڪي ۽ خير وارا هجن، جنهن مان انسان ذات کي سک ملي، نہ کي وري اهڙا ڪم ڪجن، جو انسان جي لاءِ تڪليف جو سبب بڻجن. پاڻ سڃاڻڻ واري فلسفي جي اوٽ وٺي صوفياءِ ڪرام انسان دوستي ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو.

مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو تہ:

"دنيا ۾ سمورن جهڳڙن ۽ اختلافن جو هڪ وڏو سبب، حقيقت جي هيڪڙائي، نالن ۽ اصطلاحن جي گهڻائي آهي." [7]

قاضي قادن جي ڪلام مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ انسان جي روحاني ترقي تڏهن تڪميل تي پهچي ٿي، جڏهن هو ٻين انسانن لاءِ بہ ڀلو سوچي. اهو تصور انسان دوستيءَ جي اعليٰ درجي کي ظاهر ڪري ٿو جتي ذاتي پاڪيزگي سماجي اخلاق سان ڳنڍيل آهي. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ عاجزي کي وڏي اهميت حاصل آهي. هو غرور ۽ خودپسنديءَ کي انسانيت جي راهہ ۾ رڪاوٽ سمجهي ٿو. سندس بيتن ۾ بار بار اهو خيال اچي ٿو تہ، جيڪو ماڻهو پاڻ کي وڏو

سمجهي ٿو اهو ٻين کي گهٽ سمجهڻ لڳي ٿو ۽ اهڙي روش انسان دوستيءَ جي ابتڙ آهي.

"ڦرين پاڻ ڦرڪُ، ڦرين ڦرڪِڻُ ساڪڙا،
در ڀِي سوئي رَک، جتان ڏکا نہ لهين."[8]

رب ڪريم انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏئي، ڪري خلقيو الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ چوي ٿو تہ:

"لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ"

"تہ بيشڪ اسان انسان کي تمام سهڻي انداز سان (۽ بهترين صلاحيتن سان) پيدا ڪيو آهي."[9]

انسان کي سهڻو ۽ سٺن اخلاقن وارو ڪري پيدا ڪيو ويوآهي، تنهن ڪري انسان پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي، حق سچ جي واٽ تي هلي، سچائي جي واٽ تي نظر ڦيرائيندو تہ رب جي ذات کيس، پنهنجي اندر ۾ نظر ايندو. رب ڪريم جو فرمان آهي تہ، مان انسان کي، شهہ رڳ کان وڌيڪ ويجهو آهيان. جيڪي انسان ڪائنات ۾ مايا جي ڄار ۾ ڦاسي پنهنجي مقصد تان هٽي وڃي ٿو انهن کي ڪڏهن بہ اها منزل نہ ملندي، جيڪي هو چاهي ٿو. منزل بہ اهي انسان ماڻين ٿا، جن جي من ۾ محبوب جي سڪ ۽ انسانيت جو درد هجي. باقي جن کي سچ ۽ ڪوڙ جي پرک ئي ناهي، اهي هميشه ڀٽڪندا ئي رهندا آهن. محبوب جي ذات کان ۽ منزل کان ڪوهين ڏورهوندا آهن. ڊاڪٽر بشير احمد " شاد " لکي ٿو تہ:

" جيڪڏهن سچ ۽ ڪوڙ جي پرک نہ رهندي تہ پوءِ منزل تي پهچي بہ منزل کان دور رهبو محبوب حق آهي ۽ حق محبوب، محبوب سان گستاخي ڪرڻ جو مطلب آهي، محبوب جي ناقدري ڪرڻ ۽ بي قدر انسان کان حق پري ڀڄندو آهي."[10]

"ڦرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سو لهي،
مَنَ اندر مُهُہ پاءِ، تو ئي اندر سُپرين."[11]

جيڪو انسان پنهنجي عظمت کي سڃاڻي ٿو سوئي سيني کي سڃاڻي ٿو. هن بيت جو مفهوم اهو آهي تہ خودشناسي انسان کي عاجزي سيکاري ٿي، عاجزي ۽ انڪساري انسان کي ٻين جو همدرد بڻائي ٿو. جڏهن انسان پنهنجي

اندر جي احساسن ۽ جذبن کي سمجهي ٿو تڏهن هو ٻين جي احساسن کي بہ سمجهي سگهي ٿو. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ محبت هڪ وسيع انساني قدر طور سامهون اچي ٿي. اها محبت صرف انفرادي نہ سموري انسانيت لاءِ آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو تہ:

”انسان دوستي جي اصطلاح جو مطلب آهي، انسانن جي ڀلائي. هر اهو ماڻهو انسان دوست آهي، جيڪو ماڻهن سان محبت ڪري ٿو ۽ انهن جا ڏک دور ڪري ٿو.[12]

انسان دوستي اها آهي، جو ماڻهو جي دل ۾ همدردي ۽ پيار جي جذبي کي اجاگر ڪري، انسانيت سان محبت ۽ نيڪي ڪرڻ جو درس سيکاري. دل مان ڪينو حسد ۽ نفرت کي ختم ڪري. هڪ پيار محبت وارو معاشرو اڏي، جنهن ۾ هر انسان کي برابري جا حقوق ملي سگهن.

”ستو هوس ننڊ ۾، جوڳي جاڳايوس،
مَرُ وڃايائين مون مَنان، تت ويکايوس“[13]

قاضي قادن هن بيت ۾ انسان جي غفلت، شعوري بيداري ۽ انساني ڀلائيءَ جي فڪر کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ننڊ، هتي رڳو جسماني آرام نہ پر ذهني، اخلاقي ۽ سماجي بي خبريءَ جي علامت آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجون ذميواريون وساري ويهي رهي ٿو. شاعر پاڻ کي اهڙي حالت ۾ ڏيکاري ٿو جتي هو سماج جي درد ۽ انسانيت جي گهرج کان لاتعلق هو. هتي ”جوڳي“ رڳو صوفي يا روحاني شخصيت ناهي پر اهو انسان دوست شعور آهي، جيڪو ٻين کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جوڳي جو جاڳائڻ انسانيت جي سڏ وانگر آهي، جيڪو انسان کي پنهنجي پاڻ سان گڏ ٻين انسانن جي تڪليف ڏانهن متوجہ ڪري ٿو. ڊاڪٽر انور پرديسي لکي ٿو تہ:

”هر صوفي شاعر انسان جي عظمت کي ڄاتو ۽ ان جي لاءِ ڇوٽڪاري جي راهہ متعين ڪئي هئي.[14]

هن بيت ۾ انسان دوستي جي تصور جي فڪر بابت آهي. جتي هڪ سجاڳ انسان ٻئي انسان کي بہ جاڳائڻ (شعوري فڪر) جو ذميوار سمجهي ٿو. ٻئي مصرعي ۾ ”مَرُ وڃايائين مون مَنان“ مان مراد اها آهي تہ انسان جي اندر جو خوف، خود غرضي ۽ نفساني خواهشون ختم ٿي ڪري، ان جي ضمير کي

جاڳائين. قاضي قادن انسان دوستيءَ کي خوديءَ انا جي قربانيءَ سان جوڙي ٿو، جو ته جيستائين انسان پنهنجي ذاتي مفاد کان مٿانهون ٿو نه سوچيندو، تيستائين هو ٻين لاءِ فائديمند نٿو بڻجي سگهي. ان لاءِ سچائي جي واٽ وٺي ڪري،جيڪو انسان حقيقت جي واٽ انسان سمجهي، ٻين جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو ته اها ئي حق سچ واري واٽ انسان دوستي ۽ انسان ڀلائي جو بنيادي نقطو آهي. قاضي قادن جي نظر ۾ سچائي اها بيداري آهي، جيڪا انسان کي سماجي بي حسيءَ مان ڪڍي انساني همدرديءَ ڏانهن وٺي اچي. دل جي پاڪيزگيءَ سان گڏو گڏ انسانيت واري خدمت ۽ اصلاح تي زور ڏنو ويو آهي. دل صاف ڪرڻ جو مطلب آهي ٻين لاءِ بڇڙا جذبا نه رکڻ. چاڪاڻ ته نفرت کان پاڪ دل ئي سماج ۾ امن ۽ محبت پيدا ڪري سگهي ٿي. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ انسانن جي وچ ۾ برابريءَ جو تصور پڻ ملي ٿو. هو ظاهري حيثيت، دولت يا طاقت کي انساني عظمت جو معيار نه ٿو سمجهي. سندس فڪر موجب سڀ انسان اخلاقي لحاظ کان برابر آهن ۽ ڪنهن کي به ٻين تي برتري حاصل ناهي. انسانن کي هڪ ئي ساهه، يعني هڪ ئي زندگيءَ سان ڳنڍيل قرار ڏئي ٿو. اهو تصور سماجي انصاف ۽ انسان دوستيءَ جي اعليٰ درجي جي معراج تي پهچائي ٿو. جتي هر انسان جي عزت برابر آهي. قاضي قادن انسان کي نفساني خواهشن کان مٿانهون ٿيڻ جو درس ڏئي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ اهو خيال ملي ٿو ته جيڪو ماڻهو صرف پنهنجي خواهشن جو غلام آهي، اهو سماج لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو. انسان دوستي تڏهن جنم وٺي ٿي، جڏهن انسان پنهنجي ذات کان اڳتي سوچي.

”ڪاگد ڪالي اکرين،مون سان مون سيڻين،
گهوري ڪٽي وڃائيان، وي مندي نيڻين.[15]

قاضي قادن هن بيت ۾ انسان جي اندروني تڪليف، سماجي اڪيلائي ۽ انساني رشتن جي ٽٽڻ کي انتهائي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ”ڪاگد ڪالي اکرين“ هتي انهن لکيل قاعدن، حڪمن ۽ روايتن جي علامت آهن، جيڪي انسان کي ظاهري طور ته علم ڏين ٿا، پر عملي زندگيءَ ۾ سندس درد گهٽائڻ بدران وڌيڪ اڪيلو ڪري ڇڏين ٿا. هي تصور ترقي پسند فڪر سان جڙيل آهي، جتي ڪتابي علم کي انساني احساس کان الڳ سمجهيو وڃي ٿو.

مون سان مون سيٽين" مان مراد اها حالت آهي، جتي انسان سماج ۾ رهندي به پاڻ سان ئي اڪيلو رهي ٿو. ترقي پسند تنقيد موجب هي اڪيلائي سماجي ناانصافي، طبقاتي فرق ۽ انسانن وچ ۾ وڌندڙ بي حسيءَ جو نتيجو آهي. قاضي قادن هتي ان سماج تي اڻ سڌي تنقيد ڪري ٿو جيڪو انسان کي گڏ رکڻ بدران ذهني طور الڳ ڪري ڇڏي ٿو. ٻئي مصرعي ۾"گهوري ڪٽي وڃائيان" قربانيءَ جو استعارو آهي. شاعر چوي ٿو ته هو پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي پر "وي مندي نيٽين" يعني ڪمزور، اڻپوري ڏسڻ سان. هي ڪمزور نظر سماج جي ان حالت ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جتي انسان ظلم، ڏک ۽ ناانصافي ڏسندي به صحيح رخ چونڊي نٿو سگهي. ترقي پسند سوچ مطابق اهڙي سماج ۾ انسان دوستي صرف احساس نه پر شعوري جدوجهد جو تقاضو ڪري ٿي.

انسان دوستيءَ کي فرد جي ذاتي درد کان ڪڍي سماجي سطح تي ڪٺي اچي ٿو. قاضي قادن انسان کي قرباني ڏيڻ جي خواهش سان گڏ شعوري ڏسڻ (Critical Vision)جي ضرورت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. بغير شعور جي قرباني ضايع ٿي وڃي ٿي ۽ انسان دوستي رڳو جذبن تائين محدود رهي ٿي. ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

" ڏکوپل انسان لاءِ هيءَ ڌرتي تپي باهه ٿي وڃي ٿي.تڏهن دل مان موت جو خوف ڪڍي،جيئڻ جي آس کي تياڳي پنهنجي مقصد ۽ منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پوي ٿو."[16]

وچاران وي پَٽَ، تون جهل ٻاهر نڪري،
اسان هنجئون هَٽَ، ڪامئن، لُوسئن منجهه ٿيو. [17]

قاضي قادن هن بيت ۾ انسان کي اهڙي سماجي ۽ وجودي حالت ۾ پيش ڪري ٿو جتي هو باهه، دٻاءُ ۽ جبر جي وچ ۾ ڦاٿل آهي. "پَٽَ" هتي صرف باهه يا پٽڙي ناهي، پر اهو سماجي نظام آهي، جيڪو انسان کي غربت،نا انصافي، طاقت جي غلط استعمال ۽ اخلاقي بي حسي جي پٽي ۾ ساڙي ٿو. شاعر جو چوڻ آهي ته تون ان باهه مان "جهل ٻاهر نڪري"، يعني رڳو پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش نه ڪر، پر حالتن کي سمجهي، شعوري قدم کڻ. "وچاران" مان مراد سوچ ويچار، فڪرڪرڻ آهي. قاضي قادن انسان دوستيءَ کي جذباتي رحم

تائين محدود نہ ٿو ڪري، بلڪ ان کي فڪري ذميواري بڻائي ٿو. انسان کي گهرجي تہ هو حالتن تي ويچار ڪري، ڇاڪاڻ تہ بغير غور وفڪر جي نڪرڻ رڳو حالات کان فراريت آهي. نجات ناهي. هتي انسان دوستي شعوري چونڊ بڻجي ٿي، نہ اتفاقي احساس. ٻئي مصرعي ۾ "اسان هنجئون هٺ" گڏيل تڪليف جو استعارو آهي. شاعر پاڻ کي ٻين کان الڳ نٿو ڪري، هو "اسان" چوي ٿو. جيڪو انسان دوستيءَ جو بنيادي اصول آهي. "ڪامئن، لوسئن منجهہ ٿيو" مان ظاهر ٿئي ٿو تہ انسان جي تڪليف صرف ظاهري نہ، پر اندروني بہ آهي، هو ساڙجڻ سان گڏ ڳري بہ ٿو. ڊاڪٽر قدير ڪاندڙو لکي ٿو تہ:

"انسان دوستي هڪ اهڙو ماڻهپي سان ڀريل جذبو آهي، جنهن ۾ انسان جي اهنجن، تڪليفن، ڏکن، ڏولاون ۽ الڪن کي ختم ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا ويندا آهن. (18)

قاضي قادن انساني درد کي اجتماعي بڻائي ٿو. جيڪو جديد انسان دوست فلسفي سان گهري هم آهنگي رکي ٿو. نرالي ڳالهہ اها آهي تہ شاعر رڳو ظلم جي شڪايت نٿو ڪري، پر انسان کي اخلاقي ذميواريءَ ڏانهن سڏي ٿو. جيڪڏهن هڪ انسان باهہ مان نڪري وڃي ۽ ٻيا اندر ساڙجندا رهن، تہ اها نجات اڌوري آهي. سچي انسان دوستي تڏهن وجود ۾ اچي ٿي، جڏهن انسان پاڻ بچڻ سان گڏ ٻين کي بہ ساڙيندڙ حالتن مان ڪڍڻ جو سوچي.

"عِلَتَ وڃيئيس نا، عادت ڪڏهن نہ جاءِ،
اُٺُ ڪٽڪئہ ڇڏيئہ، چڻ جواسا کاءِ." (19)

قاضي قادن هن بيت ۾ انسان جي اخلاقي ڪمزوري ۽ سماجي سچائيءَ کي انتهائي سادي، پر گهري مثال سان بيان ڪري ٿو. "عِلَتَ" ۽ "عادت" جي وچ ۾ فرق بابت چئي ٿو ته . عِلَتَ يعني عارضي بيماري يا مجبوري، جيڪا وقت سان ختم ٿي سگهي ٿي، پر عادت انسان جي شخصيت ۾ رچي وڃي ٿي. قاضي قادن انسان دوستيءَ جي حوالي سان اهو پيغام ڏئي ٿو تہ سماجي برائيون رڳو حالتن جو نتيجو ناهن، بلڪ اهي انسان جي مستقل روين مان پيدا ٿين ٿيون. "اُٺُ ڪٽڪئہ ڇڏيئہ، چڻ جواسا کاءِ " هڪ زبردست تمثيل آهي. اُٺ کي فطري طور ڪٽڪ پسند آهي، پر جيڪڏهن ان کي گهٽ درجي جي خوراڪ جي عادت پئجي وڃي تہ هو ڪٽڪ ڇڏي چڻ کائڻ لڳي ٿو. شاعر هن مثال

وسيلي بڻائي ٿو تہ جڏهن انسان اعليٰ اخلاقي قدر ڇڏي، معمولي يا غير ضروري عادتن کي اختيار ڪري ٿو تہ پوءِ سندس اها حالت ان سان گڏ سموري سماج لاءِ هاڃيڪار بڻجي وڃي ٿو .انسان دوستيءَ جو تصور اخلاقي ذميواريءَ سان جڙيل آهي. قاضي قادن انسان کي نصيحت ڪري ٿو تہ هو پنهنجين عادتن تي نظر رکي، ڇوتہ سماجي ظلم، بي حسي ۽ ناانصافي ڪنهن هڪ لمحي جي غلطي نہ پر بار بار ورجائجندڙ روين جو نتيجو هوندي آهي. انسان دوست سماج تڏهن وجود ۾ اچي ٿو، جڏهن فرد پنهنجي عادت کي سنواري ٿو. هي بيت انسان دوستيءَ کي جذباتي همدرديءَ بدران عملي اصلاح سان ڳنڍي ٿو. شاعر جي نظر ۾ انسان جي اصل خدمت اها آهي تہ هو پاڻ کي اخلاقي طور بهتر بڻائي، ڇاڪاڻتہ فرد جي اصلاح کان سواءِ سماج جي اصلاح ممڪن ناهي.

**نتيجو:**

هن تجزيي مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي ڪو اتفاقي عنصر نہ پر هڪ منظم فڪري نظام آهي. عاجزي، محبت، همدردي، برابري، رواداري ۽ سماجي ذميواري سندس شاعريءَ جا بنيادي موضوع آهن. اهي سڀ عنصر گڏجي قاضي قادن کي سنڌي ادب جو هڪ اهم انسان دوست شاعر ثابت ڪن ٿا. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ رواداري هڪ اهم قدر طور سامهون اچي ٿي. هو اختلافن کي فطري سمجهي ٿو ۽ ماڻهن کي سيکاري ٿو تہ اختلاف جي باوجود احترام قائم رکيو وڃي. سندس فڪر موجب جهيڙو، نفرت ۽ انتقام سماج کي ڪمزور ڪن ٿا. قاضي قادن جي شاعري سماجي هم آهنگيءَ جو پيغام ڏئي ٿي. هو فرد کي سماج کان الڳ نٿو ڏسي، پر سماج جو ذميوار حصو سمجهي ٿو. سندس ڪلام مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ جيڪڏهن فرد سٺو هوندو تہ سماج پاڻمرادو سڌري ويندو. هو انسان کي پاڻ سڌارڻ، اخلاق سنوارڻ ۽ ٻين لاءِ ڀلو سوچڻ جو درس ڏئي ٿو. اهو فڪر انساني تاريخ ۾ انسان دوستيءَ جي بنيادي تحريڪن سان هم آهنگ نظر اچي ٿو.

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور سنڌي ادب جي ڪلاسيڪل روايت کي هڪ مضبوط اخلاقي بنياد فراهم ڪري ٿو. هن بعد ۾ ايندڙ شاعرن لاءِ فڪري راهہ هموار ڪئي، جن انسانيت، محبت ۽ سماجي ڀلائيءَ کي پنهنجي شاعريءَ جو مرڪز بڻايو. قاضي قادن جي اهميت ان ڳالهہ ۾

آهي تہ هن سنڌي شاعريءَ کي رڱو فني اظهار نہ پر انساني قدرن جو ذريعو بڻايو. سندس ڪلام مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌي ادب جي شروعاتي دور کان ئي انسان دوستي هڪ اهم موضوع رهي آهي.

**حوالا:**


1. ٽڪر،هيرو قاضي قادن جو ڪلام، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2020ع، (ص، 70)
2. حوالو ساڳيو (ص، 69)
3. ساڳيو حوالو (ص، 87)
4. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر."سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" حيدرآباد: سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، 2017ع، (ص،80)
5. ٽڪر،هيرو قاضي قادن جو ڪلام، روشني پبليڪيشن، 2020ع، (ص، 89)
6. صوفي،غلام نبي گل حسن. آغا. "سچل سرمست " ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2015ع، (ص،210)
7. آزاد،ابوالڪلام،مولانا،( سنڌيڪار، عبدالرزاق ڊکڻ)."صدين جون صدائون" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 2002ع، (ص، 15)
8. ٽڪر،هيرو قاضي قادن جو ڪلام، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2020ع، (ص، 91)
9. ابڙو علي خان، علامه. "ائين چيو الله". سورة التّين آيت 4 ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
10. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر. "پلارو پٽ ڏٽي" مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور 2011ع،(ص،92)
11. ٽڪر،هيرو،" قاضي قادن جو ڪلام " روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو2020ع، (ص، 92)
12. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر. مقالو "مبين شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور" ڪارونجهر(تحقيقي جرنل) شمارو وفاقي اردو يونيورسٽي، سنڌي شعبو. ڪراچي (ص، 31)
13. ٽڪر،هيرو قاضي قادن جو ڪلام، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2020ع، (ص . 92)
14. پرديسي، انور، ڊاڪٽر. مقالو: "قادر بخش بيدل ۾ انسان دوستيءَ جو تصور" ڪارونجهر (تحقيقي جرنل)شمارو، وفاقي اردو يونيورسٽي، سنڌي شعبو. ڪراچي،2025ع، (ص، 23)
15. ٽڪر،هيرو،" قاضي قادن جو ڪلام " روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2020ع، (ص، 94)
16. حسين،فهميده،ڊاڪٽر." اديون آءٌ اڄاڻ" حڪومت سنڌ، ثقافت کاتو2012ع، (ص،24.)
17. ٽڪر،هيرو قاضي قادن جو ڪلام، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2020ع، (ص 96.)
18. ڪانڌڙو قدير احمد، ڊاڪٽر. مقالو "خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور" ڪارونجهر (تحقيقي جرنل) شمارو، وفاقي اردو يونيورسٽي، سنڌي شعبو. ڪراچي، 2025ع، (ص، 103)
19. ٽڪر، هيرو قاضي قادن جو ڪلام، روشني پبليڪيشن، 2020ع، (ص 100)

# جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورتازاد جو تصور: هڪ تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

# Feminism in Modern Sindhi Short stories: Research and Critical Analysis

منزه نظير

**Abstract**

The concept of feminism in Sindhi short stories involves the representation and exploration of feminist ideas, themes, and perspectives within literary works. These stories question and challenge traditional gender roles, bring attention to women's lived experiences, critique patriarchal structures, and promote the idea of gender equality. Feminist fiction emphasizes values such as autonomy, empowerment, and equal rights. It aims to expose gender-based discrimination, portray strong and multidimensional female characters, and challenge conventional narratives that sustain patriarchal norms.

Contemporary Sindhi short stories engage with a variety of themes, among which feminism occupies a central position. Notable female writers such as Khairul Nisa Jafri, Badam Natawan, Mahtab Mehboob, Zareena Baloch, Shabnam Gul, Seema Abro, Noorul Huda Shah, Shabana Sindhi, and Tanveer Junejo have given particular attention to women's issues. Their writings vividly depict the social, economic, and psychological challenges faced by ordinary women in society.

This research paper aims to examine the multiple dimensions of these short stories, with a special focus on the issues, struggles, and lived realities of common women.

دنيا جي اڌ آبادي عورتن تي مشتمل آهي، مختلف معاشرن ۾ عورتن کي مختلف انداز سان ڏٺو ويجي ٿو. ڪٿي عورت کي گهر جي برڪت ته ڪٿي وري سندس خودمختياريءَ کي خراب سمجهيو ويجي ٿو. ڪنهن معاشري ۾ عورت کي سماج جي سونهن تصور ڪيو ويجي ٿو ته ڪٿي وري ڪيس برابر جي حيثيت نه ٿي ڏني ويجي. عورتن جي حقن بابت ڳالهائڻ کي سنڌيءَ ۾ "عورتازاد"،

انگريزيءَ ۾ "Feminism" ۽ اردوءَ ۾ "تانيثيت" چيو ويجي ٿو. سماج، خاندان، يا ڪم واري هنڌ تي عورت سان ٿيندڙ هر قسم جي استحصال بابت شعور پيدا ڪرڻ ۽ ان صورتحال کي تبديل ڪرڻ لاءِ مردن ۽ عورتن پاران ڪيل گڏيل ڪوشش کي فيمينزم چيو ويجي ٿو.

"Feminism, which is the conviction in the equal standing of women in society economically, socially, and politically. Feminism, despite its origins from the Western world, can be seen globally and is embodied through different organizations that are engaged in working for women." (1)

عورتازاد جو تصور دنيا ۾ عورت جي سماجي، معاشي ۽ سياسي برابريءَ تي اعتبار ڪري ٿو. جنهن تحت دنيا جي هر ميدان ۾ مرد ۽ عورت جي برابري تي يقين رکي ٿو. اها حقيقت آهي ته عورت قدرت جي انتهائي خوبصورت تخليق آهي، جنهن کان سواءِ ڪائنات جو نظام نامڪمل آهي. دنيا جو ڪاروهنوار مرد ۽ عورت جي گڏيل ڪوشش سان ئي هلي ٿو. جتي مرد زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ روزگار يا ڪاروبار ۾ مصروف رهي ٿو اتي عورت ٻارن جي پرورش سان گڏ گهر جي ذميوارين کي نڀائيندي، ڪڏهن مرد جي ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائيندي ۽ شهري توڙي نيم شهري سماج ۾ ملازمت به ڪندي نظر اچي ٿي. ان سان گڏ هوءَ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي به گهڻي توجهه ڏئي ٿي. ڪنهن به سماج جي ترقي ۽ بهتري عورت جي مثبت ڪردار کان سواءِ ممڪن ناهي، تنهن ڪري عورت کي ادب ۽ سماجيات ٻنهي ۾ اهميت سان بحث هيٺ آندو ويو آهي.

دنيا ۾ عورتن جي ڪردار ۽ انهن جي ڪاوشن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته زندگيءَ جي هر ميدان ۾ عورت پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور استعمال ڪندي نمايان ڪردار ادا ڪري ٿي. "هن وقت دنيا ۾ مردن جي ڪل آبادي لڳ ڀڳ سوا 4 ارب آهي، جڏهن ته لڳ ڀڳ 4 ارب 13 ڪروڙ عورتون آهن. يعني دنيا جي لڳ ڀڳ 49.74 سيڪڙو آبادي عورتن تي ٻڌل آهي.

"As of 2026, there are 4,171,512,568, or 4,172 million, or 4.17 billion, males in the world, representing 50.26% of the world population. The population of females in the world is estimated at

4,129,165,828, or 4,129 million, or 4.13 billion, representing 49.74% of the world population."[(2)]

دنيا جي هن وڏي حصي يعني عورتن جي حقن جي حمايت ڪندڙ نظريي کي فيمينزم چيو وڃي ٿو جيڪو سماجي، معاشي ۽ سياسي برابريءَ جو مطالبو ڪري ٿو.

"فيمينزم، جنس جي سماجي، معاشي ۽ سياسي برابريءَ ۾ يقين جو نالو آهي. انهيءَ تحريڪ جا بنياد، وڏي پئماني تي اولهہ ۾ پيدا ٿيندڙ آهن. پر تنهن هوندي بہ فيمينزم سڄي دنيا ۾ پکڙي ۽ قبولي وئي آهي ۽ مختلف ادارن پاران ان جي نمائندگي ڪئي وئي آهي. اهي ادارا عورتن جي حقن ۽ مفادن جي حوالي سان سرگرميون ڪندا آهن." [(3)]

عورت سماج جي هڪ اهم ڀاڱيوار آهي، جيڪا زندگيءَ جي هر شعبي ۾ مرد سان گڏ بيٺل نظر اچي ٿي. هن ٿيسز ۾ عورتن جي مختلف سماجي مسئلن- جهڙوڪ ٻي شادي ڪندڙ عورت، طلاق يافتہ عورت، بي اولاد عورت، مڙس سان خيالن جي اختلاف سبب متاثر ٿيندڙ عورت ۽ بي جوڙ شادي جو شڪار عورت- جي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي اجاگر ڪيو ويندو. ان حوالي سان هن تحقيق کي اهم سماجي حيثيت حاصل آهي.

يعني فيمينزم هڪ وسيع، گهڻ رخي ۽ ارتقائي تحريڪ آهي، جيڪا عورتن جي سماجي، معاشي ۽ سياسي برابريءَ لاءِ جدوجهد ڪري ٿي. هن جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ عورتن کي هر شعبي ۾ مردن جي برابر حق، موقعا ۽ عزت حاصل هجن. فيمينزم صرف هڪ نظريو نہ، پر هڪ عملي تحريڪ بہ آهي، جيڪا سماج ۾ موجود ناانصافين، امتيازن ۽ جبر خلاف آواز اٿاري ٿي. تاريخي طور تي، دنيا جي گهڻن معاشرن ۾ عورتن کي گهٽ حيثيت ڏني وئي. کين تعليم، ملڪيت، روزگار ۽ سياسي عملن ۾ شرڪت جا مڪمل حق حاصل نہ هئا. مثال طور، ڪيترن ئي ملڪن ۾ عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق بہ نہ هو. اهڙي صورتحال ۾ فيمينزم هڪ رد عمل طور اُڀريو جنهن جو مقصد عورتن کي انهن بنيادي حقن تائين رسائي ڏيڻو هو. اولهہ ۾ 19هين ۽ 20هين صدي دوران عورتن جي حقن لاءِ وڏي پيماني تي تحريڪون هليون، جن جي نتيجي ۾ عورتن کي ووٽ جو حق، تعليم جا موقعا ۽ قانوني تحفظ مليو.

وقت سان گڏ، فيمينزم جا مختلف مرحلا يا "لهرون" سامهون آيون. پهرين لهر بنيادي حقن تي مرڪوز هئي، جيئن ووٽ ڏيڻ ۽ قانوني سڃاڻپ. ٻي لهر سماجي ۽ ثقافتي برابريءَ تي زور ڏنو جيئن روزگار، تعليم ۽ خانداني زندگي ۾ انصاف. ٽين لهر ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو ته عورتن جا مسئلا هڪجهڙا ناهن، بلڪ نسل، طبقي، مذهب ۽ ثقافت جي لحاظ سان مختلف ٿي سگهن ٿا. جديد دور ۾، فيمينزم وڌيڪ جامع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ هر قسم جي عورتن جي حقن ۽ سڃاڻپ کي اهميت ڏني وڃي ٿي.

فيمينزم جو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته اهو سماج ۾ موجود روايتي سوچن ۽ ڍانچن کي چئلينج ڪري ٿو. مثال طور، اها سوچ ته عورتن جو ڪم صرف گهر تائين محدود آهي يا مرد ئي معاشي ذميواريون نڀائيندا، فيمينزم اهڙين حد بندين کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هي تحريڪ چاهي ٿي ته هر فرد، چاهي عورت هجي يا مرد، پنهنجي صلاحيتن مطابق زندگي جا فيصلا آزاديءَ سان ڪري سگهي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ فيمينزم مختلف شڪلين ۾ موجود آهي. ڪجهه هنڌن تي عورتن لاءِ بنيادي تعليم ۽ صحت جون سهولتون اهم مسئلو آهن، جڏهن ته ٻين هنڌن تي روزگار ۾ برابري، اجرت ۾ فرق، ۽ قيادت ۾ نمائندگي جهڙا مسئلا نمايان آهن. ان ڪري فيمينزم هڪ عالمي تحريڪ هئڻ باوجود مقامي حالتن مطابق پنهنجو رخ اختيار ڪري ٿي. ان تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪيترائي ادارا، تنظيمون ۽ سرگرم ڪارڪن ڪم ڪن ٿا. اهي ادارا عورتن جي حقن بابت آگاهي پيدا ڪن ٿا، قانوني مدد فراهم ڪن ٿا، ۽ حڪومتن تي دٻاءُ وجهندا آهن ته هو انصاف تي ٻڌل پاليسيون ٺاهين. گڏوگڏ، تعليمي ادارا، ميڊيا ۽ سماجي پليٽفارمز به هن تحريڪ کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا .فيمينزم بابت ڪجهه غلط فهميون به موجود آهن، جيئن ته اهو مردن جي مخالفت ڪري ٿو. حقيقت ۾، فيمينزم جو مقصد ڪنهن هڪ جنس کي برتر بڻائڻ نه، پر برابري ۽ انصاف قائم ڪرڻ آهي. اهو مردن کي به انهن روايتي دٻائن کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيڪي کين مخصوص ڪردارن تائين محدود ڪن ٿا.

مطلب تہ فيمينزم هڪ اهڙو تصور، رويو يا تحريڪ آهي، جيڪا سماج ۾ انصاف، برابري ۽ انساني حقن جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري ٿي. اهو نہ رڳو عورتن جي بهتري لاءِ ضروري آهي، پر هڪ صحتمند، متوازن ۽ ترقي يافتہ سماج جي تعمير لاءِ بہ بنيادي حيثيت رکي ٿو.

فيمينزم يا عورتازاد جي ابتدا شيخ اياز لکيو آهي،

”عورتازاد جو بنياد تہ بي بي حوا رکيو هو. جڏهن حضرت آدم جي اجازت کان سواءِ ڪڻڪ جو داڻو کاڌو هئائين، معلوم نہ آهي تہ اها اندروني سوجهي عورت ۾ ايتري عرصي لاءِ ڳجهي ڇو رهي.“ (4)

سنڌي ادب ۾ عورت زاد جو تصور وڏي پئماني تي موجود آهي، ڪلاسيڪل شاعريءَ کان جديد شاعريءَ تائين، لوڪ ادب کان جديد ادب تائين اسان کي وڏي پئماني تي سنڌي ادب ۾ فيمينزم جو تصور ملي ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ عورت صرف محبت يا حسن جي علامت نہ، پر هڪ مضبوط، بهادر ۽ خودمختيار ڪردار طور سامهون اچي ٿي. هنن عورتن ۾ صبر ۽ برداشت ضرور موجود آهي، پر انهن جو اصل جوهر مزاحمت ۽ بغاوت آهي. اهي پنهنجي حالتن آڏو جهڪڻ بدران، انهن سان مقابلو ڪن ٿيون ۽ سماج جي ڏاڍ ۽ جبر کي للڪارين ٿيون. تنهن ڪري جيڪڏهن ”صبر ۽ برداشت“ بدران ”مزاحمت ۽ بغاوت“ جا لفظ استعمال ڪيا وڃن، تہ عورت جي حقيقي ڪردار جي وڌيڪ صحيح عڪاسي ٿئي ٿي.

محققن عام طور شاهہ لطيف جي شاعريءَ کي روحانيت، تصوف ۽ مذهب جي پسمنظر ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، خاص طور جڏهن عشق جو ذڪر اچي ٿو. پر هن متن ۾ اها ڳالهہ اجاگر ڪئي وئي آهي تہ عشق کي صرف روحاني معنيٰ تائين محدود ڪرڻ، ان جي انساني ۽ سماجي پهلوئن کي نظرانداز ڪرڻ آهي. حقيقت ۾، شاهہ جي سورمين جو عشق هڪ زنده، حقيقي ۽ مزاحمتي عمل آهي، جيڪو سماجي بندشن خلاف بيهڻ جي همت ڏئي ٿو.

سهڻيءَ جو ڪردار هن حوالي سان تمام اهم آهي. سهڻي صرف هڪ عاشق عورت نہ، پر هڪ اهڙي بهادر شخصيت آهي، جيڪا سماجي رسمن، رواجن ۽ پابندين خلاف بغاوت ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي مڙس، ڪٽنب ۽ سماج جي ناهيل اصولن کي قبول ڪرڻ بدران، پنهنجي دل جي سڏ تي هلڻ جو

فيصلو ڪري ٿي. سندس لاءِ عشق فقط جذبو نہ، پر پنھنجي وجود جي آزاديءَ جو اظھار آهي.

سھڻي جي راهہ ۾ جيڪي رڪاوٽون بيان ڪيون ويون آهن- جھڙوڪ اونداهي رات، طوفاني درياهہ، خطرناڪ جانور ۽ سماجي دٻاءُ- اهي سڀ علامتي طور ان جدوجھد کي ظاهر ڪن ٿيون، جيڪا هڪ عورت کي پنھنجي حقن لاءِ ڪرڻي پوي ٿي. ان جي مقابلي ۾، سھڻي اڪيلي بيٺي آهي، پر سندس سڀ کان وڏو هٿيار عشق ۽ ارادو آهي. هوءَ ڪنھن بہ خوف يا ڏکيائيءَ کان نہ ٿي گهبرائي، جيڪا سندس بيباڪي ۽ همت کي ظاهر ڪري ٿي.

ان کان علاوه، سھڻيءَ کي هڪ اهڙي عورت طور پيش ڪيو ويو آهي، جيڪا پنھنجي عقل، شعور ۽ مرضيءَ کي مڃي ٿي. هوءَ پنھنجي نفسياتي، ذهني ۽ جسماني خواهشن کي نہ ٿي لڪائي، بلڪ انھن کي قبول ڪري ٿي. اهو پھلو هن کي هڪ جديد ۽ خودمختيار عورت جي علامت بڻائي ٿو جيڪا صديون اڳ ئي پنھنجي حقن لاءِ آواز اٿاري رهي هئي.

جيڪڏهن سنڌي ناولن جو جائزو وٺجي، تہ اتي عورتن جا ڪردار گھڻو ڪري سماجي بندشن ۾ جڪڙيل نظر اچن ٿا. زينت، موهني ٻائي، گومتي وغيره جھڙا ڪردار اڪثر حالتن سان سمجھوتو ڪندي نظر اچن ٿا، ۽ کليل بغاوت گھٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بھرحال، ڪجھہ ڪردارن ۾ اندروني مزاحمت ضرور موجود آهي، جيڪا ظاهر ڪري ٿي تہ عورتن ۾ آزاديءَ جي خواهش هميشہ زنده رهي آهي، پلي اها مڪمل بغاوت جي صورت ۾ سامھون نہ آئي هجي.عورت جي ڪردار کي هڪ نئين زاويہ سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو ڏيکاري ٿو تہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت صرف صابر ۽ برداشت ڪندڙ نہ، پر مزاحمت ڪندڙ بغاوت ڪندڙ ۽ پنھنجي حقن لاءِ جدوجھد ڪندڙ آهي. ساڳي وقت، سنڌي ناولن ۾ عورت جي محدود حيثيت سان ڀيٽ ڪندي، اهو فرق بہ واضح ڪري ٿو تہ ادب ۾ عورت جي تصوير ڪيئن وقت سان گڏ بدلجندي رهي آهي.

مطلب تہ سنڌي شاعري هجي، ناول يا ڪھاڻي ان ۾ عورت جي درد ۽ آرزوءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. بادام ناتوان کان وٺي عطيہ دائود تائين لڳ ڀڳ سيني ليکڪائن ۽ شاعرائن عورتازاد جي بنيادي تصور تي لکيو آهي. عطيہ دائود جي شاعريءَ لاءِ شيخ اياز لکيو هو.

”عطيہ جي شاعريءَ معاشري جي انهيءَ هر قدر سان بغاوت آهي جا عورت ۾ ڪوئي احساس ڪمتري پيدا ڪري ٿي، ڇا نہ هن نظم لکيو آهي، پنهنجي ڌيءَ جي نانءِ! جڻ ڪوئي زلزلو سماج جي در و ديوار کي ڏانوانڊول ڪري رهيو آهي. اها سٽ آهي يا جهانسيءَ جي راڻيءَ جي تلوار آهي جا اخلاقي قدر تهس نهس ڪري رهي آهي: ”جي توکي ڪاري ڪري مارين، مري وڃجانءِ پر نينهن ضرور لائجانءِ،“ اها هڪ سٽ برِصغير جي پوريءَ عورتازاد جي شاعريءَ تي ڀاري آهي. هيءَ شاعري مارڪسي شاعريءَ جو پڙلاءِ نہ آهي،“[5]

ٻي پاسي ڪهاڻيڪارائن ۾ نورالهديٰ شاهہ اهڙي ڪهاڻيڪارا آهي، جنهن نہ رڳو وڏيرن ۽ مرشدن جي حويلين ۾ عورتن سان ٿيندڙ ڏاڍ کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو پر عام عورت جي درد، تڪليفن ۽ مسئلن کي بہ اجاگر ڪيو. بادام ناتوان، نورالهديٰ شاهہ، ماهتاب محبوب ۽ ٻين عورت ليکڪن پنهنجين ڪهاڻين ۾ عورتازاد جي تصور کي واضح ڪيو آهي.

عورتازاد جو بنيادي مقصد عورت جي آزاد حيثيت کي تسليم ڪرائڻ، سندس مسئلن، تڪليفن ۽ سماجي ڏوجهرن کي بحث هيٺ آڻڻ ۽ انهن جو حل ڳولڻ آهي. سنڌي ادب ۾ مختلف ليکڪن عورتن جي حقن کي اجاگر ڪندي عورتازاد جي بنيادي تصور کي وڏيڪ چٽو ڪيو آهي، جنهن سان عورتن جي مسئلن جي حل لاءِ راهون هموار ٿين ٿيون.

مختلف ڪهاڻيڪارن پنهنجين ڪهاڻين ۾ عورتن جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي.

نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين ۾ وڏيرن ۽ پيرن جي حويلين ۾ عورتن سان ٿيندڙ بي انصافيءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي. هوءَ پنهنجين ڪهاڻين ۾ عورتن جي مسئلن قلم کڻڻ وقت مرد ڪردارن کان سخت پڇاڻو پڻ ڪري ٿي، هوءَ پنهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ جرئت پئدا ڪري ٿي. ان ڏس ۾ خاص طور تي هن جي ڪهاڻي ”جلاوطن“ مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿي. جنهن ۾ هڪ عورت ڪردار ڳالهائي ٿو

”جيڪڏهن هر گناهہ ۾ مان ۽ تون برابر جا شريڪ ٿيون، تہ گناهن جا داغ صرف منهنجوئي پلاند ڇو ٿا آلو ڪن؟“ [6]

نورالهديٰ شاهہ جون اڪثر ڪهاڻيون حويلين ۾ پيڙجندڙ عورت جي درد

ڪي بيان ڪن ٿيون. هوءَ پنهنجين ڪهاڻين ۾ ناڪاري ڪردارن سان سخت نفرت جو اظهار پڻ ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت درست معني! ۾ هوءَ عورت جي درد کي محسوس ڪري لکي ٿي؛ اهائي سندس ڪهاڻين جي وڏي خوبي آهي. هوءَ پنهنجي ڪهاڻين جي عورت کي وڙهڻ سيکاري ٿي، سندس ڪهاڻي، ”وشواس“ جي عورت ڳالهائي ٿي،

”شروع ۾ مون کي محسوس ٿيندو هو ته مان وڙهڻ چاهيان ٿي. وڙهي سگهان ٿي.“ (7)

شبنم گل جي ڪهاڻين ۾ عورت جون محروميون ملن ٿيون. هوءَ عورت جي درد ۽ پيڙا کي محسوس ڪري ان کي بيان ڪري ٿي. سندس ڪهاڻين جي وڏي خوبي ئي اها آهي ته هوءَ ڪردارن جي گهرائيءَ ۾ وڃي انهن جي پيڙا بيان ڪري ٿي. سندس ڪهاڻي، ”خالي هنج جو ڏک“ هڪ بي اولاد عورت جي درد جي ڪٿا آهي؛ جيڪا اولاد نه ٿيڻ تي پنهنجي مڙس کي چوي ٿي ته هو ڇو نه ڪو يتيم ٻار پالين، پر سندس مڙس سختيءَ سان منع ڪري ٿو

”صوفيه کي منان جي ڳالهه تي ڪاوڙ لڳندي هئي. سوچيندي هئي منان آخر ڪهڙي قسم جو انسان آهي. ڇو ڪيس احساس ناهي ته منهنجي خالي ممتا ڪيڏي نه اڃايل آهي.“ (8)

سندس مڙس ڪنهن به طرح سان ڪو ٻار جهول وٺي پالڻ جي اجازت نٿو ڏئي ۽ چوي ٿو ته،

” اڄڪلهه پنهنجو اولاد نه ٿو پڇي سو پرائو اولاد ڪهڙي ڪم ايندو! جي يتيم خاني مان وٺنداسين ته ڪهڙو جائز ٻار ملندو؟ ڇري ڪنيءَ ول جا پتا به ڪِنا هوندا اٿئي، سو مٽان ڪڏهن پلجي به يتيم خاني مان ٻار وٺي اچين.“(9)

جنهن تي هوءَ مجبور ٿي پنهنجي اڪيلائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ گهر ۾ طوطو پالڻ جو سوچي ٿي ۽ پنهنجي مڙس کي چوي ٿي،

”صوفيه جي ڳلن تان لڙڪن جون لارون وهڻ لڳيون. توهان مون کي ٻار ته نه پالڻ ڏنو هاڻ مان طوطو پاليندس.“ (10)

هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي بي اولاديءَ جو درد ملي ٿو. هوءَ پنهنجي اڪيلائي ۽ بي اولاديءَ جو درد دور ڪرڻ لاءِ هڪ طوطو پالي ٿي ۽ ان تي نالو رکي ٿي، ”ڪاشف“ هوءَ طوطي سان اهڙي ريت ڳالهائي ٿي جڻ ته اهو سندس

پٽ هجي، هوءَ طوطي کي پيار ڪرڻ سيکاري ٿي ۽ آخر طوطي ۾ پنهنجو پٽ تلاش ڪري وٺي ٿي. ۽ نفسياتي طور تي پاڻ کي ذهني مونجهارن مان ڪڍڻ جا جتن ڪري ٿي. شبنم گل جون اڪثر ڪهاڻيون عورت کي نفسياتي مونجهارن مان ڪڍن ٿيون. جيڪو فيمينزم جو اهڙو پاسو آهي، جنهن تي شايد گهٽ ويچاريو ويو آهي. هڪ ڪردار وسيلي عورت جي ڏک ۽ محروميءَ کي بيان ڪري وري ان کي ڪرب ۽ تڪليف مان ڪڍڻ فيمينزم يعني عورتن جي حق جي ڳالهه ڪرڻ جو وڏو ثبوت آهي.

ڊاڪٽر سيما ابڙو جي ڪهاڻين ۾ ٻهاج پڻي يا ٻي شاديءَ سبب ملندڙ ڏک، جوانيءَ ۾ بيواهه ٿيڻ جو درد ۽ اهڙا ٻيا موضوع بيان ڪيا آهن. هوءَ پنهنجين اڪثر ڪهاڻين ۾ مرد جي بيوفائيءَ، ٻي شادي، عورت سان مختلف هنڌن تي ٿيندڙ مت ڀيد ۽ اهڙا ٻيا مسئلا بيان ڪري ٿي. خاص طور تي سندس پهرين ڪهاڻيءَ جنهن جو نالو ئي ”بيوفائي“ آهي. عورت جي درد کي بيان ڪري ٿي. ڊاڪٽر سيما جي هڪ ٻي ڪهاڻي، ”سفيد چادر“ پڻ عورت جي ڪرب تي لکيل آهي، جنهن ۾ حميد نالي شخص کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيل شخص جي گهرواري پنهنجي پهاڙ زندگيءَ ۽ خالي پڻي ۽ اڪيلائي ۽ بيواهه ٿيڻ جي تڪليف بيان ٿيل آهي. هوءَ لکي ٿي،

”صدف ۽ سندس زال کي وڏي پڪي سفيد رنگ جي پوتي اوڍائي ڇڏي آهي. ان پوتي کي پنهنجي سر تي پاتل ڪفن ۾ ورتل پنهنجي لاش محسوس پئي ڪيائين. دل ئي دل ۾ هزارين خيالن ۽ خواهشون پئي جنم ورتو ته جيڪر حميد سان گڏ منهنجي ۽ جسم روح کي دفن ڪيو وڃي ها! ته هن جواني ۾ بيوه جو داغ زندگي جي انيڪ لمحن کي پل صراط تان ئي گذاريندو رهندو.“ (11)

**نتيجو:**

عورتازاد عورت جي حق جي ڳالهه ڪندڙ نظريي، فلسفو يا تحريڪ آهي. هن تحريڪ هيٺ مختلف گروهن مختلف وقتن ۾ عورتن جي حقن، ساڻن ٿيندڙ بيواجبين، ڪيس درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن. سنڌي ادب ۾ شاهه لطيف کان وٺي اڄ جي جديد دور جي ليڪ تائين عورتن جي حقن تي خاص طور تي لکيو ويو آهي. خاص طور تي ڪهاڻين ۾ ته عورت جي ڪرب، پيڙا ۽ ڏک کي وڏي پئماني تي بيان ڪيو ويو آهي. پر ان

حقيقت کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي تہ سنڌ ۾ خاص طور تي قبائلي نيمن ۾ نظام هيٺ اڄ بہ عورت قربان ڪئي وڃي ٿي. اڄ جڏهن هي ريسرچ پيپر پورو ڪيو آهي تہ اڄ بہ ٻہ نوجوان نينگريون قتل ٿيون آهن. هڪ پيءُ جي پڳ جو پرم رکندي مڙس هٿان قتل ٿي آهي تہ ٻي ڪچي واري علائقي ۾ بيگناهہ ماري وئي آهي. ادب انهن عورتن جي دانهن تہ رڪارڊ تي رکي سگهي ٿو پر ڪاش اڄ جو ادب عورت جي ان دانهن جي درد کي گهٽائي سگهي ها.

**حوالا:**


1. https://www.britannica.com/topic/feminism/The_suffrage_movement
2. https://statisticstimes.com/demographics/world_sex_ratio.php
3. https://www.britannica.com/topic/feminism/The-suffrage-movement
4. https://el.sindhculture.gov.pk/read/11
5. Ibid
6. شاهہ نورالهدي، ڪيڏارو، روشني پبليڪيشن، 2006ع، (ص، 119)
7. ساڳيو حوالو
8. گل، شبنم، ”خالي هنج جو ڏک“، پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور، 2017ع، (ص 124)
9. ساڳيو
10. ساڳيو (ص، 128)
11. ابڙو سيما، خواب ۾ حقيقت، ڪاڇو پبليڪيشن، 2028ع، (ص، 65)

# سائنس فڪشن تي سنڌيءَ ۾ لکيل پهريون ناول "ٻاويهہ سئو ٻاويهہ" جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو

# The Critical Analysis of Novel, "Bbaveh Sao Bbaveh" A first Scince Fiction Novel of Sindhi language

بيبي فاطمہ ابڙو

**Abstract**

Literature and science share a strong and intrinsic relationship, particularly in their connection to human life. Literature reflects life by exploring human experiences, emotions, and social realities, while science seeks to understand life through observation, experimentation, and empirical evidence. Scientific inquiry is grounded in careful study and diligence, aiming to uncover truths about the natural world. At the same time, literature—especially in the form of science fiction—often draws upon scientific ideas, imagining possibilities that extend beyond current knowledge.

In Sindhi science fiction, writers use scientific concepts not only to entertain but also to question human behavior, ethical dilemmas, and the direction of modern society. For example, stories may imagine future Sindh shaped by technological advancement, environmental change, or scientific discovery, while still remaining rooted in the region's traditions and identity. This blend of science and cultural context makes Sindhi science fiction unique and relevant.

Sindhi science fiction is a relatively modern and evolving trend of Sindhi literature that brings together imagination and scientific awareness. Contemporary Sindhi writers have begun to explore themes such as technology, space, time, environment, and future societies. Sindhi science fiction often reflects local culture and social realities while incorporating scientific ideas, making it both imaginative and socially meaningful. In Novel, "Bbaveh Sao Bbaveh" the first ever scientific Novel written in Sindhi we may see the future Sindhi society. in this Novel writer has given the imaginative society; which is intend to appear in future year 2222.

This research paper critically analysis the novel, "Bbaveh Sao Bbaveh" its characters and other literary devices used in this novel.

ادب ۽ سائنس جو پاڻ ۾ هڪ مضبوط ۽ فطري ڳانڍاپو آهي. خاص طور تي ادب توڙي سائنس ٻئي شعبا انساني زندگيءَ جي مامرن ۾ هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن. ادب انساني تجربن، احساسن ۽ سماجي حقيقتن جي کوجنا ذريعي زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪري ٿو جڏهن ته سائنس مشاهدي، تجربي ۽ تجربي تي ٻڌل ثبوتن وسيلي زندگيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سائنسي کوجنا محتاط مطالعي ۽ محنت تي ٻڌل هوندي آهي، جنهن جو مقصد فطري دنيا بابت سچائين کي ظاهر ڪرڻ هوندو آهي. ساڳئي وقت، ادب، خاص طور سائنس فڪشن پنهنجي الهامي قوت وسيلي سائنس کي ايندڙ وقت بابت آگاهه ڪري ٿو ۽ اهڙين حقيقتن جو پتو ٻڌائي ٿو جيڪي انساني تصور ۾ ته موجود ٿي سگهن ٿا پر اهي حقيقت کان پري هوندا آهن. ادب جي اهڙن تصورن کي سامهون رکي سائنس کوجنا ڪري ٿي ۽ انهن تصورن توڙي مفروضن يا انومانن کي حقيقت ۾ تبديل ڪري ٿي. يعني ان حوالي سان ادب سائنس جو اڳواڻ ۽ پيش رو ثابت ٿئي ٿو. تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان اسان کي خبر پوي ٿي ته ادب اڏند کٽولي جو تصور ڏنو ۽ سائنس جهاز ناهي ورتو ادب سمنڊ جي تحن مان موتي ميڙڻ جو تصور ڏنو۽ سائنس آبدوز ۽ ٻيڙا ايجاد ڪيا. ادب ڇهن مهينن جي رات ۽ ڇهن مهينن جي ڏينهن جو تصور ڏنو سائنس ان جي ثابتي پيش ڪئي. مطلب ته ادب ۽ سائنس هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن.

"Scientific theories frequently rely on metaphors and narratives to explain findings, linking the two fields closely." (1)

عام طور ادب ۽ سائنس هڪ ٻئي جي ابتڙ شعبا سمجهيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ انهن جو لاڳاپو تمام گهرو ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي. ٻئي شعبا زندگيءَ جي وسيع سمجهه ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا، ۽ هر هڪ پنهنجي منفرد زاويي ۽ تشريح جا طريقا پيش ڪري ٿو. يعني سائنس ۽ ادب هڪ ٻئي جا مخالف يا متضاد نه بلڪ ٻئي شعبا تجسس ۽ کوجنا جي جذبي سان اڳتي وڌن ٿا. سائنس تجربي، منطق ۽ دليل جي ذريعي حقيقتون پيش ڪري ٿي، جڏهن ته ادب تخيل وسيلي انساني تجربن جي کوجنا ڪري ٿو.

"Science and literature are complementary, non-dichotomous fields driven by curiosity, with science providing empirical explanations through logic and literature exploring human experience through imagination."(2)

سنڌي ادب ۾ خاص طور تي لوڪ ادب ۾ ته ڪيترائي سائنسي خيال موجود آهن، پر جديد ادب جهڙوڪ ڪهاڻي ۽ ناول پڻ ساڳيا خيال ملن ٿا. شاعريءَ ۾ به سائنسي تصورن جون ڳالهيون ملن ٿيون پر سائنس فڪشن جو تصور خاص طور تي سنڌي سائنسي افسانوي ادب ۾ چٽي طرح نظر اچي ٿو. جيئن ادب انساني زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ سائنس مشاهدي ۽ تجربي وسيلي ان جي وضاحت ڪري ٿي، تيئن سنڌي سائنس فڪشن انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو سائنسي ڄاڻ کي تخليقي اظهار ۾ تبديل ڪري ٿو جنهن سان پڙهندڙ گهرن تصورن ۽ خيالن سان تخيلاتي انداز ۾ پنهنجو لاڳاپو قائم ڪري وٺي ٿو. عالمي سائنسي فڪشن وانگر سنڌي سائنس فڪشن ثابت ڪري ٿو ته ادب ۽ سائنس هڪ ٻئي جا مخالف نه، پر هڪ ٻئي جا مڪمل ڪندڙ شعبا آهن، جيڪي گڏجي زندگي، سماج ۽ مستقبل جي وڌيڪ گهري سمجهه پيدا ڪن ٿا.

سائنس فڪشن کي رڳو تفريحي ادب سمجهڻ درست ناهي؛ اهو حقيقت ۾ سائنس، تخيل ۽ سماجي شعور جو ميلاپ آهي. سنڌي سائنس فڪشن نه صرف مستقبل بابت سوچ پيدا ڪري ٿي، پر موجوده حالتن تي به سوال اٿاري ٿي. سائنس فڪشن جو بنياد سائنسي اصولن، نظريائن ۽ ايجادن تي هوندو آهي.

سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن هڪ نئون پر ترقي ڪندڙ لاڙو آهي. روايتي سنڌي ادب گهڻو ڪري صوفي ازم، رومانس، ۽ سماجي موضوعن تي ٻڌل رهيو آهي، پر جديد دور ۾ ڪجهه ليکڪن سائنس فڪشن ڏانهن به ڌيان ڏنو آهي. سنڌي ليکڪ سائنس فڪشن ۾ به پنهنجي ثقافت، روايتن ۽ سماجي مسئلن کي شامل ڪن ٿا، جنهن ڪري هي صنف مقامي رنگ سان ڀرپور ٿي وڃي ٿي. سنڌي سائنس فڪشن اڃا مڪمل طور ترقي نه ڪري سگهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن ميدان ۾ ليکڪن ۽ وسيلن جي کوٽ آهي، پر ان جي امڪانن ۾ وڏي گنجائش موجود آهي. سائنس فڪشن هڪ اهڙو ادبي لاڙو آهي جيڪو سائنس ۽ ادب جي وچ ۾ پل جو ڪم ڪري ٿو. سنڌي ادب ۾ هن لاڙي جي اهميت وڌندي پئي وڃي، ۽ مستقبل ۾ ان جي واڌاري جا امڪان آهن جن تحت ادب ۾ نوان موضوع متعارف ٿي سگهن ٿا.

اها حقيقت آهي تہ ناول يا افسانو مڪمل طور خيالي يا تصوراتي هوندو آهي، پر ان ۾ پيش ڪيل خيال ڪنهن نہ ڪنهن سائنسي امڪان سان جڙيل هوندا آهن. اهڙو ئي اظهار اسان کي قاضي فيض محمد جي ناول "ٻاويهہ سئو ٻاويهہ" ۾ ملي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس فڪشن تي لکيل پهريون ناول "ٻاويهہ سئو ٻاويهہ" قاضي فيض محمد لکيو هو. هيءُ ناول 1979ع ۾ سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. قاضي فيض محمد هن ناول جي ابتدا ۾ "پڙهندڙن ڏانهن" جي عنوان سان پنهنجو مختصر تعارف لکيو آهي. پر تعارف کان اڳ ڏاڍا خوبصورت جملا لکيا اٿائين.

"زندگي ۽ قدرت۔ هڪ عجيب عبرت جو مڪان آهي! قدرت هڪ اٿاهہ سمنڊ آهي، زندگي منجهنس روشن سورج آهي. هر هڪ انسان ٿورو وقت اڀري، چمڪي، غروب ٿيو وڃي. قدرت جا پاند ۽ راز نوان نوان ڄمندا، وڌندا وڃن. ويچارو انسان سڀ کي ڏسندو، سڀ کي ٻڌندو ۽ پرائيندو، سيني کي سيڪجهہ ڏيندو وڃي. "[3]

قاضي فيض محمد 1908ع ۾ هالاڻيءَ ۾ جائو ۽ 74 سالن جي عمر ۾ 1982ع ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات واري گهڙيءَ کي سندس پٽ قاضي جاويد هيئن لکيو آهي.

" Meditation ۾ ويٺل هڪ شخص ڪو راڳ گنگنائيندي اپ ۾ اکيون اٽڪائي ليٽيل. در کڙڪي ٿو. . .چاچو اچي ٿو "ادا! ادا! ادا!" پر ادا اڏري چڪو هو. مشڪل سان ان سڄي واقعي کي ٿيڻ ۾ هڪ منٽ بہ نہ لڳو.. اهڙي طرح 1908ع ۾ آيل هي روح 74 سالن کان پوءِ 1982ع ۾ ارتقا جون مسافتون ڪندو ڪائنات جي ڪُليت ۾ هليو ويو. "[4]

قاضي فيض محمد تمام گهڻو پڙهيو لکيو اديب ۽ سياستدان هو. هن زندگيءَ جو ڪجهہ حصو علامہ آءِ آءِ قاضي جي ويجهو گذاريو. "هو هڪ سچو صوفي، عاشق رسول، سنڌ جو شيدائي هئڻ سان گڏ هڪ فلسفي، مفڪر، ناول نگار، شاعر، موسيقار ۽ سنڌ واد آرٽسٽ هو. "[5]

قاضي فيض محمد جي لکيل ڪتابن ۾" جنسار" (ناول)، "منهنجو خواب"، "ٻاويهہ سؤ ٻاويهہ" (ناول)، "سورن سندي سيج"، " علامہ آءِ آءِ قاضي"،

"هاري ڪميٽيءِ الاٽي تحريڪ "، "اڻ چاڻ (ناول)، "دردن سندو داستان"، "منهنجو سفر" (آتم ڪٿا)، ۽ Lateefi Sindh in search of truth شامل آهن. قاضي فيض محمد جون سڀ تحريرون سٺيون آهن، پر پنهنجي منفرد اسلوب ۽ فڪر سبب سندس ناول ٻاويهه سئو ٻاويهه تمام گهڻو مشهور ٿيو. سنڌ سلامت وارن هن ناول بابت لکيو آهي ته،

"سائنسي فڪشن تي مشتمل ناول آهي جنهن ۾ هن اهو رقم ڪيو آهي ته دنيا 2222ع ۾ ڪيئن هوندي. هن ناول جي خاص ڳالهه اها اهي ته ان ۾ سائنسي ايجادن ۽ ترقيءَ کي ذهن ۾ رکندي مستقبل جو هڪ سماجي ڍانچو تشڪيل ڏنو ويو اهي. سنڌ ۾ اهو پهريون ناول آهي، جيڪو مستقبل بيني کي متعارف ڪرائي ٿو ۽ سنڌ ۾ مستقبل بيني کي قاضي صاحب هن ناول "2222" جي ذريعي متعارف ڪرايو."[(6)]

ناول جي ابتدا ۾ باب پهريون لکيل آهي، پوءِ لفظ "صبح" ۽ ان ڪانپوءِ دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين! لکيل آهي. ان ڪان پوءِ هن طرح شروعات ٿئي ٿي.

"اڄ ٻي تاريخ ٻئي مهيني سال 2222ع جي آهي. اڄ پراڻي زماني کي گذرئي اٽڪل پوڻا ٽي سو سال ٿيا. هيءُ نئون زمانو آهي. اڄ هت نئين دنيا آهي ۽ نوان شهر آهن. اڳينءَ ڌرتيءَ کي ڌرتا ولايت سڏين ٿا. اڳئين چنڊ کي چندرتا ولايت سڏين ٿا. ائين مارستا، وينستا، جپترتا ۽ ٻيا ڪيترا اڳين سيارن ۽ تارن تي ڳوٺ ۽ شهر ٺهي ۽ ليي پيا آهن. اڄ اسان جي هنن ولايتن جي وچ ۾ اڳيون آسمان نئون سمنڊ ٿي پيو آهي. اڳي 50 ميل في ڪلاڪ گاڏيون هلنديون هيون. اڄ هڪ هزار ميل في ڪلاڪ گاڏين جي رفتار آهي. اڳيان هوائي جهاز 500 ميل في ڪلاڪ هلندا هئا. اڄ 50 هزار ميل رفتار سان هوائي جهاز هلن ٿا. اڳين موٽرن جي بدلي ماڻهن پيرن هيٺ اهڙا جوتا آهن، جن جي ڪري انسان جي هلڻ جي رفتار هڪ سو ميل في ڪلاڪ آهي. چق مق جون تارون مٿان آهن، بجليءَ جون پاڙون هيٺ آهن." [(7)]

اهڙي ريت ناول اڳتي وڌي ٿو. هن ناول ۾ ڏنل تصور اڄ يعني ناول لکجڻ جي لڳ ڀڳ پنجاهه سالن کانپوءِ ڪجهه ته سائنس ثابت ڪري ڇڏيا آهن ۽ ڪي اجا ثابت ٿيڻا آهن. پر ڪي ايڏا عجيب تصور به آهن، جيڪي شايد

ڪڏهن بہ درست ثابت نہ ٿي سگهن.

جيئن هو لکي ٿو:

”مارستا (مريخ) تمام وڏي ولايت آهي، اتي انسان جي شڪل شباهت جوڙجڪ عجيب آهي. هڪ هڪ بدن تي ٻہ ٻہ سر ۽ انهن جون نسبتون ۽ وصفون بہ عجيب آهن. چندرتا جي ماڻهن جا چهرا چنڊ وانگر پري ڪان ڀڪندڙ! اهڙيءَ ريت وينستا تہ هڪ پرستان آهي. جتي انسان ڪي پر آهن ۽ اهڙا سهڻا جن جي ڪهڙي تعريف ڪجي.“ (8)

ظاهر آهي هڪ ماڻهوءَ ڪي ٻہ مٿا! اهڙو تصور شاعراڻو تہ ٿي سگهي ٿو جيئن شاهہ لطيف بہ چيو هو تہ ”مٿي اُتي منهنجي ، جي ڪورين هون ڪپار“ يعني منهنجي وجود تي جيڪڏهن ڪرورين ڪنڌ هجن ها! اهو شاعراڻو تصور آهي. فڪشن ۾ اهڙو تصور غير فطري آهي. سائنس ڪيڏي بہ ترقي ڪري اها فطرت جي اصولن جي برخلاف نٿي وڃي سگهي. هن ناول ۾ ڪي اهڙا تصور ضرور آهن، جيڪي غير فطري لڳن ٿا. پر ڪي تصور تمام گهڻا خوبصورت آهن. اڄ حقيقت ۾ سائنس انسان جو هن زمين جي گولي ڪان ٻاهر رهڻ ڪي ممڪن بڻائڻ تي ڪم ڪري رهي آهي. قاضي صاحب پنجاهہ سال اڳ لکيو هو تہ

”اڄوڪي جهان ۾ جنگ ڪانہ ٿئي، پر سال ڏرتا ۽ چندرتا ولايتن جي رهاڪن ۾ ڪن ڳالهين تان اختلاف ٿي پيو. پر وينستا جي رهاڪن وچ ۾ پئي ٿاهہ ڪرائي ڇڏيو... مذهب اڄ بہ آهي... پر حقارت جي منجهن بوءِ بہ ڪانہ آهي.“ (9)

قاضي فيض محمد جي ناول ”2222ع“ ۾ پيش ڪيل هيءَ ٽڪرو ناول جي فڪري ۽ سماجي پهلوئن ڪي چٽيءَ طرح ظاهر ڪري ٿو. قاضي صاحب مستقبل جي دنيا ڪي اهڙي صورت ۾ پيش ڪري ٿو جتي جڙ تہ جنگن جو خاتمو ٿي چڪو آهي ۽ عالمي امن قائم آهي، جيڪو سائنس فڪشن ۾ هڪ مثالي (utopian) تصور طور ڏٺو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ”اڄوڪي جهان ۾ جنگ ڪانہ ٿئي“ جو خيال پيش ڪيو ويو آهي، پر سال ڏرتا ۽ چندرتا ولايتن جي رهاڪن وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ انساني فطرت جي حقيقت پسنديءَ ڪي ظاهر ڪري ٿو. يعني ليڪڪ اهو مڃي ٿو تہ ترقي يافتہ دنيا ۾ بہ اختلاف مڪمل طور

ختم ٿي سگهن، پر انهن جو حل پرامن طريقن سان نڪري سگهي ٿو. هتي وينستا جي رهاڪن جو ثالثي ڪردار انتهائي اهم آهي، جيڪو عالمي هم آهنگي، سفارتي سمجھ ۽ گڏيل ذميواريءَ جي علامت آهي. ساڳئي وقت، مذهب بابت ليکڪ جو خيال بہ قابلِ غور آهي: "مذهب اڄ بہ آهي، پر حقارت جي منجهن بوءِ بہ ڪانہ آهي." هن جملي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مستقبل جي سماج ۾ مذهب پنهنجي وجود سان گڏ موجود آهي، پر ان سان لاڳاپيل تعصب، نفرت ۽ تڪرار ختم ٿي چڪا آهن. هي هڪ اعليٰ انساني قدرن تي ٻڌل سماج جو تصور آهي، جتي مذهبي رواداري ۽ باهمي احترام کي اهميت حاصل آهي. مجموعي طور، هي اقتباس ناول جي ان مرڪزي پيغام کي اجاگر ڪري ٿو تہ سائنسي ترقي سان گڏ جيڪڏهن انساني اخلاقيات، رواداري ۽ امن کي فروغ ڏنو وڃي تہ هڪ متوازن ۽ مثالي سماج قائم ٿي سگهي ٿو.

هي ناول ڪل ايڪيهن بابن تي ٻڌل آهي. ايڪيهون باب "موڪلاڻي" آهي. جنهن ۾ هوائي جهاز جي اڏڻ جو نظارو ڏنل آهي. جنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ اڳ بہ يورپ ۾ جهاز مان ڏسبو هو تہ هيٺ سرسبز ۽ شاداب نظر ايندو هو ۽ هندستان جا پٽ ويران لڳندا هئا. هن باب ۾ هندو مسلم تضاد ڏيکاري حل ڪيا ويا آهن. ڪجھ لڏپلاڻ ڏيکاريل آهي ۽ آخري مڪالما هن ريت آهن.

"چوان ٿي تہ مان تنهنجي پتني ۽ تون منهنجو پتي! هاڻي ٻيئي اسان هت پنهنجي سنڌ ويڙهي ۾ رهنداسين ۽ مرنداسين" پدمڻيءَ چيو."ها پياري! هڪ جوڙو لنڊنا ڳ هليو ويو ۽ ان سان گڏ ٻيو جوڙو هندستان ويو. پر منهنجي پياري، تنهنجو منهنجو جوڙو منڙيءَ سنڌ ۾ رهندو." (10)

اها ليکڪ جي خواهش آهي تہ هو دنيا ۾ امن ڏسڻ چاهي ٿو. پنهنجي ڌرتيءَ کي امن جو مرڪز ڏسڻ چاهي ٿو. هن پنهنجي ان خواهش جو اظهار پنهنجي هن ناول ۾ جا بجاءِ ڪيو آهي.

مجموعي طور تي چئي سگهجي ٿو تہ قاضي فيض محمد جو ناول "2222ع" سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن جي جي حوالي سان هڪ اهم ڪوشش آهي. هي ناول مستقبل جي دنيا جو هڪ تخيلي خاڪو پيش ڪري ٿو جنهن ۾ سائنسي ترقي، ڪائناتي وسعت ۽ انساني زندگيءَ جي نون امڪانن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ناول جو مرڪزي خيال ڌرتيءَ کان ٻاهر

زندگيءَ جي وجود ۽ انسان جي ٻين گرهن تي آباد ٿيڻ سان لاڳاپيل هجڻ سان گڏ سنڌ ۾ خوشحال زندگيءَ جو تصور آهي. ليکڪ هن ناول ۾ وڏي تخيلاتي سگهه سان اهڙي دنيا جو تصور پيش ڪري ٿو جتي انسان رڳو زمين تائين محدود نه رهيو آهي، پر ٻين سيارن تي به پنهنجون وسنديون قائم ڪري چڪو آهي. هي تصور سائنس فڪشن جي اهم خصوصيتن مان هڪ آهي، جيڪو پڙهندڙ کي نئين دنيا بابت سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. ناول ۾ سموري دنيا کي هڪجهڙائي ۽ ويجهڙائيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي، جتي ملڪن جي وچ ۾ فاصلا گهٽجي ويا آهن ۽ عالمي هم آهنگي جو تصور ملي ٿو. اهو خيال نه صرف سائنسي ترقي جو نتيجو لڳي ٿو، پر هڪ مثالي سماج جي خواهش کي به ظاهر ڪري ٿو.

**نتيجو:**

قاضي فيض محمد جو ناول "2222ع" سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن جي حوالي سان اهم ناول آهي. هن ناول ۾ خاص طور تي مستقبل ۾ سنڌ کي هڪ خوشحال ۽ ترقي يافته خطي طور پيش ڪيو ويو آهي، جتي زندگي آسان، سهڻي ۽ منظم آهي. هي ليکڪ جي اندروني خواهش ۽ خواب جي عڪاسي ڪري ٿو ته سنڌ به مستقبل ۾ ترقي، امن ۽ خوشحاليءَ جي راهه تي گامزن ٿئي. هن ريت ناول صرف سائنسي تخيل تائين محدود ناهي، پر سماجي اميدن ۽ قومي سڃاڻپ کي به اجاگر ڪري ٿو. فني طور تي، ناول ۾ سائنس فڪشن جا اهم عنصر جهڙوڪ مستقبل نگاري، خلائي تصور ۽ سائنسي ترقي جا اثر نمايان آهن. ساڳئي وقت، ان ۾ انساني قدرن، امن ۽ گڏيل ترقيءَ جو پيغام به موجود آهي. ناول "2222ع" هڪ اهڙو ناول آهي، جيڪو سائنس فڪشن جي ذريعي نه صرف مستقبل جي تصوير پيش ڪري ٿو پر ليکڪ جي سماجي خوابن ۽ اميدن کي به واضح ڪري ٿو. اهو سنڌي ادب ۾ هن صنف جي واڌاري لاءِ هڪ اهم قدم طور ڏٺو وڃي ٿو.

## حوالا:


1. https://www.google.com/search?q=relation+between+science+and+literature&oq=relation+of+Science+and+literature&aqs=chrome.1.69i57j0i22i30j0i751l5.14901j0j15&sourceid=chrome&ie=UTF_8
2. Ibid
3. فيض محمد قاضي، ٻاويھہ سو ٻاويھہ، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، (ص، 3)
4. فيض محمد قاضي، منهنجو سفر، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1999ع، (ص، 20)
5. https://books.sindhsalamat.com/author/622
6. https://books.sindhsalamat.com/book/1036/view
7. فيض محمد قاضي، ٻاويھہ سو ٻاويھہ، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، (ص، 9)
8. فيض محمد قاضي، ٻاويھہ سو ٻاويھہ، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، (ص، 10)
9. فيض محمد قاضي، ٻاويھہ سو ٻاويھہ، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، (ص، 11)
10. فيض محمد قاضي، ٻاويھہ سو ٻاويھہ، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، (ص، 309)

# گڏيل لفظن جو جڙڻ: انهن جو لساني جائزو ۽ تاريخي پسمنظر
# The Emergence of Hybrid Words in Sindhi: A Linguistic Analysis and Historical Perspective

سردار علي چنڙ

**Abstract**

This study investigates hybrid words of the Sindhi language which result from combining distinct linguistic elements from different origins. The compound word "ليٽ ڪرڻ" joins the English phrase "late" to the Sindhi word "ڪرڻ" that means to delay. This research shows how numerous linguistic origins such as English Persian Arabic and Urdu influenced the development of the Sindhi language vocabulary throughout history.

The widespread adoption of hybrid words in modern language use lacks sufficient academic research attention within the current literature base on this topic. This paper addresses the knowledge gap through extensive research and classification methods for analyzing hybrid words while explaining their composition and semantic value added to the language. The research examines these words across Sindh's social linguistic interactions while evaluating their significant impact on language development and adaptation.

The research contains various limitations in this assessment. This research depends on qualitative examination of selected hybrid words but may not reproduce the entire range of vocabulary utilization in diverse dialects throughout Sindh. The research depends on existing linguistic documentation to identify hybrid words which might lead to possible biases in the material studied. New hybrid words continue to develop in language and they might not appear in this particular study because the language remains constantly adaptive.

Ultimately, the findings contribute to the ongoing discourse on language contact and hybridization, providing a framework for further research in the field of linguistics while acknowledging the need for future studies to address these limitations.

ٻولي هڪ سماجي لقاءُ آهي، جنهن ذريعي انسان پنهنجن خيالن، احساسن ۽ جذبن جو اظهار ڪندو آهي. انسان اُهي خيال، احساس ۽ جذبا ٻين انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ٻوليءَ جو استعمال ڪندو آهي.”ٻولي چئبو آهي، اهڙن تلفظي معنيٰ دار جزن کي جن جي وسيلي هڪڙو ماڻهو پنهنجي ٻئي هم زبان (ساڳئي ٻولي ڳالهائيندڙ) کي پنهنجو مطلب ۽ مراد سمجهائي سگهي.“[1]

ٻولي نه صرف انساني اظهار (ڳالهائڻ) جو ذريعو آهي پر دنيا جي هر ٻولي انساني ارتقا سان گڏ ان قوم جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ تمدن جي عروج ۽ زوال سان گڏ پنهنجي موجوده تاريخ، رهڻي ڪهڻي کان چڱيءَ ريت واقف ڪري ٿي. ڇاڪاڻ ته ٻولي جنهن دور مان گذري آئي آهي، اها پنهنجا اثر ان دور تي ڪنهن نه ڪنهن ريت ڇڏيندي، لکت توڙي زباني شڪل ۾ محفوظ ڪندي آئي آهي.

”ٻوليءَ ۾ انسان جي جيون جي آتم ڪهاڻي (Auto Biography) سمايل آهي.“[2]

ڪنهن به ٻوليءَ جي جي فني سٽاءَ، جوڙجڪ، اصولن جي مطالعي ڪرڻ کي لسانيات (Linguistics) چئبو آهي.

اهڙي علم کي ”لسانيات“ چئبو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي آوازن، آوازن ۾ تبديلين، انهن تبديلين سان ٿيندڙ معنوي فرقن، لفظن جي جوڙجڪ، انهن جو جملي ۾ استعمال ۽ انهن جي معنيٰ جو مطالعو اچي وڃي ٿو. ان کان سواءِ ٻوليءَ جا ٻيا پهلو لهجا، اسلوب بيان، لساني جاگرافي ڪنهن ٻولي جو تاريخي مطالعو يا ٻين ٻولين جي ڀيٽ به ان دائري ۾ اچي وڃن ٿا.[3]

لسانيات جي ماهرن لسانيات جي مطالعي جا بنيادي چار پاسا ڄاڻايا آهن، جنهن جي ذريعي اسين ٻوليءَ جي آوازن، لفظن، جملن ۽ معنوي پهلوئن کي سمجهي سگهون ٿا. تن ۾:

1. صوتيات (آوازن جو علم)
2. صرفيات (لفظن جو علم)
3. نحويات (جملن جو علم)
4. معنويات (معنائن جو علم)

**ٻوليءَ ۾ تحقيق جي اهميت**

دنيا اندر لسانيات جي موضوع تي روزاني بنياد تي تمام گھڻي تحقيق ٿي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ تي تحقيق جي وڏي اهميت آهي. ٻوليءَ تي تحقيق سان ٻوليءَ اندر موجوده نظام جي خبر پوي ٿي، ٻوليءَ جي مختلف پاسن، شاخن، لهجن، اصولن ۽ قانون قائدن جي ڇنڊڇاڻ ٿئي ٿي، ٻوليءَ اندر ڪيترائي مفروضا قائم هوندا آهن، جن جي تحقيق ذريعي تصديق توڙي ترديد ڪري سگهجي ٿي. ٻوليءَ جي مطالعي سان ڪيترائي نوان موضوع سامهون اچن ٿا ۽ انهن موضوعن جي خوبين توڙي خامين جي جاڻ ملي ٿي. ٻوليءَ جي مطالعي سان اسان کي آس پاس جي ٻولين جي اثر، قدامت توڙي انهن جي لساني هڪجهڙاين جي پرک ٿئي ٿي. ٻوليءَ ۾ تحقيق سان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي آوازن، لفظن، جملن ۽ معنائن جي اصولن بابت پرک ملي ٿي. لسانيات جي انهن پهلوئن منجهان صرفيات پڻ اهم پهلو آهي، جيڪو ٻوليءَ جي لفظن جي جوڙجڪ ۽ بناوت بابت ٻڌائي ٿو.

صرفيات (Morphology) لسانيات جي اهڙي شاخ کي چئجي ٿو جنهن ۾ لفظن جي جوڙ جڪ، سناءَ ۽ ترتيب بابت مطالعو ڪيو ويندو آهي. "علم صرف (Morphology) اهو علم آهي، جنهن جي مدد سان هر ٻوليءَ جي لفظن ۽ انهن لفظن جي جوڙجڪ، سناءَ، رچنا ۽ گهاڙيٽي جي خبر پوي ٿي. هن علم جي مدد سان هر ٻوليءَ جي وياڪرڻي ساخت ۾ جيڪي خودمختيار/ آزاد صورتون (Free forms)يا پروس / پابند صورتون (Bound forms) آهن. انهن کي استعمال جي خبر پوي ٿي."[4]

علم صرف جو بنيادي موضوع ٻوليءَ جي لفظن جي بناوٽ آهي. "لفظ اهو اُچاريل ايڪو آهي، جيڪو اڪيلي سر ٻوليءَ ۾ بامعنيٰ مستقل حيثيت رکي ٿو."[5]

لفظن جي علم موجب لفظن جا بنيادي بہ قسم بنيادي لفظ (Primary Word) ۽ ثانوي لفظ (Secondary Words) ٿين ٿا. بنيادي لفظن کي مفرد / سادو لفظ (Simple words) بہ چئبو آهي جڏهن تہ ثانوي لفظن جا ٽي قسم آهن، جن ۾ مرتب لفظ (Complex Words)، مرڪب لفظ (Compound Words) ۽ ٻٽا لفظ (Reduplicated Words) اچي وڃن ٿا. صرفيات جي مطالعي مان خبر

پوي ٿي ته مرڪب لفظن ۾ لفظن جي هڪ اهڙو قسم به موجود آهي، جنهن کي گڏا لفظ (Hybrid Word) چئجي ٿو.

**گڏا لفظ تعارف**

ٻولي هڪ سماجي پيداوار آهي ۽ ان ۾ سماجي تبديليون پڻ اثر انداز ٿينديون رهنديون آهن. سماج ۾ مختلف طبقن، ڪمن ڪارين، نسلن ۽ پرتن جا ماڻهو رهندا آهن جن جو ٻوليءَ جي واهپي ۽ تبديلين سان سڌو واسطو هوندو آهي. مثلاً هڪ جاگرافيائي حد جا ماڻهو پرپاسي جي جاگرافيائي حد جي ماڻهن کان مختلف ٻولي ڳالهائن ٿا ۽ جيڪڏهن ساڳي ٻولي ڳالهائن به ٿا ته انهن ۾ آوازن، لهجن، نالن، ۽ لفظن جا فرق واضع نظر ايندا آهن. ان سلسلي ۾ جڏهن مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو پاڻ ۾ ملن ٿا ته اهي هڪ ٻئي جي ٻولين تي گهرو اثر پڻ وجهن ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ٻوليءَ اندر ٻي ٻوليءَ جي لفظن، لهجن، صرفين، آوازن ۽ معنائن جي شموليت ٿئي ٿي. جڏهن هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ٻي ٻولي جو لفظ استعمال ڪري پر ان ۾ پنهنجي ٻوليءَ جو ڪو لفظ اهڙي انداز ۾ ملائي ڪري ڳالهائي جو آيل تبديليءَ مان ائين لڳي ته ڄڻ اهو نئون لفظ سندس ٻوليءَ جو ئي هجي. ان طريقي سان ٻوليون پرپاسي وارين ٻولين جا لفظ پاڻ پنهنجي مزاج ۾ شامل ڪنديون آهن. اهڙن مثال ۾ ڏسجي ته گڏا لفظ (Hybrid Word) اسان کي چٽي طرح نظر اچن ٿا جيڪي ٻن ٻولين جي امتزاج مان جڙي ڪنهن به هڪ ٻوليءَ جي ساخت هيٺ اچي نئون رنگ روپ ۽ معنيٰ سان نروار ٿئي.

سنڌي ٻوليءِ اندر ريل گاڏي، پوليس ٿاڻو ڏڪي اسٽارٽ، آفيسر شاهي ۽ جيڪب آباد اهڙا لفظ آهن، جيڪي ٻين ٻولين سان مرڪب لفظ آهن. ”ريل“ انگريزي ٻوليءَ جي مفرد لفظ آهي ۽ ”گاڏي“ سنڌي ٻوليءَ جي مفرد لفظ آهي، يعني هي لفظ ٻن ٻولين مان گڏيل طور جڙيل آهن، اهڙن لفظن کي سنڌي صرفيات، لسانيات موجب گڏا لفظ (Hybrid word) چئبو آهي.

**برطانوي لسانيات جي ماهر ڊيوڊ ڪرسٽل مطابق**

"Hybrid (adj./n.) In historical linguistics, a word composed of elements from different languages. An example of a hybrid term ('a hybrid') is television, which comprises elements from both Latin and Greek"(6)

لساني ماهر گينر مطابق

Hybrid word: "A composed of elements originating from more than language E.g. Automobile Composed of The greek Auto and the Latin mobile." [7]

"هڪ لفظ پنهنجي ٻوليءَ جو ۽ ٻيو لفظ ڌاري ٻوليءَ جو پاڻ ۾ ملائي ٻه مرڪب لفظ ٺاهبو آهي، جيئن ريل گاڏي، آگبوٽ، ملِ مالڪ، جيڪب آباد، جيمس آباد، پلنامو، خانچند، پوليس ڪاتو وغيره اهڙن لفظن کي گڏيا لفظ چئبو آهي." [8]

گڏين لفظن لاءِ ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ اڌاريل لفظ (Loan blend) جي اصطلاح ڪم آڻيندي لکي ٿو ته:

"ٻولين ۾ جڏهن ڌاريا لفظ اڌاريا وڃن ٿا، تڏهن لساني مداخلت يعني ڳالهائيندڙ جي اصلي ٻوليءَ تي اثرن جي ڪارڻ ٻوليءَ جا اهل زبان (Native Speakers) انهن لفظن کي سندن ٻوليءَ جي فطري مزاج ۽ بناوت جي اصولن موجب اچارن ٿا. ٻوليءَ جي اهڙي اندروني اثر جي ڪري ڪجهه ڌاريا لفظ ديسي اثرن سان نئين شڪل وٺي بيهن ٿا. اهي مختلف ٻولين جي جزن سان ٺهيل هوندا آهن يعني، ڪجهه اڌاريل جزن ۽ ڪجهه ديسي ٻوليءَ جي موجود لفظ جي متبادل جزن تي مشتمل." اڳتي مثال ڏيندي وڌيڪ لکي ٿو ته:

"انگريزي اصطلاح ۾ ڪين (loan Blends) ۽ گاڏڙ جزن تي مشتمل هئڻ ڪري (Hybrid) به چئجي ٿو سنڌيءَ ۾ اهڙن لفظن کي به ٻوليائي يا گڏيا لفظ به ڪوٺيو ويندو آهي، مثال طور : نمبروار، ڏڪا اسٽارٽ ۽ ڊاڪٽرياڻي ( انگ + سن) آزموتو رسائيندڙ( ف + سن) خلقيل، وقتائتو(ع +سن) جنميو مسڪرائڻ (ه + سن) وغيره " [9]

ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ پاران ڄاڻايل وصف جيتوڻيڪ ڪجهه ڏکي آهي پر تفصيلي آهي ان جي ڀيٽ ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي پاران ڄاڻايل وصف گهڻي قدر سولي ۽ واضح آهي. مٿي عالمن پاران ڄاڻايل وصفن موجب اسان اُهو چئي سگهون ٿا ته اهڙا لفظ جيڪي ٻن ٻولين مان گڏجي هڪ مرڪب جوڙن يعني، انهن مفرد جزن مان هر هڪ لفظ الڳ الڳ ٻوليءَ سان واسطو رکي انهن کي گڏيا لفظ(Hybrid word) چئبو آهي.

مثال طور: "ليٽ ڪرڻ " مرڪب لفظ طور استعمال ٿيندو آهي، هن لفظ ۾ ٻه مفرد "ليٽ" ۽ "ڪرڻ" آهن جنهن ۾ پهريون "ليٽ" انگريزي ٻوليءَ جي لفظ ۽

ٻيو "ڪرڻ" سنڌي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي گڏيل معنيٰ "دير ڪرڻ" ٿيندي.

**سنڌي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جو اثر**

گڏيل لفظن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ نهڻ يا جڙڻ جا هوئن ته ڪيترائي سبب آهن، پر هڪ سڀ کان وڏو سبب سنڌ اندر مختلف دورن اندر مختلف سياسي اٿل پٿل آهي. جنهن ڪارڻ تقريبن 1300 سال سنڌ مٿان ٻيون ٻوليون نافذ رهيون، جنهن ۾ عربي، فارسي ۽ انگريزي شامل هيون. تنهن بعد ورهاڱي بعد اردو زبان سڌي نه به پر اڻسڌي طرح حاوي رهي آهي.

1853ع کان پهرين سنڌي صورتخطيءَ جو نه هجڻ ڪري، سنڌ لکت ٻين ٻولين جي مدد سان لکي ويندي هئي. جنهن سبب انهن ٻولين جا لفظ ماڻهن تي اثر ڇڏيندا هئا.

عربي فارسي ۽ انگريزي جو زوري مڙهڻ ۽ انهن کي فڪري ٻوليءَ جو حق ڏيڻ سان گڏ پوري برصغير ۾ اهو تاثر ڏنو ويو ته جيڪي به ماڻهو انهن دفتري ٻولين ۾ پڙهندا، سکندا ته انهن کي سرڪار طرفان مراعتون پڻ ملنديون. انهيءَ سبب جي ڪري هڪ وڏو پڙهيل لکيل ماڻهن جو انگ انهن ٻولين کي اپنائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهيو ۽ اهو ماڻهن جي انگ انهن ٻولين کي اپنائي ورتو. وچين دور ۾ اهو مشهور هو ته "فارسي پڙهسي، گهوڙي چاڙهسي" اهو هڪڙو پورو دور گذريو ته برصغير تي انگريزن پنهنجو ڏاڪو ڄمايو انگريزن سنڌي ٻوليءَ لاءِ سٺا قدم ضرور کنيا پر ان دور کان انگريزي ٻوليءَ کي عالمي سطح جي مقبوليت ڏياري وئي، انگريزي ٻوليءَ کي دنيا جي انهن ٻولين جي فهرست ۾ آندو ويو جيڪي ٻين ٻولين کان اعليٰ سمجهيون وڃن ٿيون، اهڙي طرح اها پوري عرصي دوران سنڌي ٻوليءَ تي حاوي رهي، ان وچ ۾ فارسي عربي جي حاوي ٿيڻ وارو سلسلو ڪجهه گهٽيو پر ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بعد جڏهن اردوءَ کي ملڪ جي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو، سياسي اٿل پٿل ٿي، ون يونٽ قائم ڪري، سنڌي شهرن ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ لک پڙهه ۾ سڌي اڻ سڌي طرح پابندي لڳائي وئي ته ان وقت اردو سان گڏ فارسيءَ جو رجحان ٻيهر شروع ٿيو ۽ ماڻهن جو وڏو حلقو ان طرف وڌڻ لڳو ۽ اڄ تائين سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندي اردو ۽ انگريزيءَ جا لفظ گڏائي ڳالهائن ٿا. ان سڄي مرحلي ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ

طرف نقصان تہ ٻئي طرف فائدو پڻ رهيو فائدو اهڙو ٿيو جو ڪيترائي اهڙا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي وجود ۾ آيا.

”زنده زبانون اهي آهن جيڪي حالتن جي پيش نظر ٻين زبانن جو اثر قبول ڪن اهو قدرتي امر پڻ آهي، ان امر جي دائري ۾ ڌاري ٻوليءَ جا لفظ اچي وڃن ٿا“ (10)

ڌارين لفظن کي سنڌي ٻوليءَ پنهنجي مزاج مطابق استعمال ڪري پنهنجو ڪيو عام طور تي سنڌيءَ ۾ هنن لفظن تي لساني بنياد تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي آهي.گڏيا لفظ (Hybrid word) هن وقت سنڌي ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويا آهن. هن تي علمي بنياد تي ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏين لفظن جئين ئي گڏيا جملا پڻ عام واهپي ۾ استعمال ٿيندي نظر اچن ٿا، جن جو استعمال روز مره جي زندگي خاص ڪري اڄ جي ٽيڪنالوجي جي دور ۾ اسان کي گهڻي تعداد ۾ ٿيندي نظر اچي ٿو گڏيا جملا پڻ آهن جن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻولين جا لفظ هجن اهڙن جملن کي گڏيا جملا چئي سگهجي ٿو. مثال:

اسان جا استاد سوسائٽي ۾ بهترين رول ادا ڪندا آهن، جديد دير ۾ ماڻهو ڪمپيوٽر تي آنلائن ڪمائي ڪري رهيا آهن.

**اڳ ٿيل تحقيق**

سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏين لفظن بابت تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي، مذڪوره موضوع تي سنڌي لسانيات ۾ گڏين لفظن تي پروفيسر علي نواز ”حاجن“ خان جتوئي، ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ (1968ع) ۾ گڏين لفظن بابت وصف ڏئي، اشارو ڏنو آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ (2022) ”شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي لسانيات“ ۾ گڏين لفظن بابت ڪم ٿيل آهي پر تنهن هوندي بہ هن گڏين لفظن تي ڪم ڪرڻ جي تمام گهڻي گنجائش باقي آهي.

**تحقيق جو دائرو:**

هن تحقيق جو دائرو سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏين لفظن جي نشاندهي ۽ انهن جي استعمال سان گڏ گڏين لفظن جي جوڙجڪ جي اڀياس تائين محدود آهي.

ان سان گڏ هن تحقيق ۾ ان تي بہ روشني وڌي ويندي تہ گڏيا لفظ نهڻ جو ضرورت ۽ اهميت ڪيتري آهي.

**تحقيق جا مقصد ۽ سوال:**

هن تحقيق جو بنيادي مقصد سنڌي صرفيات ۾ گڏين لفظن جي جي مجموعي طور تي جاچ ڪرڻ ۽ انهن جي نشاندهي ڪرڻ آهي، ان سان گڏ ان جي جوڙجڪ ۽ استعمال، انهن جي جڙڻ جا سبب ۽ ٻوليءَ ۾ مختلفن ٻولين مان اثر وٺڻ بابت معلومات ملي سگهندي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيا لفظ فني طور تي مرڪب لفظن ۾ شامل ٿين ٿا، ڇاڪاڻ تہ گڏين لفظن جي جڙڻ وارو هيئت يا گهاڙيٽي تي جڏهن غور ڪجي ٿو تہ اهو مرڪب لفظن جي اصولن مطابق قائم ٿيندي نظر اچي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏين لفظن جي نہ رڳو جوڙجڪ پر انهن جا گردان توڙي استعمال مرڪب لفظن جي مطابق ٿين ٿا جيئن "بيل گاڏي" گڏائپ رڪندڙ مرڪب لفظ آهي، جنهن جي معني آهي ڏاند گاڏي. بيل گاڏي ٻن ٻولين (بيل+اردو) ۽ (گاڏي+سنڌي) جو گڏيل لفظ آهي. يا وري "چينج ڪرڻ" گڏائپ رڪندڙ مرڪب لفظ آهي. جنهن جي معني آهي: تبديل ڪرڻ. چينج ڪرڻ ٻن ٻولين (چينج+انگريزي) ۽ (ڪرڻ+سنڌي) جو گڏيل لفظ آهي. ان لفظ اندر موجود ٻئي صرفيات الڳ الڳ ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا. تنهن ڪري ان لفظ کي گڏو لفظ چئجي ٿو.

مٿئين مثال مان اها ڳالھ ثابت ٿئي ٿي تہ گڏيا لفظ مرڪب لفظن جي اصولن موجب ٺهن ٿا فقط انهن ۾ صرفيا الڳ الڳ ٻولين جا ٿين ٿا، تنهنڪري ان بابت اها راءِ ڏئي سگهجي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيا لفظ مرڪب لفظن جا قسم آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏين لفظن جو وڏو تعداد موجود آهي، جيڪي عربي، فارسي، انگريزي توڙي اردو مان جڙي راس ٿيا آهن. هن قسم جا لفظ روزمره جي زندگيءَ ۾ لکت توڙي ڳالهائڻ ۾ تمام گهڻا استعمال ٿين ٿا، خاص ڪري وڏ گهراڻن توڙي پڙهيل لکيل خاندانن ۾ گڏين لفظن جو استعمال عام جام آهي، جنهن جو سنڌي ٻوليءَ تي تمام گهڻو اثر آهي، انڪري ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏيا لفظ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا، گڏين لفظن جي موجوده دور ۾ اهميت افاديت ڏسي اها تجويز ڏجي ٿي تہ گڏين لفظن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ويا ڪرڻي اصولن موجب فني ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي، جيئن هن قسم جا لفظ بہ پنهنجي حيثيت برقرار رکي سگهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏبن لفظن جون ڪيترين ئي صورتون ملن ٿيون، جيڪي اڪثر ڪري صوتياتي صرفياتي توڙي نحوياتي صورتن ۾ آهن. اهي صورتون مختلف ٻولين جي ڳالهائڻ جي لفظن مان جڙن ٿيون. انهن ۾ ڪجهه گڏبا لفظ اسم ۽ اسم پاڻ ۾ ملي ڪري ٺهن ٿا جيئن جيمس آباد، ريل گاڏي ۽ صوبائي اسيمبلي وغيره

اسم ۽ فعل مان لفظ جڙن ٿا جيئن سگريٽ سڙاڻ، آگ لڳائڻ وغيرو

اسم ۽ حرف جر مان آشيان وارا، پوليس واري وغيره

ظرف ۽ اسم مان زيرانتظام، اڻ رجسٽر، وغيره

اهڙي طرح ٻيا لفظ اسم،، صفت، حرف جر پاڻ ۾ ملي نوان لفظ جوڙن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ کي جتي پنهنجا نج لفظن جو تمام وڏو ذخيرو موجود آهي، اتي ٻين ٻولين جا ڪيترائي لفظ مروج پڻ آهن، جيڪي مختلف دورن ۾ مختلف ٻولين جي اثرن هيٺ سنڌي ٻوليءَ جو حصو بڻيا آهن. انهن لفظن مان ڪافي لفظ گڏبن لفظن طور استعمال ٿي رهيا آهن، جن مان عربي، فارسي، انگريزي ۽ اردو جي لفظن جي گڏائپ سان جڙيل لفظن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

عربي ٻوليءَ مان جڙيل گڏبا لفظ

| گڏو لفظ | گڏائپ | صورت |
|---|---|---|
| رب ڏنو | عربي + سنڌي | اسم+ اسم |
| الله وسايو | عربي + سنڌي | اسم +اسم |
| ڏني بخش | عربي + سنڌي | اسم+اسم |
| الله واهي | عربي + سنڌي | اسم + اسم |
| الله تو آهر | عربي + سنڌي | اسم+ اسم |
| خيرپور | عربي + سنڌي | اسم+ اسم |
| الله ڏنو | عربي + سنڌي | اسم+ اسم |

فارسي ٻوليءَ مان جڙيل گڏا لفظ

| گڏو لفظ | گڏائپ | صورت |
|---|---|---|
| تنڊو نوڙهو | فارسي+ سنڌي | اسم + اسم |
| بي وڙو | فارسي+ سنڌي | اسم +اسم |
| بت پرستي | فارسي+ سنڌي | اسم + اسم |
| آشيان وارا | فارسي+ سنڌي | اسم + حرف جر |
| زيرانتظام | فارسي+ سنڌي | ظرف+ اسم |
| گرم جوشي | فارسي+ سنڌي | اسم+ اسم |

انگريزي ٻوليءَ مان جڙيل گڏا لفظ

| گڏو لفظ | گڏائپ | صورت |
|---|---|---|
| پوليس وارو | انگريزي+ سنڌي | اسم+ حرف جر |
| جيمس آباد | انگريزي+ سنڌي | اسم + اسم |
| پوليس ٿاڻو | انگريزي+ سنڌي | اسم+ اسم |
| ڏکي اسٽارٽ | سنڌي انگريزي | اسم + فعل |
| ليٽ ڪرڻ | سنڌي + انگريزي | صفت+ فعل |
| اڻ رجسٽر | سنڌي+ انگريزي | ظرف + اسم |
| سگريٽ دکائڻ | انگريزي+ سنڌي | اسم + فعل |

اردو ٻوليءَ مان جڙيل گڏا لفظ

| گڏو لفظ | گڏائپ | صورت |
|---|---|---|
| بيل گاڏي | اردو+ سنڌي | اسم + اسم |
| آگٻوٽ | اردو+ سنڌي | اسم + فعل |
| آگ لڳائڻ | اردو+ سنڌي | اسم + فعل |
| چاند رات | اردو+ سنڌي | اسم + اسم |
| پلنامو | اردو+ سنڌي | اسم+ اسم |
| جهولي ڦهلائڻ | اردو+ سنڌي | اسم+ فعل |

**نتيجو:**

سنڌي ٻولي جو شمار دنيا جي قديم ٻولين ۾ ٿئي ٿو سنڌي ٻوليءَ جو ڳاٽيتو انهن ٻولين ۾ آهي، جيڪي ٻوليون پنهنجي سفر ۾ ڪيترن ئي تاريخي، سياسي، سماجي ۽ تهذيبي دورن مان گذريون آهن، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي تي ڪيترائي منفي توري مثبت اثر پوندا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ تي پوندڙ لساني اثرن مان هونئن ته ڪيترائي لساني فائدا ايندي نظر اچن ٿا پر انهن مان هڪ اهم اثر ٻين ٻولين جا لفظ جذب ڪري، انهن کي پنهنجو بڻائي، انهن مان گڏبن لفظ جڙڻ پڻ آهي. گڏا لفظ انهن لفظن کي چئجي ٿو جيڪي ٻن ٻولين مان جڙيل هجن، جن کي انگريزي ۾ (Hybrid Words) سڏجي ٿو.

هن مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي، فارسي، انگريزي ۽ اردو ٻوليءَ مان جڙيل گڏبن لفظن جي پسمنظر توڙي انهن جي استعمال کي مثالن سان پيش ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏبن لفظن کي لکت توڙي زباني طور استعمال ٿيندي اُهو چئجي ٿو ته هن قسم جي لفظن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي اهميت آهي، تنهنڪري هن قسم جي لفظن کي اهميت ڏيڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي گڏا لفظ موجود آهن جن جا متبادل لفظ ٻوليءَ ۾ موجود هجڻ ڪري اهي استعمال هيٺ آهن، مثال : ”ليٽ ڪرڻ “ جي لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ”دير ڪرڻ“، ”چينج ڪرڻ“ لاءِ ”تبديل ڪرڻ“ متبادل لفظ موجود آهي، تنهنڪري اجايو گڏبن لفظن جي استعمال بدران ٻوليءَ ۾ مروج اُهي لفظ استعمال ڪجن ته اهي ٻوليءَ جي بقا لاءِ سنو سئنوڻ ثابت ٿي سگهن ٿا.

**حوالا:**


1. سيوهاڻي، حڪيم فتح محمد، آفتاب ادب عرف ساهت جو سج، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، ڇاپو چوٿون، 1983ع (ص 4)
2. مهر چند، ڀيرومل آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، جامشورو سنڌي ادبي بورڊ
3. سفير، شازيه، ڊاڪٽر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي ابياس، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 2012ع (ص 38)

4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر،سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 2023ع، (ص 237)

5. جتوئي، علي نواز حاجن، علم لسان ۽ سنڌي ٻولي ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 2018ع، (ص 110)

6. David Crystal, A Dictionary of Linguistics and Phonetics : BLACKWELL PUBLISHING, Six Edition, 2008 (P 232)

7. Gayor, Frank, Dictionary of linguistics, peter Own limited London (P 93)

8. جتوئي، علي نواز حاجن، علم لسان ۽ سنڌي ٻولي ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 2018ع، (ص 167)

9. ڪلوڙ عبدالوحيد ڊاڪٽر، شيخ اياز جي شاعريءِ جي سماجي لسانيات: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2022ع (ص 18,19)

10. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1980ع (ص 35)

**Introduction to th Contributors:**

**Dr. Ghafoor Memon,** Is Ex Chairman Sindhi Language Authority Hyderabad, Ex. Chairman Department of sindhi university of Karachi. He is author of many books and research papers.
**Dr. Sher Mehrani**, Research Scholar is working as an Assistant Professor in the Department of Sindhi, University of Karachi. He is Writer and poet. many research papers, articles and fifteen literary books or on his his credit.
**Dr. Rab Dino** (Raaz Shahahani) is secretary at sindhi Language authority Hyderabad. He is author of many books and research papers
**Dr. Anwar uddin kaka** is Assistant Professor at Special Education Department Government of Sindh. He has authored Six research papers. Six published books are on his credit.
**Dr. Akhter Hussain Ghunio** is Assistant Professor at Special Education Department Government of Sindh. He has authored Six research paper. Two unpublished books are on his credit.
**Dr. Qadeer Ahmed Kandhro**, Research Scholar is working as an Assistant Professor (Sindhi), Govt. Boys Degree College, Sachal Goth, @ Ghazi Goth, Karachi. Seven research papers to his credit.
**Dr. Ahmed Hussain Kolachi** Research Scholar is working as an Assistant Professor at college Education Department Government of Sindh. He has authored Seven research paper. Three unpublished books are on his credit.
**Prof. Sajida Parveen** (Saabhiyan Sangi) is Associate Prof at Govt Girls Degree College Green Belt Karachi. She is a poet and writer. She has authored ten research papers. Two published and five unpublished books are on her credit. She is MPhil scholar at department of sindhi Federal Urdu university Karachi.
**Engineer Zuber Ahmed Kalwar,** Is project director at university of Karachi. He is PhD scholar at Department of sindhi university of Karachi
**Nadeem Baloch**, Has Done his MPhil from Shah Abdul latif university Khairpur. He is PhD scholar at Department of Sindhi University of Karachi
**Ms. Munaza Nazeer**,is Lecturer in college education department. She is PhD scholar at Department of sindhi university of Karachi
**Ms. Bibi Fatima Abro** is Lecturer at college education department Govt of Sindh. She has authored five research paper. Two unpublished books are on her credit. She is PhD scholar at department of sindhi university of Karachi.
**Mr. Sardar Ali Chanar,** Is young scholar, author of few research papers

Recognized by Higher Education Commission

# KAROONJHAR

Bi- annual
(RESEARCH JOURNAL)

ISSN# 2222-2375

VOl. 19. ISSUE 32. December 2025

CHIEF EDITOR
DR. INAYAT HUSSAIN LAGHARI

EDITOR
DR SEEMA ABRO

DEPARTMENT OF SINDH
Federal Urdu University of Arts, Science & Technology,
Abdul Haq Campus, Karachi, Sindh, Pakistan